# لطائف لطيفي

مير عبدالحسين سانگي

# لطائف لطيفي

ڇپائيندڙ
شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه، حيدرآباد سنڌ

# متن لطائف لطیفی

# لطائف لطيفي

## ( احوال ۽ آثار شاھ عبداللطيف ڀٽائي )

تاليف

مير عبدالحسين خان سانگي

مترجم

عبدالرسول قادري بلوچ

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

چاپو پهريون ] [ تعداد ٢ هزار

ڇپجڻ جي تاريخ:- صفر ١٤٠٧ھ/آڪٽوبر١٩٨٦ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملهه:- ٠٠-٢٥ رپيا

هي ڪتاب علمي پرنٽرس، الڪرم اسڪوائر ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.
عبدالحميد آخوند، سيڪريٽري پٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ
ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


نـذر عقيدت

مقـدمـو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ديبـاچـو مؤلف مير عبدالحسين سانگي

ڪتاب جي شروعات ـــــــــــــــ ۴

شجرو مبارڪ ـــــــــــــــ ۴

سنڌ ۾ متعلوي ساداتن جي اچڻ جو احوال ـــــــ ۱۵

پيري مريدي جو سلسلو ـــــــــــــــ ۱۸

داستان جي شروعات ـــــــــــــــ ۲۰

حڪايت ۱ کان حڪايت ۳۶ ـــــــ ۲۱ _ ۱۴۴

ـــ تاريخن جو ضميمو ـــــــــــــــ ۱۳۸

ـــ شرڪ جي کهاڻي، پيغمبري دين جـي هيٺاڻي ۽ ڪلا غيبت جي زيادتي جي بيان ۾ ۱۴۱

ـــ آخري گذارش ـــــــــــــــ ۱۴۲

# نذر عقيدت

آئون هي پيار جو پورهيو خلوص دل ۽ محبت سان حضرت شاهه صاحب جي عاشق ۽ پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نالي منسوب ڪريان ٿو. جنهن هن ڪتاب "لطائف لطيفي" فارسي کي قلمي صورت مان ڪيڏي محنت ڪري نروار ڪيو.

اميد ته هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو حضرت شاهه صاحب جي عاشقن لاءِ روح جي راحت ٿيندو.

سوئي دريا تحفه آوردم صدف
گر قبول افتد زهي عز و شرف

— عبدالرسول قادري بلوچ
ڏڙي مکسي سڪرنڊ
ضلع نواب شاهه سنڌ

١ رجب ١٤٠٦هه
١٣ مارچ ١٩٨٦ع

# مقدمو

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي ۳۰ نومبر ۱۹۶۶ع جي گڏجاڻي ۾، هن ڪتاب ”لطائف لطيفي“ جي شايع ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. ان گڏجاڻي ۾ طئه ٿيو ته، ڪميٽي اهي قلمي ڪتاب شايع ڪري، جيڪي شاهه عبداللطيف (۱۱۰۲هه-۱۱۶۵هه/۱۶۹۰ع-۱۷۵۲ع) جي احوال ۽ آثار تي شامل هجن ۽ اڃا تائين شايع نه ٿيا آهن. پوءِ راقم پهريان هن ڪتاب ”لطائف لطيفي“ فارسي کي شايع ڪرڻ لاءِ چونڊيو.

هن ڪتاب جو مؤلف مير عبدالحسين خان سانگي“ ٽالپور خاندان مان آهي. جن سنڌ تي ۱۱۸۶هه کان ۱۲۵۹هه تائين حڪمراني ڪئي. سنه ۱۲۵۹هه مطابق ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، ۽ ٽالپور اميرن کي گرفتار ڪري، هندستان جي مختلف جڳهن تي قيد ۾ رهايائون. انهي مير عبدالحسين خان ولد مير عباس علي خان ولد مير محمد نصير خان شهدادائي (جيڪو سنڌ ملڪ جو آخري تاجدار هو) ڪلڪتي شهر ۾ ۱۲۶۷هه مطابق ۱۸۵۱ع ۾ ڄائو. سانگي پنهنجي هڪ سنڌي غزل ۾ انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته:

”اسان جو ملڪ بنگالو، الا يا ايها الساقي“

عبدالحسين سانگي جو ننڍپڻ انگريزن جي قيد ۾ گذريو ۽ سندس والد پڻ انهي سنه ۱۸۵۷ع ۾ فوت ٿيو. جڏهن سنڌ جا مير سنه ۱۸۵۹ع ۾ قيد بند کان آزاد ٿي پنهنجي وطن آيا ته، ان وقت عبدالحسين خان اٺن سالن جو هو. عبدالحسين خان به پنهنجي پيءُ جي سؤٽ مير حسين علي خان ولد مير نورمحمد خان سان گڏ حيدرآباد سنڌ ۾ پهتو.

ڪلڪتي ۾ عبدالحسين خان فارسي ٻولي جي ابتدائي تعليم سيد مرزا حسن علي عرف مرزا بزرگ "وفا" کان حاصل ڪئي. حيدرآباد سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ آخوند احمد ولد آخوند عبدالعليم هالائي کان وڌيڪ درس ورتائين. فارسي ۽ اردو شعر ۾ مولوي ابوالحسن ولد مولوي مهدي حسن لکنوي ۽ سنڌي شعر ۾ غلام محمد شاهه "گدا" کان اصلاح ورتائين.

پاڻ فارسي ۽ اردو جي قديم ۽ جديد شاعرن جو شعر مطالعو ڪري، ان مان انتخاب ڪيائين، پر سندس دل تي خاص اثر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سنڌي بيتن ۽ واين جو ٿيو. اهڙي طرح شاهه عبداللطيف جو رسالو لکرائي انهن قلمي نسخن کي شايع ڪيائين ۽ حضرت شاهه صاحب بابت روايتون گڏ ڪري، هي ڪتاب "لطائف لطيفي" مرتب ڪيائين.

عبدالحسين خان جو سندس پنهنجي وقت ۾ شعر ادب جي ذوق ۾ بلند مرتبو هو. سنڌي شعر ۾ پنهنجو تخلص "سانگي" رکيائين ۽ غزلن جا ٻه ديوان منظوم ڪيائين. اردو ۽ فارسي ۾ غزل، مثنويون ۽ شعر "عبدالحسين" جي نالي سان چيائين. سنڌي نثر ۾ افسانا لکيائين ۽ فارسي نثر ۾ هي ڪتاب "لطائف لطيفي" تاليف ڪيائين. البت سندس طبيعت جو گهڻو لاڙو نظم ڏانهن هو. جيئن هن ڪتاب ۾ به سندس نظم جي عبارت نثر کان نرالي آهي.

سندس همعصر اديب ۽ شاعر جن سان عبدالحسين خان "سانگي" صحبتون ڪيون گهڻا هئا، جيئن ته: غلام محمد شاهه "گدا"، ميون وڌل "حيدري"، صاحبڏنو شاهه بلڙي وارو، مير محمد حسين شيرازي "ناخدا"، سيد تقي شاهه قنڌاري "تائب" وزير چام لسبيلو، مرزا محمد شفيع "مشتري"، ميان امداد علي ٻڙدي بلوچ "امداد"، سيد فاضل شاهه "فاضل"، آخوند احمد هالائي "احمد"، آخوند اميد علي "سها"، آخوند محمد قاسم هالائي

"قاسم"، حافظ حاجي حامد "حامد"، محمد يوسف "مسڪين" فضل محمد "ماتم"، رسول بخش "رهي"، مرزا قليچ بيگ "قليچ" مرزا دوست محمد "دوست" ۽ ٻيا جن فاضلن جو "سانگي" سان دوستيءَ جو ناتو هو، اهي هي هئا: سيد غلام محمد شاهه "گدا" سيد صاحبڏنو شاهه گادي نشين بلڙي شريف (جيڪو شاهه عبداللطيف جي وڏي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم جو آخري آرامگاهه آهي) ۽ ميون وڏل علوي قادري تخلص "حيدري" (شيخ ريحان جي اولاد مان ساڪن سعيد پور، مضافات حيدرآباد). "لطائف لطيفي" جو هيءَ نسخو تاريخ ١٠ آگسٽ ١٩٨١ع مطابق ۴ محرم ١٣٠٨هه تي "سانگي" پاڻ "حيدري" کي تحفي طور ڏنو هو، جيئن ته هن ڪتاب جي آخر واري عبارت مان واضح آهي.

مير عبدالحسين خان تاريخ ٨ ذوالقعده ١٣۴٣هه - ١٢ جون ١٩٢۴ع تي وفات ڪئي. حضرت شاهه عبداللطيف جي پاڙي ۾ پٽ شاهه تي دفن ٿيو. سندس قبر لطيفي روضي جي پاهران اولهه طرف آهي.

"لطائف لطيفي" کي سانگي "تاريخ ١٠ ذوالقعد ١٣٠٥هه ١٩ جولاءِ ١٨٨٨ع جمعي جي ڏينهن" ترتيب ڏئي پورو ڪيو. ظاهراً ڪجهه عرصو ان کان اڳ هو شاهه عبداللطيف سان منسوب روايتن ۽ حڪايتن کي گڏ ڪرڻ ۾ مشغول هو. جيئن ته سانگي هنن حڪايتن گڏ ڪرڻ وقت محبت ۽ عقيدت جي جذبي سان سرشار هو، ان ڪري هنن روايتن ۽ حڪايتن ۾ خوش اعتقادي کي دخل آهي. ڪي حڪايتون ته ڪچيون ڦڪيون به آهن، تنهن ڪري انهن حڪايتن کي صداقت جي ڪسوٽي تي پرکڻ لاءِ تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي. مخدوم "مير پير پنج پڳيم" گادي نشين مخدوم نوح هالائي جي حضرت شاهه عبداللطيف سان مخالفت ممڪن آهي. پر روايت جو تفصيل ۽ انداز بيان جيڪو "پنجين حڪايت" ۾ آيل آهي، سو مبالغي کان خالي

۾ قدم رکندا ته ضرور هن مان رهنمائي حاصل ڪندا.
الفضل للمتقدم.

اسان کي خبر آهي ته، حضرت شاه عبداللطيف جو احوال اڄ تائين تشنهٔ تحقيق آهي. هيءَ ڪم اڄ ڪنهن صحيح معنيٰ ۾ شروع ئي نه ڪيو آهي. بهرحال لطائف لطيفي، شاه لطيف جي سوانح حيات جي باب ۾ هڪ اهم بنيادي ماخذ آهي. اميد آهي ته هن ڪتاب جي اشاعت محققن لاءِ مشعل راه ثابت ٿيندي.

— نبي بخش خان بلوچ

ايڊوائيزر نيشنل هجره ڪائونسل
اسلام آباد

۲۶- ذوالقعده ۱۴۰۶هه
۳ آگسٽ ۱۹۸۶ع

# ديباچو

سانگي، ديباچي ۾، حقيقت محمدي، ماهيت مرتضوي، عالم روح ۽ عالم رنگ وبو جي ذڪر کان پوءِ ڪتاب جي تاليف جو سبب بيان ڪندي چوي ٿو ته :- هن ڪتاب "لطائف لطيفي" جي تصنيف تاليف هن طرح ٿي جو، حضرت شاهه صاحب بابت جيڪي حڪايتون روايتون ۽ ونڊڙ نڪتا مائهن کان ٻڌندو هوس ته، اهي مبالغي کان خالي ۽ تمام آسان عبارت ۾ لکندو ويس. ڇو ته منهنجو مقصد خودنمائي ۽ عبارت آرائي ڪرڻ نه آهي، پر منهنجي دل جو رايو هي آهي ته، ڪتاب ۾ عام مروج لفظ هجن يعني ڪتاب جي ٻولي سولي ۽ عام فهم هجي- جيڪڏهن اتفاق سان ڪو ڏکيو لفظ آهي ته، ان جي عيوض سنڌي يا ٻئي لفظ معنيٰ سان آيل آهن ته، جيئن مطالعي ڪندڙن کي لغت جو ڪتاب ڏسڻو نه پوي.

مخفي نه رهي ته، هن کان ڪجهه سال اڳ درگاهه شريف جا پيرمن فقير ۽ درويش جيڪي جسماني سالڪ ۽ روحاني عارف هئا، جن کي حضرت شاهه صاحب جا ڪرامت پريا داستان ياد هئا، انهن سان ملاقي ٿيس ۽ انهن کان اهي داستان به ٻڌم، پر جواني ديواني جي دور ۾ ڪا ڪل ڪانه ٿي پوي، پر ان جي باوجود حضرت شاهه صاحب بابت ڪو نڪتو مليو ٿي ته لکندو ويندو هوس.

آخر اهو اچا اڻ پورو رسالو هو جو مير گل حسن خان بهادر وٽ پهتو ۽ اتان اهو برڪت پريو رسالو مطالعي واسطي مير امير علي خان ڪنيو. ڪجهه وقت کان پوءِ مرزا قليچ بيگ


ڳل بقا وارو رهــي ٿو. سهڻو سخن نيڪي سان ياد ڪيو ويندو آهي ۽ سخن بد، خراب ڏي ڪڍيو ويندو آهي. جيئن مشهور آهي: ”مومن، مومن جو آئينو آهي.“ اميد آهي ته، عبدالحسين جو هي نخسو يادگار رهندو.


# ڪتاب جي شروعات

سانگي - حمد، صلواة ۽ اهلبيت تي سلام کان بعد، هاهوت باهوت، لاهوت، جبروت، ملڪوت، عالم مثال، عالم شهادت، عالم صورت ۽ عالم دنيا جي ذڪر کان پوءِ چوي ٿو ته، اهلبيت جو شجرو مبارڪ اول کان آخر تائين پاڪ ۽ پڻ مجيل آهي ته، قرآن ڪريم ۽ اهلبيت جدا نه ٿيندا، جيستائين حوض ڪوثر جي ڪناري تي پهچن. جيئن ته هي ڪتاب درياءِ مرتضوي جي موتي، مرشد سيد عبداللطيف شاه جي شان ۾ آهي. ان ڪري سندن شجرو مبارڪ درج ڪجي ٿو.


## شجرو مبارڪ


حضرت مرشدنا سيد عبداللطيف بن سيد حبيب شاه (جنهن کي چار فرزند هئا) بن سيد عبدالقدوس شاه (ان کي ٻه فرزند هئا) بن سيد جمال شاه (ان کي هڪ فرزند هو) بن سيد عبدالڪريم بلڙي وارو.



مرشدنا حضرت سید عبدالکریم شاہ بلڑي وارو
١
٢
٣
۴
٥
٦
٧
٨
سید لال محمد شاہ
سجادہ
سید عبدالرحیم
سید جمال شاہ
سید برھان شاہ
سید اللہ شاہ
سید دین محمد
سجادہ
سید حسین
سجادہ
سید عبدالقدوس
سید عبدالقدوس
سید حبیب شاہ
سید عبدالرشید




سید عبدالرشید
سید عبدالقدوس
سید نالی چڈو
سید کبیر محمد
سید عمدالقدوس
سید شہزادو
سید بیگ محمد
سید کامل شاہ
سید قائم محمد



سيد حبيب شاه
سيد عبداللطيف
حضرت مرشد زمان سيد عبداللطيف شاه تارڪ پڻائي
سيد جمال شاه
سيد عبداللطيف
درگاه لطيفي جي گادي نشينن جي شاخ جو شجرو هتان شروع ٿئي ٿو.
سيد ڪريم ڏنو شاه
سيد مبارڪ شاه


سيد ڪريم ڏنو شاهه
سيد جمال شاهه
درگاهه لطيفي جو پهريون گادي نشين ٿيو ۽ سندس قبر لطيف جي پاسي ۾ آهي ۽ گادي نشين هن جي اولاد مان آهن.
دوست محمد شاهه
سيد مبارڪ
سيد قبول
سيد مصري شاهه
قائم محمد شاهه
سيد شجاع
سيد بقا
سيد مقيم شاهه
سيد محسن
سيد عبدالرحيم
سيد ميرل شاهه
سيد عبدالرشيد


سید مصری شاہ
سید پیر محمد
سید نظر علی
سید احسان علی
یار محمد شاہ
سید پیر محمد
سید خان محمد
سید میرمحمد
سید نور محمد
سید یارمحمد
سید میرمحمد



سید جمال شاه
سید قائم الدین شاه
سجاده
سید قائم شاه
سجاده لطیفي
سید بچل شاه
سید منو
سید ولي محمد
سید مدد علي
سید مگیو
غلام حیدر شاه
سید دائود
سید حسین علي
معذور
سید شیر محمد
سید منو


سید قائم الدین
سید محمد علی
سید الله بخش
سید لطف علی
صاحب سجاده لطیفی
سید امید علی
سید محمد شاه
سید علی بخش شاه
صاحب سجاده
سید الله بخش شاه
سجاده لطیفی
سید ڈنل شاه
سید غلام شاه

- سيد ڏنل شاه
  - سيد مرشد لطف علي شاه
    موجود گادي نشين درگاه لطيفي
    - سيد علي بخش شاه
      جانشين
    - سيد ڏنل شاه
  - سيد دوست علي شاه

مخفي نہ رهي تہ، سيد عبدالڪريم شاه بلڙي واري ڪان وٺي حضرت اولياء صاحب (سيد عبداللطيف ڀٽائي) تائين شجرو تحرير ڪيو اٿم. هينئر متعلوني ساداتن جو سنڌ ملڪ ۾ اچڻ ۽ سيد عبدالڪريم بلڙي واري ڪان وٺي حضرت آدم عليه السلام تائين شجرو درج ڪجي ٿو:

سيد عبدالڪريم شاه بن سيد لعل محمد عرف لَلّہ شاه بن سيد عبدالمومن عرف ميهه شاه بن سيد هاشم شاه بن سيد حاجي شاه بن جلال محمد عرف جرار شاه بن سيد شرف الدين شاه [ان کي ٻہ پٽ هئا. (١) سيد گهريہ عرف ڪمال (٢) سيد احمد] بن سيد مير علي شاه (ان کي ٻہ پٽ هئا (١) سيد احمد (٢) سيد ابراهيم. سيد احمد کي بہ ٻہ پٽ هئا (١) سيد چتو (٢) سيد صاحب. سيد چتي کي بہ ٻہ پٽ ٿيا (١) سيد نٿو (٢) سيد مير حسن. سيد صاحب کي بہ ٻہ فرزند ٿيا (١) سيد موسيٰ (٢) سيد عيسيٰ) بن سيد حيدر شاه (سيد حيدر شاه کي بہ ٻہ فرزند هئا، جيڪي ٻيءُ سميت هرات ۾ هئا.) بن سيد مير علي شاه (ان کي چار فرزند هئا (١) عبدالباقي (٢) عبدالرزاق (٣) عبدالواحد (٤) سيد ابو بڪر) بن سيد محمد شاه (پهريان شيراز ۾ هو، پوءِ ترمذ ۾ اچي رهيو) بن سيد حسين شاه (ترمذ ۾ هو) بن سيد علي شاه (ترمذ ۾ هو) بن سيد يوسف شاه (پهريان شيراز ۾ هو، بعد ۾ ترمذ ۾ اچي رهيو) بن سيد حسين شاه (شيراز ۾ رهندو هو) بن سيد ابراهيم شاه (شيراز ۾ هو) بن سيد علي جواري شاه (هي بہ شيراز جو رهاڪو هو) بن سيد حسين الاڪبري بن سيد جعفر ثاني بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين بن امام حسين عليه السلام شهيد ڪربلا بن حضرت علي المرتضيٰ بن ابي طالب بن عبد المطلب بن هاشم بن عبدمناف

بن قصي بن ڪلاب بن مره بن ڪعب بن لولـي بن غالب بن فهر بن مالڪ بن نضر بن ڪنانه بن خديمه بن مدرڪه بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان بن آد بـن آدد بن ايسع بن هميع بن سلا مان بـن يضرب بـن نخشب بن حمل بن قيذار بن حضرت اسماعيل عليه السلام بن حضرت ابراهيـم عليه السلام بن آذر بن تارخ بن ماروخ بن اسوغ بن ساروغ بن ارغو بن قانع بن جابر بن حضرت هود عليه السلام بن شالخ بن ارفخشد بن حضرت سام عليه السلام بن حضرت نوح عليه السلام بن مالڪ بن متو شاخ بن اخنوخ بن حضرت ادريس عليه السلام بن نيرو بن مهائيل بن قينان بن انوش بن حضرت شيث عليه السلام بن حضرت آدم عليه السلام.

ناسوت ـ آدم نباتات مان، نباتات رب ڪريم جي قدرت سان ڪاڻ مان، ڪاڻ، ڪرهٔ خاڪ مان جنهن جو نالو مميت آهي ۽ اهو پاڻي مان، جنهن جو نالو محي آهي ۽ اهو هوا مان، جنهن جو نالو قابض آهي ۽ اهو ڪرهٔ آتش مان، جنهن جو نالو مبين آهي جو جسم انهن عناصر مان موجود ٿيا.

ملڪوت ـ اهو ارواح مان، جنهن جو نالو عالم خيال ۽ غيب آهي.

جبروت ـ اها پهريـن تجلـي نـور خاص جـي آهـي.

لاهوت ـ اهو احديت مان ۽ لامڪان بي نشان جنهن جو نالو اهو الله تعاليٰ آهي.

# سنڌ ۾ متعلوي ساداتن جي اچڻ جو احوال

تحقيقي روايت ۾ آيو آهي ته، ساداتن سڀ کان پهرين سنڌ ملڪ ۾ اچڻ هن طريقي سان ٿيو جو جڏهن تيمور بادشاه ملڪن جي فتوحات جو ارادو ڪيو ۽ سندس لشڪر 'هرات' وٽ پهتو، جنهن جو تعداد ٻه لک ٻاهٺ هزار ٽي سو ٻارنهن هو. تڏهن مير علي شاه (شاه لطيف جو چوڏهون نمبر وڏو ڏاڏو) تيمور بادشاه جي لشڪر جو هن طرح استقبال ڪيو جو لشڪر جي تعداد موجب ٢ لک ٦٢ هزار ٣ سو ٻارنهن روپيا مهماني طور ڏنائين. ان مهماني تي تيمور بادشاه، سيد مير علي شاه ۽ سندس فرزندن جي نيڪ خصلتن ۽ دانشمندي ڏسي خوش ٿيو. ان ڪري انهن مان هرهڪ کي متاهين رتبي تي فائز ڪيائين. سيد عبدالباقي کي اجمير، سيد عبدالواحد کي ملتان، سيد عبدالرزاق کي بکر ۽ سيد ابوبڪر کي سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيائين. سيد شرف الدين پنهنجي قبيلي ۾ رهيو. البت سيد حيدر پنهنجي پيءُ جي رفاقت ۾ تيمور بادشاه سان گڏ هندستان ۾ آيا. ان ڪانپوءِ (سيد حيدر شاه) بادشاه کان رخصت ڪري، پنهنجي پيءُ (سيد مير علي) کان اجازت وٺي، سنڌ ملڪ جو ارادو ڪيو. آخرڪار هالڪندي پرڳڻي هالا شهر ۾ اچي پهتو. اتي شاه محمدؒ قوم هالا، سيد حيدر شاه کي پاڻ وٽ مهمان رکيو. چون ٿا ته، ان وقت جي حاڪم ميران محمدؒ ان هالا قوم جي ماڻهن تي پنج سو ڏنڊ وڌو هو، ان ڪري اهي ڏاڍا پريشان ۽ سرگردان هئا. سيد حيدر شاه غريبن تي رحم ڪري اهو ڏنڊ پنهنجي هڙان ان حاڪم کي پهچايو ۽ انهن ماڻهن کي پريشان حاليءَ کان آجو ڪيائين. ان ڏڪئي وقت

جي تصديق ڪئي. ۽ سيد مير علي کي ٽيون حصو ڏنائون. پاڻ پنهنجو حصو وٺي پنهنجي چاچي شرف الدين شاه کي ساڻ ڪري وري سنڌ موٽي آيو. ڪجهه وقت کانپوءِ (شرف الدين شاه) گذاري ويو. سيد مير علي شاه شادي ڪئي. ان کي ٻه فرزند ڄاوا: هڪ شرف الدين ٻيو سيد احمد - شرف الدين وڏو ٿي جدا ٿيو. هاڻي ان جي اولاد کي "شرف پوٽا" سڏيندا آهن. سيد احمد شاه ٻه شادي ڪئي، پر پيءُ ساڻ گڏ رهيو. ان جو اولاد ڏاڏي جي نالي سان مشهور آهي. انهن کي سڏيارجي ٿو "ميرڻ پوٽا" چون ٿا.

## نظم جو خلاصو

سانگي چوي ٿو ته، هينئر اهل بيت جو شجرو پورو لکيو اٿم ۽ ٻيو متعلوي ساداتن جو حال، هرات کان سنڌ ۾ اچڻ بابت ٻه ظاهر ڪيو اٿم. مهربان مالڪ کان مدد گهري هن نسخي جي لکڻ تي ڪمر ٻڌي اٿم. هاڻي حضرت اولياء صاحب جي پيري مريدي جي سلسلي جو داستان لکان ٿو. هن خاندان جي فقراء مان هڪ جي ڏس سان ٻه مطلب حاصل ٿئي ٿو. ٿون عبدالحسين شادمان ٿي، جو تنهنجو هي ڪتاب (لطائف لطيفي) يادگار رهندو.

# پيري مريدي جو سلسلو

حضرت اولياء صاحب (يعني سيد عبد اللطيف ڀٽائي) جي طريقت ۾ ارشاد، پيري مريدي جو سلسلو حضرت محمد صلي الله عليه وسلم تائين تحرير ڪجي ٿو. شاه عبد اللطيف ڀٽائي "تارڪ" پنهنجي پيءُ سيد حبيب شاه کان تلقين ورتي پر حقيقت حال هن طرح آهي ته، حضرت اولياء صاحب 'اويسي' هو. روحاني طريقي سان حضور صلي الله عليه وسلم کان فيض حاصل ڪيو هئائون. جهڙيءَ طرح اويس قرني، حضور صلي الله عليه وسلم کان فيض حاصل ڪيو هو، جيتوڻيڪ سندن حضور پر نور ۾ حاضري به ڪانه ٿي سگهيو هو. جيڪڏهن ڪو حضرت اولياء صاحب کان ان باري ۾ پڇندو هو ته پاڻ فرمائيندا هئا ته، لطيف جو مرشد سندن والد حبيب شاه آهي. حضرت اولياء صاحب جو ظاهري طريقت جو سلسلو هن طرح آهي: سيد عبد اللطيف شاه 'ڀٽ ڌڻي' پنهنجي پيءُ سيد حبيب شاه جي هٿ تي بيعت ڪئي. ان پنهنجي پيءُ حضرت عبد القدوس کان فيض حاصل ڪيو. ان پنهنجي پيءُ سيد جمال شاه کان تلقين ورتي. ان سيد عبد الڪريم بلڙي واري جي هٿ تي بيعت ڪئي. هي پاڻ اويسي هو، پر ظاهري فيض سلطان ابراهيم بهاري کان حاصل ڪيو هئائين. ان وري شاه علي الهاشمي کان فيض ورتو. ان شاه شرف الدين کان فيض پرايو. ان شاه شهاب الدين قاسم کان فيض حاصل ڪيو. ان وري بدر الدين يحيٰ کان فيض پرايو. ان شاه نور الدين حسين کان فيض ورتو. ان شاه شمس الدين محمد کان فيض ورتو. ان سيف الدولة يحيٰ کان فيض ورتو. ان ظهير الدين احمد کان

فيض ورتو- ان شهاب الدين احمد کان فيض ورتو. ان عماد الدين ابو صالح نصر کان فيض ورتو . ان شاه عبد الرزاق کان ذڪر ورتو. ان سيد عبد القادر حسني حسيني جيلاني ڪان فيض پرايو، جنهن جو روضو بغداد ۾ آهي. ان پنهنجي مرشد ابو سعيد بن علي مبارڪ المخزومي ڪان فيض حاصل ڪيو. ان ابو الحسن علي بن محمد يوسف القرشي ڪان فيض ورتو. ان ابو الفرح طرطوسي ڪان فيض ورتو. ان ابوالفضل عبد الــواحد بن عبد العزيز اليمني ڪان فيض پرايو. ان ابو بڪر شبلي ڪان فيض حاصل ڪيو. ان جنيد بغدادي ڪان فيض پرايو. ان خواجہ ابوالحسن سري سقطي ڪان فيض ورتو. ان خواجہ معروف ڪرخي ڪان ذڪر ورتو. ان امام علي رضا ڪان فيض حاصل ڪيو. ان امام موسيٰ ڪاظم ڪان فيض پرايو. ان امام جعفر صادق ڪان فيض ورتو. ان امام محمد باقر ڪان فيض ورتو. ان امام زين العابدين ڪان فيض ورتو. ان امام حسين شهيد ڪربلا ڪان فيض حاصل ڪيو. ان حضرت علي بن ابي طالب ڪان فيض حاصل ڪيو. ان شافع روز محشر حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و سلم ڪان فيض حاصل ڪيو.

## نظم جو مطلب

حمد باري تعاليٰ ۽ خاص پانهن جي ڪيفيت بيان ڪرڻ ڪانپوءِ سانگي چوي ٿو تہ، حضرت اولياء صاحب توحيدي طالبن مان هڪ آهي. اهو منهنجو مرشد ۽ سيد پارسا ۽ خلق جو قبلہ نما آهي. سندس وجود توحيد سان سينگاريل ۽ سندس دل بہ الاهي عشق سان ٺمٺار آهي. (پٽ شريف) طور وانگر اوج تي آهي . سندس روضو مبارڪ ۽ ان جو صحن بہ جنت جي باغ وانگر آهي. سندس مسجد ٽن ڦبن واري بہ عجيب آهي. ان جي سامهون اڱڻ ۾ ڇهچ ساوا وڻ بہ آهن ۽ صحن جــي چوڌاري خليفن ۽ فقيرن جون خانقاهون آهن. صحن ۾ اونهو کوه بہ آهي، جيئن بيت الله

# حڪايت ١

روايت آهي ته، سنڌ جو حاڪم ميان نورمحمد ڪلهوڙو عباسي هو. دنيا دولت سان گڏ پيري مريديءَ جو صاحب به هو. جڏهن لطيفي فيض جو آواز بلند ۽ مشهور ٿيو ته "ميان نورمحمد عباسي" نانگ وانگر وٽ کائڻ لڳو. لطيفي فيض جو احوال ڪيس خادم ٻڌائيندا هئا، جيتوڻيڪ حضرت اولياء صاحب جو احوال ان وقت عروج ۽ زوال تي مشتمل هو. ڪڏهن عروج جي حالت ۾ مخلوق کان ڪناره ڪشي ۽ ڪڏهن نزول جي حالت ۾ عالم صورت ۾ رهنمائي ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن فقيرن جي جماعت سميت پنهنجي وڏي ڏاڏي سيد عبدالڪريم بلڙي شريف واقع "لاڙ" جي درگاه تي ويا. ان وقت شاهه ڪريم تي روضو ٺهيل ڪونه هو، رڳو وڻن جي هيٺان سندن مزار مبارڪ ٺهيل هئي. حضرت اولياء صاحب کي خيال آيو ته، سندس روضو ٺهرائجي، پر ان لاءِ مشڪل هي هو ته، سيد عبدالڪريم بلڙي واري کي روضو ٺهرائڻ منظور نه هو. ان ڪري جنهن به ماڻهو قبر واري وڻ کي وڍڻ لاءِ هٿ ڊگهو ٿي ڪيو ته، ان کي تڪليف پئي ٿي. آخرڪار حضرت اولياء صاحب سيد عبداللطيف شاهه ڪرامت جي زور تي اجازت حاصل ڪري، ان پراڻي وڻ کي وڍيو ۽ پاڻ سامان ۽ ڪاشي وٺڻ لاءِ ملتان روانا ٿيا. ڪن جو چوڻ آهي ته، روضو تعمير ٿيل هو، باقي ڪاشيءَ جو ڪم رهيل هو، جنهن ڪري پاڻ ملتان روانا ٿيا - پر اصل ڳالهه هي آهي ته پاڻ پهريان ملتان ويا هئا- اتان موٽي اچي روضي جي تعمير شروع ڪرايائون. ان وقت پاڻ "گيڙو" لباس پهريندا هئا. اهو هن ڪري جو پاڻ

ڪريم جي اولاد مان هو. ان درگاه ڪريمي جي گادي نشين سيد عبدالواسع جي مجلس ۾ ٻڌو ۽ سيد عبدالواسع پڻ چيو ته، اولياء صاحب ڪريمي روضو ته سنو جوڙايو آهي، پر دروازي تي پنهنجو نالو لکرايو آهي ته، آخر ۾ سندس حجت ثابت رهي ۽ هن درگاه ڪريمي جو وارث بڻجي. سيد محمد صلاح ان ڳالهه ٻڌڻ سان گڏ اهو به ڏٺو ته، گادي نشين، دروازي واري لڳل سر به ڪيرائي ڇڏي آهي. سيد محمد صلاح اها سر جنهن تي ”لطيف“ لکيل هو، کڻي حضرت اولياء صاحب جي پنيان پڇندو آيو. ان منزل تي اچي شاه لطيف سان مليو ۽ سموري حقيقت حال عرض ڪيائين. ان وقت اولياء صاحب سيد محمد صلاح کي حڪم فرمايو ته، هڪ ننڍي وڻ کي زور سان زمين مان پاڙون ڇڪي ڪڍي. اتفاق سان وڻ جون ٽي پاڙون پٽجي آيون ۽ چوٿين پاڙ ڇڄي زمين ۾ رهي. ان تي حضرت اولياء صاحب زبان مبارڪ سان فرمايو ته، منهنجو نالو عبداللطيف آهي. لطيف ته الله تعاليٰ جو نالو آهي. الله جي ذات کي جوش آيو ۽ سيد عبدالواسع جو حال هن وڻ وانگر ٿيو ۽ سيد محمد صلاح جا ٽي پشت درگاه ڪريمي جا گادي نشين ٿيندا. چو ته وڻ مان ٽي پاڙون نڪتيون اهن. (خدا جي قدرت!) اهڙي طرح عبدالواسع شاه بي اولاد هن دنيا مان گذاري ويو. سيد محمد صلاح کي معلوم هو ته، منهنجا ٽي پشت گادي نشين ٿيندا. ان ڪري پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي پٽ سيد حيدر شاه کي مرشدي جي پڳ ٻڌرائي گادي نشين بنايائين. اهڙي طرح سيد حيدر شاه پنهنجي نوڪ فرزند سيد قنبر علي شاه کي پنهنجو وليعهد ڪيو. ان پنهنجي پٽ سيد حيدر شاه سخي کي گادي نشين بنايو. جڏهن اهو لاولد گذاري ويو ته، ان کان پوءِ سندس ڀاءُ سيد محمد صلاح ثاني درگاه ڪريمي جو گادي نشين ٿيو. اهو به بي اولاد هو. اهڙي طرح حضرت اولياء صاحب جي قول موجب محمد صلاح جا ٽي پشت گادي نشين ٿيا. ڇهين سال کان پوءِ سيد صاحبڏنو شاه، سيد عبدالڪريم جي

اولاد جي ٻي شاخ مان گادي نشين ٿيو ۽ هينئر ٻه لطيفـي سيِر، ڪريمي روضي تي سج وانگر روشن آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ سيد محمد صلاح جـي فرزندن حيدر شاهه، قنبر علي شاهه ۽ سيد حيدر شاهه ثاني جي گادي نشيني جو احوال ڀيٽهر آندو آهي، جيڪو نثر ۾ آيل آهي.

# حڪايت ٢

روايت ۾ آهي ته، حضرت اولياء صاحب اڪثر سير سفر تي هوندا هئا. آخري عمر ۾ پٽ تي اچي رهيا. هڪ حجرو پٽ جي هيٺان تعمير ڪري ننڍو باغيچو به رکيائون ۽ پٽ کي هموار ڪرڻ شروع ڪيائون. هڪ حجرو والد صاحب لاءِ ۽ مسجد شريف لِڱ ڀڃن واري جوڙايائون. محنت سان پٽ جي سرزمين تي سوين فقيرن پڪي مٽي ڪٽي، ان کي هموار سڌو ۽ ڪشادو ڪيو. ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي لٺ مبارڪ سان ليڪا ڪڍي، سيني فقيرن کي نشان ڪري ڏنائون ته، اهي پنهنجي وسعت آهر پنهنجا گهر ناهين. حضرت اولياء صاحب جيڪي حصا ورهاست ڪري ڏنا هئا، هينئر تائين انهن پٽين جا نشان قائم آهن.

چون ٿا ته، جنهن وقت شاهه لطيف جا فقير پٽ تي مٽي، مٽي تي ڪٽي پٽ شريف کي سنواري رهيا هئا ته، اتفاق سان مخدوم نوح هالائي جي درگاهه جو پنجون گادي نشين مخدوم 'ميرمحمد پنج پڳيه' عرف 'مير پير' پنهنجي عملي ۽ ظاهري رعب‌تاب ۽ سواري سميت جو پٽ تان اچي گذر ٿيو. جيئن ته، لطيفي فقير پٽ سنوارڻ جي خدمت ۾ مشغول هئا- 'مير پير' اِهو ڏسي پڇا ڪئي ته، ”ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاٿا پيا آهيو. هي پٽ ڏيندي لٺ“. ان کان پوءِ با وفا فقير حضرت اولياء صاحب جي خدمت ۾ ڏڪارا ٿي اچي ويٺا. حضرت اولياء صاحب انهن جو حال معلوم ڪري ورتو. فقيرن ادب سان عرض ڪيو ته 'مير پير پنج پڳيه' مخدوم نوح هالائي جو گادي نشين هتان اچي لانگهائو ٿيو. سنلس شان ۽ مريدن جو مان ڏاڍو خوش رنگ ۽ وڻندڙ پي لڳو، يعني ظاهري دنياوي ڏيک ويک جو ڏاڍو نظارو هو. ان ڪري، اسان کي به نفساني ۽ بشري لحاظ کان دل ۾ خيال آيو ته،

جيڪڏهن اوهان بہ دنياداري رهڻي ڪهڻي ڏانهن توجهہ فرمايو ۽ اسان بہ انهن وانگر سينگارجي، اوهان جي حضور ۾ حاضر ٿيون. ان تي حضرت اولياء صاحب انهن تي افسوس ڪندي فرمايو تہ، اسان ڪان پوءِ هيٺي دنيا جو نظارو ٿيندو، جو هن درگاه جا فقير بہ بادشاهن جي ڍڪ ڏيندا. گاڏي نشين بہ شاهانہ لباس پهريندا. فتجمل ۽ دنيادار ٿيندا، پر جيڪا دولت هينئر اسان وٽ سستي آهي، اها اُن وقت مهانگي ٿي ويندي. پر درياء جيڪڏهن لس ليٽ ۽ ۽ پوڏ نہ ڪندو تہ، اُچايل ان مان سيراب ٿي سگهندا. (چاڙهہ ۾ نقصان آهي) ان ڪان پوءِ فقيرن اِهو بہ عرض ڪيو تہ، (مخدوم مير پير) توڪ طور هي بہ چيو آهي تہ، "پٽ ڏيندي ٽٽ". حضرت اولياء صاحب فرمايو تہ، اها بہ دعا آهي جو ڍائو ماڻهوئي اٿين ڪري سگهندو.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾، مخدوم مير پير جي پٽ تي آمد جو اشارو ڪري چيو آهي تہ، پٽ شريف ڏسي، اهو رنجيدو ٿيو هو؛ جو ان جا مريد بہ لطيفي درگاه تي اچڻ لڳا هئا. ان ڪري پٽ تان ڪلڻ ٿي ڪيائين.

—※—

اسان کي پٿر ڏنو جو ڪهاڙي کي لڳي ان کي سونو ڪري وڌائين ۽ پٿرن ڪٽڻ کان بيڪار بنائي ڇڏيائين. ڇو ته سون نرم ٿيندو آهي. حضرت اولياء صاحب ان پٿر ۽ سوني ڪهاڙي کي ڪپڙي ۾ ٻڌي ڪنڌ ۾ ڦٽي ڪيائون.

ڪجھ وقت کان پوءِ اهو مسافر حرمين شريفن جي زيارت ڪري واپس سنڌ پهتو ته، لطيفي درگاه جي ديدار لاءِ ڀٽ شريف تي آيو. اتي پهچي عجب ڪرڻ لڳو. ان جي خيال ۾ ته هاڻي اولياء صاحب وٽ بادشاهي لڳي وئي هوندي؛ پر هتي اهاي حالت ڏسي حيران ٿي ويو. حضرت اولياء صاحب ان کي فرمايو ته، ”تنهنجو تحفو اسان جي ڪم نه آيو. فقيرن اهو پارس پٿر ۽ سوني ڪهاڙي سندن خدمت ۾ آڻي حاضر ڪئي. اولياء صاحب اهو تحفو مسافر کي موٽائي ڏنو. مسافر گهڻو ئي اصرار ڪيو ۽ پارس پٿر جا فائدا ٻڌايا، پر حضرت اولياء صاحب ان جو عرض نه قبوليو. هن مان ظاهر آهي ته، ڪو به سندن خدمت ۾ پيسا پيش ڪندو هو ته، پاڻ ان کي لٺ جي چوٽي سان مٽي ۾ پوري ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪا بي شيءِ هوندي هئي ته ان کي آني جو آني ورهائي ڇڏيندا هئا. هينئر به وسڪاري جي منڊ ۾ ماڻهو اتان پيسا ليندا آهن ۽ تبرڪ ڪري رکندا آهن.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ حضرت اولياء صاحب کي تارڪ دنيا سڏيو آهي، ته پاڻ ڪڏهن به دنيا جي آلودگي ۾ نه ڦاٿا.

ان کان پوءِ حضرت اولياء صاحب جي ولايت جي منزلن ناسوت ۽ جبروت جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پاڻ کي حضرت اولياء صاحب جي مريد ٿيڻ تي فخر ڪري ٿو ۽ خوشي جو اظهار ڪري ٿو.

# حڪايت ۴

روايت آهي تہ، جڏهن حضرت اولياء صاحب ڪونڙي مغل بيگ مرزا ۾ هئا، هينئر بہ ڪونڙي مغل جا آثار پٽ شريف کان ڏکڻ طرف ڦٽل حالت ۾ موجود آهن، اتي حضرت اولياء صاحب کي سندن والد سيد حبيب شاه جسي طبيعت جي ناسازي جي خبر پئي. آخر جڏهن بيماري وڌي ۽ وصال جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون تہ، سيد حبيب شاه پنهنجي فرزند شاه لطيف ڏي هي بيت چوائي موڪليو:

ڪينہ جنہ نيه لڌا، جئن مون واجهائيندي نہ ورو،
جيڪي مٺي ڪندا، سو جانب ڪريو جيئري.

حضرت اولياء صاحب، والد صاحب جي ان شعر جي جواب ۾ فرمايو تہ، هرگز فڪر نہ ڪريو، آئون بہ جلدي اوهان واري وات وٺي ايندس، مگر مون پنهنجي مالڪ سان واعدو ڪيو آهي تہ، هرحال ۾ رضا تي راضي رهندس. جيڪڏهن هينئر والد جسي ڏکي ۽ موت جهڙي حالت ڏسندس تہ، ضرور دل نرم ٿيندي، اکين مان ڳوڙها وهندا ۽ ڏک جون سڀ ڳالهيون سامهون ٿينديون. يعني آئون پاڻ جهلي ڪونہ سگهندس. تنهن ڪري منهنجو رضا ۽ قضا تي راضي رهڻ وارو وچن ٽٽي پوندو. ۽ اولياء صاحب هسي بيت پنهنجي والد سيد حبيب شاه جي جواب ۾ چوائي موڪليو:

متان ٿين ملول، ڪين آڳاهون آهين،
ڏسڻ ۾ ڪَر ڏور، حد ٻنهي جي هيڪڙي.

ان کان پوءِ سيد حبيب شاه پنهنجي مالڪ سان وڃي مليو، کيس غسل ڏياري سندس خاص مريد محمود شاه جي سيراندي کان دفن ڪيائون — محمود شاه حضرت اولياء صاحب جو پهريون مريد هو ۽ وفات بہ حضرت اولياء صاحب جي حاضري ۾ ڪيائين.

اولياء صاحب جي امر موجب مٿي ”پٽ شريف“ جــي سر زمين تي ڪيس دفن ڪيائون.

سيد حبيب شاه جــي حجري جــي پرسان مسجد آهــي ان جي دروازي وٽ ”لئي“ جو جهونو وڻ آهي. جيڪو شاه صاحب جــي وقت ڪان وٺــي آهي ۽ تمام قديمي ۽ شڪسته حالت جي باوجود اڃا تائين ساڻو ۽ موجود آهي. جڏهن حضرت اولياء صاحب پهريان ”پٽ شريف“ تي آيو تـــه، ان وڻ کي چوڌاري ڪپڙو ڏياري با عيال آني اچي رهيا هئا. ٻيو هڪ ”چار“ جـــو جهونو وڻ جيڪو وڏي خليفي ”نمر فقير“ جي اوطاق ۾ آهي، جنهن جا ڏار ڇت منجهان ٻاهر نڪتل آهن. ان چار جي قديمي وڻ کي حضرت اولياء صاحب پين وٽن جو ڏاڏو چوندو هو. هڪ ”ڪرڙ“ جو وڻ مسجد جــي لڳ آهي. ان ڪرڙ جي وڻ ۾ اهــو اسرار آهي جو، خدا نه ڪري اَن وڻ جي ڪا ٽاري ڀڄي. جيڪڏهن اتفاق سان ان جي ٽاري ڀڄي پئي ته، هر ماڻهو اهو خيال ڪندو آهي ته، ڪهڙو قضيو يا واقعو پير صاحب ۾ ٿيندو؟ انجو آزمودو ٿيل آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو ته، هاڻي هي سيد حبيب شاه جي وفات جو داستان پورو ڪريان ٿو ۽ حضرت اولياء صاحب نه ڪرامت جو صاحب هو، پر ڪرامتن جي ڏيکارڻ کي پسند نه ڪندو هو. البت ڪڏهن ڪڏهن ازخود انهن جو ورود ٿيندو هو.

پنهنجي پين لڪل فقيرن کي سڏ ڪيو ۽ اهي به هر طرف کان لٽي پيا ۽ پير صاحب جي ساٿين سان جوابي ڪاروائي ۾ مقابلو ڪرڻ لڳا. هڪ ٻئي کي چڱو سٺڪو ڪيائون. جيئن ته هٿيار ڪنهن وٽ به ڪونه هئا، رڳو لٺين ۽ ڏڪي بازي سان هڪٻئي جي خوش مرحبا ڪيائون. لطيفي فقيرن انهي وٺ پڪڙ دوران همت ڪري، ٻيڙي ۾ وڃي ڪتو به ڇڏائي ورتو. مير پير ندامت ۽ عاجزي سان هالن ۾ پهتو. وڌيڪ احوال نظم ۾ آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي، مصنف جون خوبيون بيان ڪندي چوي ٿو ته .
مصنف کي خوشامد نه ڪرڻ گهرجي. شفاف آئيني وانگر ڳالهه بيان ڪري. ڊاڙ ٻٽاڪ کان پاسو ڪري. جا به ڳالهه ٻڌي ته ان کي گهٽ وڌ بيان نه ڪري. حق جي دائري کان قدم نه وڌائي. جيڪڏهن ان کان پوءِ به ڪو رنج ٿئي ته پلي ٿئي، جو مون کي ڪنهن ۾ لالچ ۽ اميد ڪانهي. سانگي، مير پير جي ندامت سان هالن ۾ پهچڻ کان پوءِ قصو بيان ڪندي چوي ٿو ته، 'مير پير' ڪتي ڪسجي وڃڻ ڪري، خفا ۽ خشمگير ٿيو. ان تي وڏو لشڪر وني پٽ تي ڪاهه ڪيائين. ڪلم ڪلا اعلان ڪيائين ته، "سيد" (عبداللطيف ڀٽائي) سان جنگ ڪندس. جڏهن سمورو لشڪر اچي گڏ ٿيو ته، انهن تي نظر ڦيرائي پڇيائين ته ، وڏو خاص خليفو اسماعيل سودره ڪٿي آهي؟ سڀني پڇي وڃي ان خليفي اسماعيل کي چيو ته، لشڪر ۾ پوڙها ۽ جوان پهچي ويا آهن. مير پير فرمايو آهي ته، منهنجو خاص خليفو لشڪر جو اڳواڻ ڪٿي آهي؟ جڏهن خليفي اسماعيل، پير صاحب جو اهو حڪم ٻڌو ۽ سمجهيائين ته جنگ کان سواءِ چارو ڪونهي. ان ڪري پنهنجي ڏاڙهي مٿو ڪوڙي، منهن ڪارو ڪري، نقاب ڍڪي انهي مهل اچي حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته، اي مرشد ! آئون حاضر تيار آهيان. هاٿي

پنهنجي جان توتان قربان ڪرڻ آيو آهيان. مگر پيرصاحب سندس منهن تي نقاب ڏسي چيو ته، هي حجاب ڇا جو آهي؟ خليفو چوڻ لڳو ته، مرشد سائين! هن ڳالهه کي ڇڏ، هينئر ويڙهاند جو وقت آهي. مگر پير صاحب پاڻ سندس منهن تان نقاب لاهي ڏٺو ته، سندس حالت رحم جوڳي آهي. تنهن تي پيرصاحب چيو ته، اي منهنجا خاص خليفا! هن مجلس ۾ پاڻ سان هي عجب جهڙي حالت ڪئي اٿئي، جو ڏاڙهي مٿو ڪوڙي ۽ منهن ڪارو ڪري آيو آهين! خليفي عرض ڪيو ته، اي منهنجا ناميارا پير! دشمن سان بير شينهن وانگر مقابلو ڪر. تنهن تي پير صاحب وري چيو ته، تنهنجو منهن چوڏهين جي چنڊ جهڙو هو، ڇو ڪارو ڪيو اٿئي؟ ان جي حقيقت کولي ٻڌاءِ؟ خليفي عرض ڪيو ته، رهنما مرشد! ٠ون کي پنهنجو خاص خليفو بہ بنايو اٿئي ۽ هينئر وري چوين ٿو تہ، علي جـي اولاد (سيد عبداللطيف شاه) سان دغا ڪري سامهون ٿي لڙان. منهنجي انهي ڪُڌي ڪرتوت تي علي المرتضيٰ رنج ٿيندو ۽ رسول الله ﷺ بہ منهنجي شفاعت ڪونہ ڪندو. ٻي طرف جي تو مرشد جو امر نٿو مڃان تہ دنيا ۾ ڪهڙو منهن ڪنندس. جڏهن ڏٺم تہ، منهنجا ٻئي جهان ٿا وڃن، تہ پوءِ پاڻ ئي پنهنجو منهن ڪارو ڪري اهو حال ڪيو اٿم.

مطلب تہ جڏهن مير پير، خليفي اسماعيل جي اهڙي واردات ڏٺي ۽ ٻڌي تہ پشيمان ٿيو. قيامت جي هولناڪ ڏينهن کان خوف کاڌائين ۽ سمجهيائين تہ؛ "سيد" سان جنگ ڪرڻ چڱو ڪم ڪونهي، ان ڪري اتان موٽي پنهنجي گهر آيو.

✻ ✻ ✻ ✻

# حڪايت ٦

روايت آهي ته، ظاهر جي زاهدن ۽ عابدن حضرت اولياء صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته، اوهان جو مذهب شيعو آهي يا سني؟ پاڻ فرمايائون ته، اسان جو مذهب ٻنهي جي وچ ۾ آهي. وري انهن چيو ته، انهن ٻنهي جي وچ ۾ ته ڪو ٻيو طريقو ڪونهي! تنهن تي حضرت اولياء صاحب جواب ۾ فرمايو ته، اهو نه هجڻ اسان جو مذهب آهي؛ يعني اسان ٻه ڪي ڪين آهيون--- ۽ حضرت اولياء صاحب عجيب رسالي جي صاحب هوندي، جو رسالي جي مطالعي ڪندڙن جون اکيون ان مان عبرت وٺن ٿيون، ڪڏهن سبق نه ورتو هئائون ۽ نه وري ڪڏهن هٿ مبارڪ سان ڪاغذ تي ليکو به ڪڍيو هئائون.

حضرت اولياء صاحب لٺ ڪٽندو هو. ان جو مٿو لوهه جو هو. آها لٺ اڄ به موجود آهي. سندن قد ڏگهو سنئون ۽ پورو هو. سندن رنگ گندمي هو. سندن سونهاري برابر ۽ شريعت مطابق پوري هئي. خضاب ڪي خراب تصور ڪندا هئا. سندن اکيون ڪشاديون، ڳاڙهاڻ تي مائل ۽ ڪاريون هيون. پيشاني ڪليل ويڪري، سندن سينو معرفت الاهي جو ڀريل خزانو هو. سندن چيلهه سنهي نه ڏٻري، نه گوشت سان ڀريل پر وچٿري هئي. ٿورو ڳالهائڻ، ٿورو سمهڻ، ٿورو کائڻ ۽ سادو لباس پهرڻ پسند ڪندا هئا. صفائي ۽ پاڪيزگي کي به پسند ڪندا هئا. سندن ڪلام جلالت وارو ۽ عام قبض جي حالت ۾ راڳ کي مرغوب تصور ڪندا هئا. روئندا گهڻو هئا. بددعا ۽ بدگوئي کان پاسو ڪندا هئا. موجوده رواج موجب هٿ هٿ ۾ ڏئي ڪنهن کي مريد نه ڪندا هئا، بلڪ توجه سان مريد ڪندا هئا. بنا دعوت جي ڪنهن وٽ به مهمان نه ٿيندا هئا. گهڻو وقت تنهائي ۾ گذاريندا هئا.

# نظم جو مطلب

سانگي چوي تو تہ، جڏهن ڇهين حڪايت پوري ني تہ، سر ماٿهو مون کي داد پي ڏنو. جيتوڻيڪ مون کي ڪا طاقت ڪانهي، پر لطيفي فيض منهنجو مددگار آهي جو "لطائف لطيفي" نثر ۽ نظم ۾ سينگاريو اٿم.

—✻—

# حڪايت ٧

روايت آهي تہ، حضرت اولياء صاحب سنڌ جي حسن، جبلن ۽ صحرا جي بيابانن جو سير ڀي ڪيو تہ، هڪ ڏينهن سناسين جي جماعت ڏٺائين. جيڪي "ناني" جي زيارت واسطي ٿي ويا. حضرت اولياء صاحب ان وقت سير سفر جي ارادي سان نڪتل ۽ ويراڳي هئا. ان ڪري انهن سناسين سان رفاقت ڪري "لس ٻيلي" جي آسپاس پهتا. اتي "سپڙ سخي" جي مقبري جي زيارت ڪيائون. سخي سپڙ جو احوال ۽ شجرو انشاءالله ٻي جاء تي ايندو. آخرڪار سناسين جي جماعت سان منزل مقصود تي پهتا. دستوري رسم موجب "ناني" تي ڪير هاريائون. ناني جو احوال بہ مشهور آهي، جو هن ڪان بعد ايندو.

مطلب تہ، حضرت اولياء صاحب بہ انهن سناسين جي رواج پٺاندر، ان پٿر عرف "ناني" تي ڪير هاريو، تہ سڀ ڪير ان ۾ جذب ٿي ويو ۽ هڪ ڦڙو بہ هيٺ نہ هاريو. ان تي سناسين جي جماعت حيران ٿي. ارادو ڪيائون تہ حضرت اولياء صاحب کي شهيد ڪري ڪاٽن تہ، جيئن ان جو فيض پاڻ حاصل ڪن؛ جو ائين ڪرڻ سناسين وٽ روا آهي.

حضرت اولياء صاحب انهن جي ارادي کي سمجهي، سناسين کان جدا ٿي، آخر اچي "ننگر ٺٽي" جي شهر وارد ٿيو. اتي جي بزرگن سان واقفيت ۽ معرفت ڪيائين. ڪجھ وقت خاص صحبتن سان اتي جي رهاڪن کي فيض ڏنائون ۽ ورتائون.

چون ٿا تہ، حضرت اولياء صاحب اڪثر اوقات فرمائيندا هئا تہ، منهنجو گادي نشين، منهنجو فقير ۽ منهنجو محبتي اهو آهي، جيڪو ظاهري ۽ باطني چڱا ڪم ڪري ۽ جيڪو بہ منهنجي گادي تي ويهڻ جو پڪو پختو ارادو ڪري تہ، اهو رقاصن ۽

بيحيائن جو ناچ نہ ڏسي ۽ دولت جو شڪار نہ ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ سگ ھجي تہ ڪنهن جي چوڻ تي ميڙ ڏيئي ان وٽ نہ وڃي، جو ائين ڪرڻ سان انهن تي بار پوي ٿو ۽ زوري مٿي ماٿي ڪرائڻ سنو ڪم ڪونهي.

## نظم جو مطلب

سانگي هن نظم ۾ پنهنجي طبع جي رواني، سنڌ جو شان ۽ پنهنجي شيرين زباني بيان ڪئي آهي.

—*—

# حڪايت ٨

## مغل بيگ جي نياڻي بيمار ٿيڻ ۽ دعا سان شفاياب ٿيڻ جـي بـيان ۾

سانگي هن حڪايت کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪ حصو نظم ۾ ۽ ٻيو حصو نثر ۾ بيان ڪيو آهي. نظم ۾ پهريان شاعرانه طبع رسانـي ۽ شراب عشق جـي طلب کان بعد، سانگي حڪايت بيان ڪندي چوي ٿـو، "هالہ ڪنڊي" جـي ويجهو "ڪوٽڙي" جو شهر هو. اُتي مغل آباد هئا. انهن مغلن‌جو اڳواڻ بيگ ، مرزا هو. اولياء صاحب جي والـد سيد حبيب شاهہ جو گهر بہ ڪوٽڙي مغل جي پر ۾ هو. اهـي مغل، سيد حبيب شاهہ جا عقيدتمند ۽ سندس دعا جي تاثير جا معتقد هئا. مرزا بيگ جـي نياڻيءَ کي بخار ٿي پيو ، ان ڪري سيد حبيب شاهہ کي خير جي دعا لاءِ وٺڻ آيا؛ مگر سيد حبيب شاهہ ان وقت پاڻ بہ بيمار هو، سو پنهنجي فرزند سيد عبداللطيف کي دعا لاءِ موڪليائين. جيڪو پاڻ بہ زماني جو قطب ۽ فيض جو صاحب هو. جڏهن سيد عبداللطيف مغلن ڏي وڃڻ لڳو، ڄڻ تـہ حضرت يوسف عليه‌السلام پنهنجي پيءُ حضرت يعقوب عليه‌السلام جي امر سان، زليخا جي حال کي بهتر ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. جو ان کي درد ۽ غم کان آزاد ڪري ۽ پنهنجي دل کي بـہ محبت سان شـاد ڪري. سيد عبداللطيف مغلن جي شهر پهتو تہ ، مغلن پنهنجي گهر پردو ڪرايو. ان کانپوءِ سيد عبداللطيف اندر گهر ۾ داخل ٿيو. مغل پنهنجي نياڻيءَ کي ڪپڙو ويڙهي، سندس هٿ ٻاهر ڪڍيو. اولياء صاحب ان جي آڱر کي ورتو تہ ، انهي دم قادر قيوم جي حڪم سان نياڻـي چاڪ ٿي وئي. ان کان پوءِ اولياء صاحب فرمايو تہ ، تنهنجي نياڻي ڪنهن

جو هٿ نه وٺندي، مگر سيد ان جو هٿ ورتو آهي. جنهن مان اهو اشارو مليو ٿي ته "جنهن جي ڇيڇ سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نه لوڏو". حضرت اولياء صاحب جي واتان جڏهن اهو ٻڌائون ته، مرزا بيگ ڪاوڙجي پيو. ڇو ته مغل دنيا جي ڪري مغرور هئا. ان ڪان پوءِ سندن حضرت شاهه صاحب تان اعتقاد کڄي ويو. اهڙي طرح هدايت جي واٽ کان ٿڙي گمراه ٿي پيا. مغلن کي سيد سان سخت دشمني پيدا ٿي پئي ۽ شاهه صاحب جي مخالفت ۽ ايذائڻ لاءِ ڪمبخت ڪوششون ڪرڻ لڳا. ٻئي طرف حضرت شاهه صاحب عشق جي جوش ۾ مخمور ٿي، جبل جهنگ جهاڳيندو ۽ بر بيابان لتاڙيندو، عبادتون ۽ رياضتون ڪندو رهيو. سندس پاڪ عشق هرهنڌ مشهور ٿي ويو. ان ڪري مرزا بيگ ان ڪان گهڻو پي سڙيو ۽ ڪاريهر نانگ وانگر وٽ پي ڪاڏائين.

هڪڙي ڏينهن مغل ڪنهن ڪم سان سڀ ٻاهر ويا هئا. ان وقت دل قوم جا چور، مغلن جي شهر ۾ اچي پيا. انهن جو مال ملڪيت، آٽ ۽ گهوڙا ڪاهي ويا. جڏهن شام جي وقت مغل بيگ آيو، ڏٺائين ته گهر برباد ۽ نوڪرن کي ڪنل ڏٺائين. جڏهن مغل گهر پهتو ته ان ڦُر جو سڀ احوال ٻڌائين. ان وقت انهن جي پويان سڀ ماڻهو وٺي پڳو.

جڏهن مغلن جي ڦورن جي پٺيان وڃڻ جي خبر شاهه صاحب کي پهتي. تڏهن شاهه صاحب فرمايو ته، جڏهن هي خبر اسان کي پهتي آهي، تڏهن اِها مڙسي نه ڇئبي، جو انهن مغلن جي مدد نه ڪجي. شاهه صاحب پنهنجي فقيرن جي فوج وٺي، پاڙي جي ننگ، همدردي ۽ واهر لاءِ، مغل بيگ مرزا وٽ آيو ۽ چيائين ته، اي مغل! هي ڏکيو وقت آهي، جيتوڻيڪ تنهنجا ماڻهو به دلير ۽ بهادر آهن، پر اسان جي مٿان به پنهنجي مدد ڪرڻ واجب آهي. جيئن ڏک واري خبر ٻڌي اٿم ته، پنهنجن فقيرن سان گڏ واهر لاءِ اچي پهتو آهيان. مرزا بيگ، شاه صاحب جي مهرباني مڃڻ بجاءِ،

آڏو چوڻ لڳو ته، اسان کي تنهنجي مدد نه گهرجي.

روايت آهي، شاهه صاحب لاڳيتو ٽي ڀيرا مغلن جي واهر لاءِ انهن کي چيو، پر هر ڀيري انهن بي مروتي ۽ حسد ساڙ کان انڪار ڪيو. شاهه صاحب انهن کي هيئن به چيو ته، اوهان کي هن وقت اسان جي مدد ۽ ڪار خير کان روڪڻ ۾ ڪهڙي مصلحت آهي. جيڪڏهن اسان جي مدد سان اوهان جو فائدو ٿئي ۽ ڦورن تي غلبو حاصل ٿئي ته، توهان جو فائدو ۽ نالو ٿيندو ۽ جيڪڏهن اسان انهن ڦورن سان مقابلو ڪندي مارجي وياسون، ته به اوهانجو مقصد پورو ٿيندو. پر انهن اصلي اندر جي ساڙ کان انڪار ڪيو تنهن تي شاهه صاحب جلال ۾ اچي فرمايو:

بيگ تنهنجي بيگي، ڪونڙيءَ ۾ ڪان؛
اٺم آس الله ۾، ڏل مارينئي ماڻ.

شاهه صاحب جي زبان مبارڪ مان اِهي لفظ نڪري ويا. هوڏانهن مغل به ڦورن جي پٺيان ويا ته، ڦورن سان دوبدو مقابلو ٿي پيو. انهن ڦورن گهڻن کي بندوقن سان نشانو بڻايو ۽ باقي جيڪي بچيا، انهن کي تلوار سان ڪٺائون. چون ٿا ته مغلن مان ڪو به ماڻهو ڪونه بچيو:

از مغولان هيچکس باقي نماند،
خمده بشکست و هم ساقي نماند.

مطلب ته، مغلن مان ڪو به وانگي نه رهيو. شرابي پيالو ڀڄو ۽ ساقي به نه رهيو. مگر مغل بيگ جو هڪ پار بچيو، جنهن جو نالو گولو هو. انهي واقعي کان پوءِ مغلن جي عورتن کي خيال آيو ته، هي هولناڪ واقعو حضرت اولياء صاحب جي رنجائڻ جي ڪري پيش آيو آهي. آخرڪار انهن عورتن صلاح ڪري ڪنهن ماڻهوءَ کي اولياء صاحب جي خدمت ۾ موڪليو ۽ هي نياپو ڏنو ته، اسان جا سڀ وارث مارجي ويا آهن، هينئر اوهان اسان جا وارث ٿيو. ان ۾ اسان جي پنهي جهانن جي ڀلائي آهي. گهڻي

غور فڪر ڪان پوءِ اولياء صاحب، مرزا مغل بيگ جي نياڻيءَ سان پنهنجو نڪاح ڪيو. ان ڪان پوءِ اولياء صاحب اتان ڇڏي "پٽ شريف" تي لڏي آيو. اتي پهريان لئي جي وڻ ڪي ڀلويڙو ڏياري اچي رهيو ۽ پوءِ جايون ٺهرايون.

مشهور آهي ته، جنهن وقت مرزا بيگ جي مارجڻ جي خبر مشهور ٿي ته، شاهه لطيف جي فقيرن مان هڪ فقير سنلس تاريخ وفات جو مادو هن طرح چيو "بود خبيث" (۱۱۲۴هه) مطلب ته، پليد هو. شاهه لطيف جيتوڻيڪ اُمي هو، پر في البديهه فرمايو : اي درويش، ائين چوڻ نه جڳائي، پر هيئن چؤ " يک مغل بد بوده" (۱۱۲۴هه) يعني، هڪ سنو مغل هو. جڏهن شاهه لطيف جي هنن لفظن جي اعداد جو حساب ڪيائون ته برابر ۱۱۲۴هه جو سال نڪتو.

مير علي شير قانع شڪر الاهي ٺٽوي 'تحفة الڪرام' ۽ 'معيار سالڪان طريقت' ۾ اهو مضمون آندو آهي ۽ لکيو آهي ته، سبحان الله! اُمي شخص وٽان في البديهه اهڙي طرح مادهٔ تاريخ جا الفاظ صحيح نڪرڻ، ڪرامت کان خالي نه آهن. وڌيڪ احوال انهن ٻنهي ڪتابن ۾ آهي، پر هتي لطائف لطيفي ۾ ڏيکڻ جي ڪري داخل نه ڪيم.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو، تو ٻڌو جيڪو مون نثر ۾ چيو. مون دوستن کان هڪ ذرو به نه لڪايو آهي. منهنجو سينو اندر صاف آهي، جيئن مشڪ خاص هرڻ جي دن ۾ آهي. عبدالحسين جي هي حڪايت پوري ٿي.

—✻—

# حڪايت ۹

روايت آهي تہ، هڪ ڏينهن ميان نورمحمد ڪلهوڙي عباسي سنڌ جي حاڪم، حضرت اولياء صاحب کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني. حضرت اولياء صاحب پنهنجي حقاني جماعت سميت اُتي پهتو. جيئن تہ ميان نورمحمد عباسي، حضرت اولياء صاحب سان اندر ۾ عداوت رکندو هو. اُن وٽ هڪ سرڪش موتمار گهوڙي هئي. اُها گهوڙي جيستائين سوار کي ڪيرائي ماريندي نہ هئي، تيستائين ماٺ نہ ڪندي هئي.

آخر موڪلائڻ جي وقت اُها گهوڙي تيار ڪري سامهون آندي وئي ۽ عرض ڪيو ويو تہ اولياء صاحب، ميان جي سامهون ان تي سوار ٿئي. حضرت اولياء صاحب، ميان صاحب جي مرضي قبول ڪئي، جيتوڻيڪ اولياء صاحب جي ڪن گهڻگهرن ڪين موتمار گهوڙي جي باري ۾ ٻڌايو بہ سهي؛ پر پاڻ انهن جي طرف توجه ڪونہ ڏنو ۽ حڪم فرمايو تہ، گهوڙي جو لگام لاهي ڇڏيو. پاڻ ان تي سوار ٿيا تہ، گهوڙي واچوڙي وانگر اولياء صاحب کي ڪڍي ماڻهن کان ٻاهر نڪري وئي. ان تي ميان نورمحمد عباسي ظاهري طور ناراضگي ۽ پريشاني ڏيکاري ۽ ڪجهہ تيز رفتار سوار ماڻهن کي اولياء صاحب جي پوٺيان واهر لاءِ موڪليو ۽ پاڻ حيراني پريشاني ڏيکارڻ لڳو. آخر پاڻ ۽ سندس ماڻهن وڃي ڏٺو تہ، گهوڙي ساڳي تي بيٺي آهي ۽ اولياء صاحب، احڪم الحاڪمين جي حڪم سان ان جي مٿان استغراق جي حالت ۾ ويٺو آهي. ميان نورمحمد اها عجيب حالت ڏسي حيران ٿيو. عاجزي انڪساري ۽ همدردي سان عرض ڪرڻ لڳو تہ، "اوهان کي صحيح سلامت حالت ۾ ڏسي، الله جو شڪر بجا آندو اٿم، پر حيرت اِها آهي تہ، اوهان گهوڙيءَ جو لگام ڇو لاٿو هو؟" تنهن تي اولياء صاحب

جواب ۾ فرمايو ته، ”پنهنجي واڳ به مالڪ حقيقي جي حوالي ڪري ڇڏي اٿم ته پوءِ اهو ڪيئن مناسب آهي جو گهوڙيءَ جي واڳ آڏون پنهنجي هٿ ۾ وٺان. ان توڪل جي پروسي تي گهوڙي جي واڳ به ان جي حوالي ڪري ڇڏيم.“ چون ٿا ته، ان ڏينهن کان پوءِ ميان نورمحمد دل ۾، حضرت اولياءِ صاحب بابت دشمني ۽ ڪدورت گهٽ ڪئي.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾، هنن روايتن کي گل جي خوشبوءِ سان تشبيهه ڏيندي چيو آهي ته، مون جيڪي لکيو آهي، اهو لطيفي فقراء کان ٻڌو اٿم. جيتوڻيڪ گل جي خوشبوءِ کي بقا ڪونهي، البت هي حڪايتون پائدار ۽ خوشبودار آهن.

—*—

# حڪايت ١٠

روايت آهي تہ، هڪڙي ڏينهن سيد شهمير شاهہ متيارين واري، هڪ هندو کي مسلمان ٿـي ڪيو ۽ هندو اسلام قبول ڪرڻ کان عـذر ٿي ڪيو. مجبوراً دانهون ٿـي ڪيون. اوچتو حضرت اولياء صاحب جو اُتان اچي گذر ٿيو. ماڻهن کان ان بابت پڇيائون. معلوم ٿيو تہ هندو رسول الله ﷺ جـو اسلام قبول نٿو ڪري، زوري زبردستي اسلام جـي اطاعت واسطي ڪوشش ٿـي ڪيائون. حضرت اولياء صاحب سيد شهمير شـاه کان پڇيو تـہ، ڪهڙي مصلحت جي ڪري هندو سزا جي مصيبت ۾ ڦاٿو آهي؟ سيد شهمير شاه ڏک سان ظاهر ڪيو تـہ، ان اسلام قبول ڪيو ٿي، پر هاڻي انڪار ٿو ڪري.

مطلب تہ، اولياء صاحب هندو کي سيد شهمير شاه کان ڇڏائي پاڻ سان ورتو. جڏهن هنـدو، اولياء صاحب جـي فقيرائي جماعت ۾ داخل ٿيو، تڏهن فقيرن جي فيض واري صحبت ان کي وڻي وئي. ان شخص خوشي ۽ سچي نيت، خلوص دل سان ڪفر کان ناتو ٽوڙي، اسلام جي نور سان ڳانڍاپو ڪيو ۽ لطيفي فقيرن جي جماعت ۾ شامل ٿيو.

## نظم جو مطلب

سانگي هـن حڪايت بيان ڪرڻ کان پوءِ هـي نتيجو ڪڍيو آهي تہ، جيڪڏهن ڪو ماڻهو دل سان ڪلمو نٿـو پڙهي. مجبوراً زبان سان اقرار ڪري ٿو تـہ، اهو پورو اسلام ۾ داخل نٿو ٿئي. ظاهر ۾ ڪٿي ان جو نالو عبدالله (الله جو ٻانهو) ٿيو، پر ان جي اندر ۾ رام رام رهجي ويو. مثنوي شريف ۾ بہ مولانا جلال الدين رومي هي مثال بيان ڪيو آهـي ، جنهن تـي اڪتفا ڪريان ٿو:

هڪڙي ڀيري حضرت علي رضي الله عنه دين جي دشمن کي جنگ ۾ ڪيرايو. ان بي ادبي ڪري وات جو پاڻي حضرت علي رضي الله عنه ڏانهن اڇلايو، تنهن تي پاڻ ان کي ڇڏي ڏنائين. ان دين جي دشمن حيرت مان ڪانئن پڇيو ته، مون ته اوهان جي بيحد گستاخي ڪئي آهي ۽ اوهان وري مون کي ائين ڇڏي ڏنو. تنهن تي حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ، مون تو سان دين جي خاطر لڙائي تي ڪئي ۽ تو وري منهنجي گستاخي ڪئي، تنهن ڪري توکي ڇڏي ڏنم، ڇو ته مون خدا لڳ تو سان لڙائي پي ڪئي (۽ نه پنهنجي ذاتي مفاد يا نفس جي لاءِ). اهو جواب ٻڌي ڪافر لڙائي ڇڏي، دل سان اسلام ۾ داخل ٿيو.

# حڪايت ١١

## نڪتو ١–

حضرت اولياء صاحب هڪ شهر ۾ ڪنهن ماڻهو وٽ مهمان ٿيو. جيئن ته ان شخص وٽ ڍور ڍڳا ۽ مال گهڻو هو، ان ڪري سندس گهر ۾ چيڻا ۽ ياڻ به گهڻو هو ۽ سندس گهر ۾ هڪ سڪل وڻ به بيٺو هو. اولياء صاحب، گهر ڌڻي کان وڻ جي سڪڻ بابت پڇيو. تنهن تي هن چيو ته، ياڻ جي ڪري وڻ سُڪي ۽ سڙي ويو آهي. فارسي ۾ هن ڳالهه جو لطف حاصل نٿو ٿئي. چو ته، سنڌي ۾ "ياڻ" جون ٻه معنائون آهن. هڪ تڪبر وڏائي، ٻي گندگي يعني مال جا چيڻا وغيره. حضرت اولياء صاحب هتي ياڻ مان پهرين معنيٰ وڏائي تڪبر ۽ هٺ واري مراد ورتي ۽ فرمايو ته، برابر ياڻ يعني وڏائي ۽ تڪبر سُڪائيندڙ آهي. مطلب ته هٺ ۽ تڪبر برباد ڪندڙ آهي.

## نڪتو ٢–

حضرت شاهه عبداللطيف جو رسالو سنڌي نظم ۾ آهي. اُن جي شروعات "اول الله عليم"........ جي بيت کان ڪئي اٿن، پر حقيقت ۾ رسالي جو پهريون بيت مولانا رومي جي مثنوي وارو پهريون هي بيت ئي آهي:

بشنو از نی چون حکایت می‌کند
از جدائیها شکایت می کند

جيئن هيٺ ان معنيٰ وارو بيت ڏجي ٿو:

وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هن پن پنهنجا ساريا، هوءَ هنجون هڏن لئه هاري.

رسالي ۾ اڪثر پورا سُر فقيرن داخل ڪيا آهن. جيئن "سُر بروو"

هندي، جيڪو ٻي ٻولي ۾ آهي. ”ڌناسري“ ۽ ”ڏول مارئـي“.
۽ جيڪي ’لطيفي رسالي‘ جا (متن) ڇپيل آهـن، اهي غلط ۽ بي اعتبار آهن. جن ۾ مٿيان سُر خارج ۽ ٻاهرين ڪلام جا آهن، جيڪي رسالي ۾ داخل ٿي ويا آهن.

## نڪتو ٣-

چون ٿا تـه، وصال کان ڪجهه ڏينهن اڳ حضرت اولياء صاحب پنهنجي ڪلام جا ٽي بياض، پٽ واري ڪراڙ ڍنڍ جـي حوالي ڪيا. ان تي حاضرين کي ڏاڍو ڏک ٿيـو ۽ ان جو سبب پڇيائون. مرشد لطيف جواب ۾ فرمايو تہ، آئون نٿو گهران جو مون کان پوءِ ڪو ماڻهو منهنجي شڪايت ڪري عذاب ۾ گرفتار ٿئي. ڪي ٿورا هوندا جي منهنجي ڪلام جو قدر ڄاڻندا. چون ٿا تہ اُن زماني ۾ بہ شاهہ صاحب جي ڪن فقيرن کـي سڄو رسالو ياد هو. هينئر جيڪو رسالو موجود آهي، اهـو انهن فقيرن وارو ياد ٿيل ڪلام آهي.

اولياء صاحب جي وقت ۾، پٽ شريف جي چوڌاري وڻن جي ساوڪ ۽ پاڻي جو نظارو وڻندڙ هو. ان جون نشانيون اڃا بہ آهن. مينهن يا ٻوڏ جي مند ۾ تہ پٽ جي چوڌاري هيٺاهين ۾ پاڻي جام هوندو هو.

## نڪتو ٤-

روايت آهي تـه، مخدوم نـوح هالائـي قريشي ۽ سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي پاڻ ۾ پريت ۽ محبت هوندي هئي. هڪ ڏينهن سيد عبدالڪريم بلڙي وارو ملاقات ۽ روح رهاڻ واسطي هالن ڏي حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه وٽ پي آيـو. جڏهن سالڪره واه جي ڪناري تي پهتو تـه، جهنگ ڏانهن هلڻ لڳو ۽ آخر واريءَ جي پٽ تي اچي مانجهاندو ڪيائين. اها جـاءِ هينئر ”پٽ شريف“ جي نالي سان مشهور آهي. جتي هينئر شاه لطيف

جو روضو مبارڪ آهي، اتي اچي منزل ڪيائين. ان جاه ڪي صاف ڪري اتي نماز پڙهي، ذڪر ڪري دعا گهري اڳتي روانو ٿيو. حاضر جماعت هن واريءَ جي پٽ تي اچڻ ۽ ان جو ايترو خيال ڪرڻ بابت شاه ڪريم کان سبب پڇيو. شاه ڪريم فرمايو ته، منهنجي اولاد مان هڪ، هن جاه تي ايندو ۽ آخر سندس مزار به هتي ٿيندي. مون جيڪي سنڌي ۾ بيت چيا آهن، اهي ته ٿورا آهن. هو انهي رنگ ۾ رچيل بيت ۽ رسالو جوڙيندو ۽ مخفي رازن کي ظاهر ڪندو.

## نڪتو ٥–

حضرت اولياء صاحب فقيرن جي جماعت سان اُتر کان پي آيو. اُتي هڪ سيد ڍور پي چاريا. تنهن اولياء صاحب جا گهٽا لطيفي فقير ڏسي مُرڪيو ۽ چوڻ لڳو ته، ”اي سيد !(عبداللطيف) خلق کي ڇا لاء دنياوي ڪمن ڪارن کان سيڙايو اٿئي ۽ پنهنجي خدمت لاء مفت وٺيو ٿو وتين.“ حضرت اولياء صاحب ان کي جواب ۾ فرمايو، ”تنهنجو اولاد ته مون کان به وڌيڪ خلق کي پنهنجي پويان وٺي هلندا.“ ان سيد جي اولاد مان راشدي پير ٿيا، جيڪي روهڙي وارا پير سڏجن ٿا. سندن شهر ڪنگري آهي. هن وقت سندن گادي نشين سيد حزب الله شاه آهي. (موجوده وقت ۾ ان خاندان مان پير صاحب پاڳارو ۽ سندس سڪندري ”حُر“ جماعت مشهور آهي. سندن موجوده شهر جو نالو ”پير ڳوٺ“ آهي.)

## نڪتو ٦–

اولياء صاحب پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي سهي جي کُهڻ کان منع ڪندا هئا. (ڇو ته اهو ڪمزور ۽ ڏڄڻو آهي. ڀاڪو به آهي ته، اُنون غريب سهي جي ڪل آهيان. يعني رحم جوڳو آهيان.)

## نڪتو ٧ـ

چون ٿا تہ، ڀٽ شاھ جي آسپاس ساوڪ، جھنگ وڻڪار جو سنو نظارو ھوندو ھو. ان ڪري اڌ رات کان پوءِ مڇر ماڻھن کي بي آرام ڪندا ھئا ۽ لطيفي فقيرن جي ننڊ ڦٽائيندا ھئا. فقيرن اِھا شڪايت شاھ لطيف سان ڪئي تہ، ڀٽ شريف ھوندئن تہ بھترين جاھ آھي؛ پر اڌ رات کان پوءِ مڇر سمھڻ نٿا ڏين ۽ مٺي ننڊ ٿا ڦٽائين. حضرت اولياء صاحب فرمايو تہ. مڇر بہ توھان جا دوست آھن، جو اوھان جي ننڊ ڦٽائي، غفلت ڇڏائي، عبادت واسطي سجاڳ ٿا ڪن.

## نڪتو ٨ـ

روايت آھي تہ، اولياء صاحب جو ھڪ فقير پراھين پنڌ جو رھاڪو ھو. سال ۾ ھڪ ڀيرو مرشد جي زيارت تي ايندو ھو ۽ ڪتو سوڪڙي طور آڻيندو ھو. اتفاق سان ھڪ سال ان کي ڪتو نہ ملي سگھيو. ان حجاب کان مرشد وٽ نہ آيو. جڏھن ٻي سال ڪتو کڻي اولياء صاحب وٽ پھتو. تڏھن کانئس گذريل سال نہ اچڻ جو سبب پڇيائون. ان مريد عرض ڪيو تہ، مون وٽ ڪتو نہ ھو ۽ ھٿين خالي اچڻ ڪونہ آيس. تنھن تي اولياءَ صاحب فرمايو تہ، اھا شيءِ گھوري، جيڪا دوست کی دوست کان پري ۽ جدا ڪري. ان ڏينھن کان وٺي پري کان ايندڙ فقيرن کان سوکڙي نہ وٺندا ھئا، مگر جيڪو موڪلي ڇڏيندو ھو، اھا قبول ڪندا ھئا.

## نڪتو ٩ـ

روايت آھي تہ، اڪثر لطيفي فقير جيڪي سرود چاڙھيندا ھئا، اھي تپجي پيا. ان ڪري اھا شڪايت اولياء صاحب سان ڪيائون. پاڻ فرمايائون تہ، ھر جمعي جي رات لطيفي درگاھ تي لطيفي راڳ ڳايو ۽ رسالو پڙھو. فقيرن ان تي عمل ڪيو تہ،

چڱا ڀلا ٿي پيا. سومهڻي ڪان پوءِ راڳ شروع ڪندا هئا. پرهڻتي تائين اهو سلسلو هلندو هو. فقيرن ڪجهه مدت گذرڻ ڪان پوءِ سرود جي ان سلسلي ۾ غفلت ۽ ڪوتاهي ڪئي، ته وري تپ ۾ وڪجي ويا. ان ڪان پوءِ اهو سلسلو لاڳيتو جاري رکيائون، جيڪو اڃا تائين هلندو اچي. هر جمعي جي رات هر طرف کان ماڻهو اچن ٿا ۽ قابل تحسين ميلو بڻجي پوندو آهي. هر ڀهرين ماه سومر جي رات ۽ حج جي ڏينهن به گهڻي خلق ايندي آهي. تمام وڏو ميلو اولياء صاحب جي وفات واري ڏينهن (١٤ صفر) تي به ٿيندو آهي.

نڪتو ١٠-

روايت آهي ته، پٽي قوم جا بزرگ عامل هئا. مخدوم نوح رحمةالله عليه جي گادي نشين جا معتقد هئا. اهو به چون ٿا ته، ميان نورمحمد ڪلهوڙي سنڌ جي حاڪم جي اشاري تي به هلندا هئا. انهن حضرت اولياء صاحب کي زهر ڏنو. ان زهر جي اثر ڪري، اولياء صاحب کي زخم ٿي پيو. ته ان تي ساٽر دوا طور استعمال ڪندا هئا ۽ ان ساٽر جي ناس به ڏيندا هئا. پاڻ هڪڙي ڏينهن ڏناٺون ته، سندن خاص مريد تماڪ واري ناس جون دٻليون کنيو ٿا وتن. اهو ڏسي اولياء صاحب پنهنجي ساٽر دوا واري دٻلي ٻاهر ۾ آڇلائي ڇڏي ۽ فرمايو ته، منهنجي دوا واري ناس ڏسي، اوهان به سچ پچ ناس ڏيڻ شروع ڪئي يعني منهنجي پيروي ٿي ڪئي، جيتوڻيڪ اولياء صاحب ته عذر وارا هئا.

نڪتو ١١-

سيد عبداللطيف جو فيض جاري هو ته، سنڌ جي حاڪم (ميان نورمحمد ڪلهوڙي) امتحان طور سندن دعوت ڪئي. جڏهن اولياء صاحب سندس وٽ مهمان ٿيو ته، ميان صاحب، حسين جميل ٻانهيون سندن خدمت ۾ موڪليون. انهن ڪئين ناز دلفريب انداز ۾ ڪيا، پر لاهوتي پڪي انهن جي دام ۾ نه ڦاٿو. ٻانهين،

عشق ۽ حسن جو دڪان کوليو، پر ڪو بہ انهن جو خريدار نہ ٿيو. اولياء صاحب جڏهن جاء ۾ داخل ٿيو تہ، مراقبي ۾ مشغول ٿي ويو. آخرڪار ميان صاحب پاڻ حقيقت حال ڏسڻ آيو. حضرت اولياء صاحب "الاان ڪما ڪان" وانگر جيئن هو، تيئن مراقبي ۾ مستغرق هو. تنهن تي ميان صاحب اهو ڏسي پڇيو تہ، هي نازنين اوهان جي عشق ۾ آيون هيون، انهن سان ميل ميلاپ ڇو نہ ڪيو اٿو. حضرت اولياء صاحب جواب ۾ فرمايو :

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
جي ڇورين ڏنا ڇال، سي لاهوتي لنگهي ويا.

مطلب تہ، ڪاڪ هڪ جاء جو نالو آهي، جنهن ۾ مومل رهندي هئي. "ڪاپڙي" ۽ "لاهوتي" اهي ٻئي هندو فقير آهن، جو اولياء صاحب ڪجهه سال انهن سان رفاقت ۽ سير سفر ڪيو هو.

مقصد تہ، حقيقي عاشق، مال ملڪيت ۽ جاين تي عاشق ڪونہ ٿو ٿئي ۽ نہ وري خوبصورت عورتون ئي ان کي ڦاسائي سگهن ٿيون. ڀلي آهي ڪٿي سڀ پاڻ ڏي ڦاسائڻ ۽ ڇڪڻ جي ڪوشش ڪن، تہ بہ سچا عاشق اتاهون پاڪ ۽ صاف ٿي گذرندا ويندا آهن ۽ انهن جي ڪنهن بہ چار ۾ نہ ڦاسندا. ان ڪان پوءِ ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو اولياء صاحب تي اعتقاد ٿيو ۽ يقين وڌيو.

## نظم جو مطلب

سانگي ڇوي ٿو تہ، ان ڪان پوءِ ميان صاحب، اولياء صاحب کان راضي ۽ مطمئن ٿيو ۽ پنهنجي گذريل ڪم کان توبهہ ڪيائين. ان کي يقين ٿيو تہ، اولياء صاحب آزاد طبع ۽ پرهيزگار آهي ۽ سندس فيض سان جهان آباد آهي. اي عبدالحسين گفتار جاري رک، جو عشق جي بازار ٿڌي نہ ٿي وڃي.

—✳—

# حڪايت ١٢

مشهور آهي ته، ميان نورمحمد عباسي کي غلام شاه پٽ، حضرت اولياء صاحب جي دعا سان ٿيو هو. جيئن ته ”گلان“ نالي ڪڄري حضرت اولياء صاحب جــي خدمت ۾ خوش نصيبي سان آئي ۽ راڳ ڳايائين. جنهن ڪري اولياء صاحب تي گريي جي حالت طاري ٿي ۽ فقير به وجد ۽ استغراق جي حالت ۾ اچي ويا. ان عورت اهــڙي عجيب حالت ڏسي، حضرت اولياء صاحب کي عرض ڪيو ته، منهنجي حـق ۾ دعا ڪيو ته، حــلال جي روزي نصيب ٿئي ۽ عزت سان زنـدگي گذاريان. حضرت اوليــاء صاحب ”گلان“ کي فرمايو ته ، تـون ميان نورمحمد عباسي سنڌ جي حاڪم جي زال ٿينديئين ۽ اُن مان توکي پٽ ڄمندو، جيڪو عباسين جو به اڳواڻ ٿيندو. عزت، اقتدار ۽ رتبي ۾ پيءُ کان به وڌي ويندو.

آخرڪار ڪن منافقن اها خبر وڃي سنڌ جي حاڪم کي ٻڌائي ته، سيد عبداللطيف مڪار آهي (معاذالله) صوفــي شاعــر، بزرگ ۽ فقير نه آهي. مٺي آواز واريون ڪڄريون وٽس رهــن ۽ عزت لهن ٿيون. ميان نورمحمد ان خبر ٻــڌڻ شرط ماڻهو موڪليا ته، وڃي حقيقت حال ڏسن. جي واقعي اُتــي ڪا ڪڄري هجي ته ، ان کي مون وٽ وٺي اچو ته پڪ ٿئي. ميان صاحب جا خدمتگار ماڻهو اچا پٽ شريف تي پهتائي ڪين هئا ته ، حضرت اولياءصاحب کان گلان وڃڻ جي موڪل تــي ورتي. تنهن تــي اولياء صاحب فرمايو، ٿورو ترس ته مٺيادار موتي جا خريدار ظاهر ٿين ۽ اچن.

اولياء صاحب اجا ائين چئي بس نــه ڪئي ، ميان صاحب جا ماڻهو اچــي پهتا ۽ ”گلان“ کي پاڻ سان وٺــي ، وڃي ميان نورمحمد جي دربار ۾ حاضر ٿيا. ميان صاحب ان کي ڏسندي مٿس

عاشق ٿي پيو. آخر ڳلان شريعت محمدي موجب، مياڻ صاحب جي زال ٿي. ان مان غلام شاه ڄائو.

احوال ته ڏگهو آهي. پر مختصر هي ته- آخرڪار ميان غلام شاه عباسي آزاد، بلند اقبال ۽ بخت وارو حاڪم بنيو ۽ پنهنجي سيني بزرگن کان لشڪر ۽ زر، سخاوت ۽ شجاعت ۾ ګوءِ کڻي ويو. هن عقيدت ۽ محبت سان پنهنجي دور حڪومت ۾، سيد جمال شاه (درگاه لطيفي جي پهرين گادي نشين) جي معرفت حضرت اولياء صاحب جو عاليشان ۽ مضبوط روضو مبارڪ، هوشيار ڪاريگرن کان جوڙايو. (هڪ ته اڳيئي پٽ مٿي آهي وري) روضو مبارڪ ايترو ته بلند جوڙايائون، جو ميان غلام شاه ۽ سندس والده "ګلان" پنهنجي گادي جي هنڌ خداآباد کان ويٺي روضي مبارڪ جي زيارت ٿي ڪئي. اهوئي سبب شاه لطيف جي روضي جي بلندي جو آهي. مائي "ګلان" (عقيدت وچان) پنهنجي پٽ جو نالو غلام شاه يعني شاه جو غلام رکيو، جيڪو شاه صاحب جي دعا سان ئي ڄائو هو.

حضرت اولياء صاحب کان پڇيائون ته، مخلوق کي خدا وٽان ڏسجي يا خدا کي مخلوق کان ڏسڻ گهرجي. پاڻ فرمايائون ته، نزول جي حالت ۾ مخلوق کان خالق جو توجه ڪجي ۽ عروج جي حالت ۾ خالق کان مخلوق جو معائنو ڪجي. اهو به فرمايائون ته، مرشد جي سادگي مضائقو نٿي رکي ۽ مريد جي عمدگي ۽ نيڪ نيتي خصوصيت ٿي بخشي.

## نظم جو مطلب

نظم ۾ سانگي پنهنجي بلبل طبع، گل گلزار ۽ لطائف لطيفي باغ بهار جو نظارو ڇٽيو آهي.

# حڪايت ۱۳

جيئن مشهور آهي ته، حضرت اولياء صاحب متعلوي سادات قبيلي مان هئا. سندن وڏا بزرگ پيري مريدي جو سلسلو رکندا هئا. ان ڪري متعلوي سادات جا گهڻا اولياء ناميارا ٿيا آهن. ان سان گڏ زميداري زراعت جو ڪم به ڪندا هئا. ان ڪري سندن زمينون گهڻيون هيون. مٽياري شهر چانگ قوم آباد ڪيو هو. خود لفظ "متعلوي" ۾ شهر جي آباد ٿيڻ جي تاريخ جو ذڪر آهي. يعني ابجد جي حساب سان به اِهو سن ۵۵٦ هجري ٿئي ٿو. اتي سادات گهڻو پوءِ اچي ويٺا آهن. جيئن سيد حيدر شاه سن ۸۰۱ هجري ۾ امير تيمور لنگ جي لشڪر سان گڏ آيو هو ۽ چانگ قوم محمد بن قاسم جي لشڪر سان سن ۹۳ هجري ۾ آيا. محمد بن قاسم، حجاج بن يوسف جو نياڻو، خليفي وليد بن عبدالملڪ بن مروان جي حڪم سان آيو. "ڀٽ شريف" خاص اولياء صاحب جي رهڻ جي جاءِ آهي. اڳياڻي زماني ۾ اها زمين ٻٽ هئي ۽ هن ۾ جهنگ به هو. ڀٽ شريف جي چوڌاري سڄو سال پاڻي هوندو هو. تنهن ڪري اتي گاهه گهڻو هو ۽ ماڻهو اتي مال چاريندا هئا. جڏهن پاڻي گهڻو ٿيندو هو يا ٻوڏ ايندي هئي ته، ان مٿاهين ڀٽ تي ماڻهو ويهندا هئا. حضرت اولياء صاحب اڪيلائي ۾ اتي ويندا هئا ۽ انهي جاءِ کي پسند ڪندا هئا، پر اتي واري تمام گهٽي هئي. تنهن ڪري ان زمين کي هموار ڪري چيڪي مٽي مٿان وڌائون. اهو ڪم نقيرن ڪيو.

حضرت اولياء صاحب جا وڏا پهريان هالا ڪنڊي، ان کان پوءِ مٽياري، اتان پوءِ بلڙي شريف ۽ آخر ۾ ڀٽي پور ۾ رهيا هئا. ان کان بعد ڪجهه ڏينهن ڪوٽڙي مغل بيگ مرزا جي پڙ ۾ گذاريائون ۽ پڇاڙي جو ڀٽ شريف تي اچي رهيا.

سيد حبيب شاهه کي اولاد نتي ٿيو. ڪنهن اولياء صاحب کيس دعا ڪئي. چون ٿا ته، ان جو نالو ”وتايو فقير“ هو. ان وصيت ڪئي ته، پٽ ڄمي ته ان جو نالو ”سيد عبداللطيف شاه“ رکجو. اهو زماني جو قطب، يگانو ۽ اولياء ٿيندو. سيد حبيب شاه کي هڪ ٻئي پٽيان ٻه پٽ ڄاوا ۽ ننڍي هوندي الله کي پيارا ٿي ويا. انهن ٻنهي جو نالو به عبداللطيف هو. ۽ ٽين پٽ جو نالو جمال شاهه رکيائين. هينئر به لطيفي درگاه جا گادي نشين انجي اولاد مان آهن. ان کان پوءِ سيد حبيب شاه کي فرزند ڄائو، جنهن جو نالو سيد عبداللطيف شاه رکيائين. (جيڪو اڳتي هلي ان بزرگ جي دعا سان ڪامل ولي ۽ صوفي شاعر ٿيو. جنهن جي احوال ۾ هي ڪتاب لکيو ويو آهي). سندس والده سڳوري مخدوم محمد عربي ديانه جي اولاد مان هئي. چون ٿا ته، هالا ڪنڊي جي اوڀر طرف محمد عربي ديانه جو مقبرو آهي. سندن والده سڳوري ڀٽ شاه تي سيد حبيب شاه جي روضي کان اولهه طرف دفن ٿيل آهي.

حضرت سيد عبداللطيف ڀٽائي جي والد (سيد حبيب شاه) جي وفات سنه ١١٥٥ هجري تي ٿي. محمد صادق نقشبندي نتوي سندس تاريخ وفات هن عربي عبارت مان ڪڍي آهي:

”الموت جسر يوصل الحبيب الي لقاءالحبيب—١١٥٥هه“

يعني موت هڪ پل آهي. جنهن جي ذريعي هڪ دوست ٻئي دوست سان ملي ٿو. سيد حبيب شاه جي روضي تي اها تاريخ لکيل آهي.

حضرت اولياء صاحب جو استاد ميان نورمحمد ڀٽي ”واڻي وارو“ هو. ان جي اولاد مان ميان احمد، جنهن جي عمر اسي سال آهي ۽ هينئر حال حيات، ڀٽ شريف تي رهاڪو، شاهه لطيف جو عاشق، درگاه لطيفي جو خاص خليفو ۽ هن ڪتاب لطائف لطيفي جي مصنف مير عبدالحسين سانگي جو استاد پڻ آهي. جڏهن اولياء صاحب کي مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريائون ته، سندس استاد ميان نورمحمد ڀٽي کين پهريون سبق هي ڏنو :

چؤ ”الف“، تہ پاڻ چيائون الف، وري استاد چيو تہ
چؤ ”ب“، تنھن تي اولياء صاحب فرمايو تہ، بي اصل آھي ڪانہ
استاد گھڻو ئي چيو؛ پر پاڻ ان جو جواب ڪونہ ڏنائون. انڪري
سندن استاد (ميان نورمحمد پٽي) سندس والد سيد حبيب شاھ کي
عرض ڪيو تہ، ھي الف تہ زبان تي آڻي ٿو ۽ بي چوڻ کان
مورڳو انڪار ٿو ڪري. سيد حبيب شاھ پنھنجي اکين جي ٺار
فرزند کان انڪار جو سبب پڇيو. اولياء صاحب فرمايو تہ، استاد
چوي ٿو عدم کي وجود ۾ آڻيان ۽ چوان. اھو چوڻ منھنجي
اختيار ۽ وس ۾ ڪونھي. سيد حبيب شاھ پنھنجي اکين جي ٺار
اولياء صاحب جو ھي عجيب وڻندڙ نڪتو ٻڌي، سندس پيشاني
تي چمي ڏني. حضرت اولياء صاحب وڌيڪ درس نہ ورتو. مطلب
تہ کين خداداد علم لدني حاصل ھو.

حضرت اولياء صاحب جو رسالو سنڌي شاعري ۾ آھي.
جنھن ۾ خاص ابيات ۽ آيتون آھن. انھن جي ورھاست فصلن ۽
سرن ۾ آھي. سبحان الله! جيڪي بہ طلبيندين، ان مان حاصل
ٿيندو. شاھ جو رسالو فيصلہ مقامات، رياضات، عبادات، ڪرامات
۽ تجليات تي مشتمل آھي. ان ۾ عروج ۽ نزول، قبض و بسط،
ذوق ۽ شوق، فراق ۽ وصال، ڪمال ۽ زوال، ذڪر ۽ فڪر،
خوف ۽ اميد جون ڪافي شافي خبرون آھن. صبر ۽ رضا، برزخ،
رمزن ۽ احڪامن جي ان ۾ رھنمائي آھي.

حضرت اولياء صاحب ننڍي ھوندي کان شعر چوڻ شروع
ڪيو. جيئن ھڪ ڏينھن ”پٽ شريف“ کان ڪوھ اڌ پري ھڪ
ڪنڊي ھيٺان ٻارن سان ”لڪ لڪوٽي“ راند پئي ڪئي. اھو
ڪنڊو تمام جھونو ۽ پورو آھي، پر اڃا تائين ساڳو بيٺو آھي ۽
ماڻھو ان جي زيارت ڪرڻ ويندا آھن. اولياء صاحب راند ڪندي
ان جھوني ڪنڊي جي پور ۾ لڪي ويٺو ۽ استغراق ۾ اچي
ويو. ھتان واري وري وئي. چوڪرن اھا حالت وجي سندن والد

سيد حبيب شاهه سان بيان ڪئي. سيد حبيب شاهه سندن ڳولا لاءِ نڪتو. ڳولي ڳولي ٿڪو، ڏک ارمان ۾ اچي ان وڻ هيٺان ويٺو. ۽ پنهنجو هٿ ان واريءَ ۾ هنيائين ته، ڪپڙي جي ڪُنڊ آن مان ظاهر ٿي. جڏهن ان دامن ڪي ڏنائين. اتان سڃاتائين ته زماني جو مرشد يعني شاهه لطيف آهي، شايد اندر وفات ڪري ويو آهي پوءِ هي مصرع چيائين :

لڳي لڳي واءُ ، ويا انگڙا لڇجي.

جڏهن اهو دلنواز آواز سيد عبداللطيف جي ڪن تي پيو ته پاڻ جواب ۾ چيائون :

پٽي ڪئي پساهه، پسڻ خاطر پرينءَ جي.

اوليا‌ء صاحب جيڪو شعر ۽ ڪلام فرمائيندا هئا، اهو ٻن قسمن جو آهي. هڪ جلالي ۽ بيخودي جي حالت ۾ چيل آهي، ان ۾ وحدت آهي. ٻيو نزول جي حالت ۾ چيل آهي، ان ۾ عبوديت يعني ٻانهپ ۽ انڪساري آهي.

جواني جا اڪثر ڏينهن گنجي ٽڪر ۽ سنڌ جي ڪوهستان جو سير ڪيائون. جڏهن ته ان وقت يگانه مرشد بڻجي چڪا هئا. ان ڪري هر ماڻهو سندن حضور ۾ ايندو هو. اولياء صاحب بيخودي جي حالت ۾ صحرا جي سير ۾ مصروف رهندا هئا ۽ ماڻهو سندن ديدار لاءِ واجهائيندا هئا، پر ان حالت کان پوءِ پوري طرح مرشدي جو فيض ڏيڻ لڳا. ماڻهو جوق در جوق اچڻ لڳا ۽ سندن فيض مان فيضياب ٿيڻ لڳا. اولياء صاحب انهن مشتاق عقيدتمندن کي هي تلقين ۽ ترغيب ڏيندا هئا : ٿورو کائڻ، ٿورو سمهڻ، ٿورو ڳالهائڻ، سادو لباس پهرڻ، مروت ڪرڻ، ذڪر فڪر ۾ مشغول رهڻ، عبادت رياضت ڪرڻ، نفس جو رايو نه وٺڻ ۽ رضا تي راضي رهڻ. اهو پڻ فرمائيندا هئا ته، ڪنهن ماڻهوءَ کي سوال ڪرڻ ڪنهن ڪم جي لاءِ، جيڪو ڪيس ڏکيو لڳي يا شادي ڪرڻ، پنهنجي قسمت يا مخلوق جي شڪايت ڪرڻ، بخيلي يا

چاپلوسي ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي سان گستاخي ڪرڻ ۾ ڪوبه فائدو ڪونهي.

حضرت اولياء صاحب ننڍپڻ ڪان قبض ۽ بسط جي حالت ۾ رهندا هئا (يعني ڪڏهن طبيعت ڪليل ۽ ڪڏهن منجهيل). زندگيءَ جو وچون دور يعني جواني، سير سفرجي جذبي ۾ گذاريائون. ظاهري اسبابن جو ڪو به خيال نه ڪيائون. پنهنجي وفات ڪان ڏهه سال اڳ يا هڪ روايت موجب، پنهنجي والد سيد حبيب شاه جي وفات ڪان اڳ فيض ڏيڻ لڳا. جيڪو به محبت رکي ويندو هو، اهو وٽانئن پنهي جهانن جي سعادت حاصل ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي حق پرست فقيرن جي جماعت سان سفر تي نڪرندا هئا ۽ جيڪو به سندن لطيفي جماعت ۾ داخل ٿيندو هو، ان ڪان پهريان پڇندا هئا ته، مائٽن جي موڪل سان آيو آهين يا انهن جي اجازت ۽ مرضي ڪان سواء حق پرست جماعت ۾ داخل ٿو ٿئين ؟ آن نئين ايندڙ فقير کي مصلو ۽ ڪوزرو ڏئي، جماعت ڪان جدا ويهاريندا هئا ۽ ڪيس عبادت جو حڪم ڏيندا هئا. جڏهن اهو فقير عبادت ۽ محبت ۾ پڇي پڪو ٿيندو هو ته، پوءِ اهو لطيفي جماعت ۾ داخل ٿيندو هو. پاڻ فرمائيندا هئا :

روزا ۽ نمازون، اي به سکر ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

جيئن مولانا "صائب" چيو آهي :

کار دنيا کن و انديشهٔ عقبيٰ مگذار
تا به عقبيٰ نه رسي دامن دنيا مگذار

مطلب ته دنيا جو ڪم به ڪر ۽ آخرت جو فڪر به نه ڇڏ، جيستائين آخرت سان نه پهچين ته، دنيا ڪان به دامن نه ڇڏ. جيتوڻيڪ صوفين وٽ عقبيٰ ۽ دنيا برابر آهن. جيئن اولياء صاحب فرمايو آهي :

پيءُ م طهورا، ويهه م وري ويسر،

ويجها جي وصال کي ، سي سپ اجورا،
حاصل حضورا، سمي جي سپ ٿئي.

مطلب ته، دنيا ۽ عقبيٰ تي دل نه رکي، مگر مولا جو طالب ٿئي. يار جي ديدار کانسواءِ ڪا به شيءِ ان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نه سگهي. جيئن حديث ۾ آهي: ”طالب الدنيا مخنث، طالب العقبيٰ مؤنث، طالب المولیٰ مذڪر“. مطلب ته، دنيا جو طالب ڪدڙو آهي، عقبيٰ جو طالب عورت آهي ۽ موليٰ جو طالب ئي مرد آهي. حديث جو فارسي شعر ۾ ترجمو هي آهي:

طالب الدنيا مخنث ناخته،
طالب العقبيٰ مؤنث ساخته،
طالب المولیٰ مذڪر اي تو گفت،
رحم ڪن بر ما رحيميهات زفت.

هينئر وري پنهنجي مقصد تي اچون ٿا. اوليا صاحب فرمائيندا هئا ته، ”دل بيار و دست بڪار“ يعني دل يار سان ۽ هٿ حاج سان ـــ اهڙي طرح وڏي ڏاڏي سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي طريقي کي جاري رکندي، ذڪر جون ٽي تسبيحون فجر ۽ بين وقتن تي مقرر فرمايون هئائون.

(١) ”الله هو“ (٢) ”الله، الله“ (٣) ”هو هو“.

مطلب ته، ذڪر ۾ ”لا“ نفي جي آهي. جيڪڏهن ڪو طالب نفي ڪندي ساهه ڏئي ته اهو توحيد جو انڪار ٿيو. ان ڪري گهرجي ته، اثباتي ذڪر ”الله“ ڪجي، جو ذڪر ڪندي موت اچي ته، ذڪر اثباتي قائم رهي. اولياء صاحب پنهنجي وڏي ڏاڏي عبدالڪريم بلڙي وارو ذڪر جو طريقو جاري رکيو ۽ نئون سلسلو صادر نه ڪيائون.

اولياء صاحب موجوده طريقي وانگر هٿ وٺي مريد نه ڪندا هئا، پر جيڪو عرض ڪندو هو ته فيض ڏيو، مريد ڪيو يا دعا گهرو ته پاڻ جواب ۾ فرمائيندا هئا، الله تعاليٰ طاقت وارو

چانڊڙ آهي. پنهنجي دل کي صاف آئيني وانگر اجرو ڪيو ته، ان تي ازلي حسن جو جلوو يا اولڙو پوي. جيئن ته سندن حالت قبض ۽ بسط واري هوندي هئي. پاڻ ان حالت ۾ هي بيت زبان تي آڻيندا هئا:

پاريو آجهائين، آجهايو پارين،
مونکي تا مارين، پرين پر لهارجي.

جيئن لوهار، لوهه مان ڪا شيءِ ناهڻ جو ارادو ڪندو آهي ته، لوه کي باهه ۾ وجهندو آهي. ان کي پاهر ڪڍي وري ڌڪ هڻندو آهي ۽ وري باهه ۾ وجهندو آهي. اهڙي طرح لاڳيتو ان کي گرم ۽ ٿڌو ڪندو رهندو آهي ته، جيئن ان مان ضروري گهربل اوزار ناهي سگهي. جيڪڏهن لوهه کي رڳو باهه ۾ وجهي ڇڏبو ته لوهه سڙي ڳري ويندو ۽ جيڪڏهن وري لوهه ٿڌو پيو هوندو ته، اهو ساڳيو لوهه جو لوهه ئي رهندو، ان مان ڪجهه به نهي نه سگهندو. تنهن ڪري لوهار وانگر ٻئي حالتون (قبض ۽ بسط) ضروري آهن.

ان ڪري پاڻ ڪڏهن شرعي احڪامن جو تاڪيد ڪندا رهندا هئا ۽ ڪڏهن عروج جي حالت ۾ وڏائي کان خالي هوندا هئاه فرمائيندا هئا، ڪامل مرشد عبادت کان بي پرواه رهي ٿو، مگر عام جي اصلاح ۽ تربيت لاءِ پاڻ کي انهن جو پابند ڪري ٿو جيئن ڪير پياڪ ٻار جي ماءُ يا دائي ڪن شين کان پرهيز ڪندي آهي (ته انهن شين جو ٻار تي اثر نه پوي) ۽ جيتوڻيڪ ماءُ يا دائي کي انهن شين کان پرهيز نه هوندي آهي. يا جيئن استاد، شاگردن کي پڙهائڻ مهل الف ـ ب چوندو آهي ته، جيئن شاگرد سکي سگهن، نه ته استاد کي الف ـ ب چوڻ جي ضرورت ڪانه هوندي آهي. مقصد هي آهي ته، جيڪڏهن اولياء سڳورا قيمتي لباس ڍڪن يا سٺا طعام کائن يا دنيا دولت رکن ته، انهن کي حرج نه آهي؛ ڇو ته اهي انهن شين سان دل ڪونه ٿا رکن، پر مريدن جي

تربيت لاءِ ائين ڪن ٿا. ان ڪري پنهنجي مٿان اهي تڪليفون سهندا آهن ته، جيڪڏهن طالب، اعليٰ درجي تي نه پهچي، ته به ظاهري چڱا عمل ڪري ۽ شريعت جي تابعداري ۾ پابند رهي (فائدو حاصل ڪري).

## نظم جو مطلب

سانگي شاعرانه انداز ۾ نغمه سرائي ڪندي چوي ٿو ته، اهي جدا جدا نقل آهن، انهن سيني جزن کي گڏ ڪر ته، صفحهٔ دهر تي تا قيامت يادگار رهن. شعر جو گلدستو ترو تازه ۽ سلامت هجي. منهنجي اندر ۾ بلبل، گل ۽ نسيم گلشن آهن. جڏهن لطيف جي لطف مددگاري ڪئي ته، شعرن جو باغ بهار بنجي پيو. زماني ۾ هي منهنجو ترانو ياد رهندو.

—٭—

# حڪايت ١٤

روايت آهي ته، ناميارا عالم هڪ ڀيرو، حضرت اولياء صاحب وٽ آيا. انهن جو اڳواڻ محمد هاشم ٺٽوي هو، جنهن جو لقب مخدوم آهي. انهن عالمن جي اچڻ جو مقصد اهو هو ته حضرت شاه صاحب پنهنجي مجلس ۾ راڳ ۽ سرود وڄائيندو هو، ان کي روڪڻ واسطي آيا؛ جو اهو ڪم شريعت جي خلاف آهي. جڏهن شاه صاحب، عالمن ۽ زاهدن جي اچڻ جو ٻڌو ته، پنهنجي فقيرن کي فرمايائون ته، تنبورن کي ڪٺي اندر جاء ۾ رکن ۽ پاڻ فقيرن جي وچ ۾ اچي ويٺا؛ جيئن تارن ۾ چنڊ چمڪندو آهي. جڏهن اهي عالم زاهد آيا ۽ قدمبوسي جو شرف حاصل ڪيائون ته، حضرت شاه صاحب، انهن عالمن سان سهڻي نموني پيش آيو ۽ اڳوات انهن کان مسئلو پڇيائون ته، هڪڙو وڻ هجي، ان مان عام فائدو حاصل ٿئي. پاڻيء کان سواء سڪڻ لڳي ۽ پاڻي ٻه گندو ۽ ناپاڪ هجي، اهو پليد پاڻي وڻ کي ڏجي يا ان کي ڇڏي ڏجي، ته پلي سگهي وڃي؟ عالمن زاهدن يڪ زبان آواز ڏنو ته، ان ۾ ڪو حرج ڪونهي جو پليد پاڻي وڻ کي ڏجي، وڻ ساٿو ٿئي (۽ ان وڻ جو فائدو عام ٿئي). جڏهن عالمن مسئلو حل ڪيو ته، تنبورا جيڪي اندر پيا هئا، سي ازخود وڄڻ لڳا. ڄڻ ته انهن کي ڪو وڄائي رهيو آهي.

عالمن کي سازن وڄڻ تي ڪاوڙ آئي ته، هي ڪهڙي شرافت آهي جو شريعت جي خلاف رستو اختيار ڪيو ويو آهي، اسان ته خاص انهن کي روڪڻ لاء آيا آهيون ۽ فقير اندر سازن وڄائڻ ۾ مصروف آهن. حضرت اولياء صاحب انهن کي اجازت ڏني ته اندر وڃي جنهن کي ڏسن ۽ شرعي حڪم جاري ڪن.

شريعت جي صاحبن جلدي وڃي ڏٺو ته، جاء کي رڳو

ڏسي ته، پنهنجن اکين جي غلطي سمجهي. ڇڱي ۽ مٺي ۾ راضي هجي ۽ وصال جي ڪوشش ڪندو رهي ته، جيئن وصال ماڻي. امانت اِلاهي اٿين آهي، جو جڏهن طالب سمهي ته مٿي هيٺان هجي، جيڪڏهن امانت کولي ته نه لهي. سندن چيل هي بيت هن مضمون جا شاهد آهن:

سمهان تا سر هيٺ، کهان تا کيچان پري،
باروچي سين ڏيٺ، جيڏيون جيهي ۽ پر ٿي.

---

کهان تا کيچان پري، وهان تان وٿ مون،
پلي ڏوريم پــون، عبث آري چام کي.

پيو ته، خدا ۽ خودي ٻئي هڪ جاءِ تي نه ماپندا. جيئن فرمايو اٿن:

آئون سان ان پار، ڪڏهن تا ڪونه ويو،
إن الله وتـر يحب الوتر، نيئي ٻيائي ٻار،
هيڪڙائي وٺ هار، هنجون جي هئڻ جون.

---

پــن ٻيائي سپرين، پاڻان مون کي پل،
آئون اوراهون جهل، ته تو کي رسي تو ڏٺي.

---

تو کي رسي تــو ڏٺــي، سيوئي جمال،
ڪونهي ٻيو خيال، جي شارڪ شڪ وڃائين.

---

ڪن فقيرن عرض ڪيو تـه، جيڪي ظاهر وارا عابـد ۽ زاهد آهن؛ اهل باطن کان بدظن آهن ۽ انهن کي حقارت سان ڏسن ٿا ۽ هميشه انهن جي مخالفت ڪندا رهن ٿا. تنهن تي اولياء صاحب فرمايو ته، دعويٰ ڇڏڻ کان سواءِ آزادي ممڪن نـه آهي (پـاڻ پاڻئڻ کي ترڪ ڪرڻ کانسواءِ ڪاميابي ممڪن نـه آهي). جيئن

هڪ ڪتو ٻئي تي حملو ڪري ٿو ۽ ٻيو ڪتو ٻچ ٻوڙان ڪري هيٺ ڪري، پوي ٿو ته، حملہ آور ڪتو ان کي ننتو ماري. جڏهن ڪتو ٻہ عاجزي؛ ۽ نوڙت سان ڦتنو ٿاري سگهي ٿو ته، انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ عقل وارو ٻہ آهي. اهو ايترو ٻہ ننتو ڪري سگهي.

چاڻ گهرجي ته، درياءَ جو پاڻي سيني شين لاءِ حياتي جو سبب آهي ۽ درياءَ جي پاڻي سان وڻ ٽڻ پيدا ٿين ٿا، پر ڌاريون ميوا جهلين ٿا. اهو ساڳيو پاڻي چانهن، گدرن، نارنگي، ناريل، انگور، زيتون، انجير، ڦارون ۽ انبن وغيره کي ملي ٿو ۽ ۽ انهن سيني ميون جي ذائقي ۾ ڇا جو تفاوت آهي؟ مگر هرهڪ جي ذائقي جي اختلاف جو سبب پنهنجي پنهنجي خاصيت آهي. پاڻي ته برابر ساڳيو آهي، پر ذائقو سيڪنهن جو مختلف آهي. اها خصوصيت ظاهر ۽ ڇتي آهي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو، مون کان ته جيڪي ڳالهيون ٻڌيون، سي سڀ موتي آهن. هينئر ڪتاب ٻہ ڪيچ لکجي ويو آهي. هاڻي هي ڳالهيون چوڻ ۽ پڙهڻ ۾ آسان ٿي پيون آهن. منهنجي مٿان جيڪو بار هو، هلڪو ٿيو اٿم. الحمد لله مون جيڪي ڳالهيون چيون آهن، سي دوستن کي پسند آيون آهن.

—✱—

# حڪايت ١٥

روايتن ۾ آيو آهي ته، حضرت اولياء صاحب ڪامل عقل وارو هو. ظاهري ۽ باطني راز ان تي ڪليل هئا. چون ٿا ته، جڏهن هندستان مان دهلي جا رهاڪو ٻه راڳيندڙ سنڌ ۾ آيا ته، ميان غلام شاه فرزند ميان نورمحمد ڪلهوڙي عباسي کي خبر هئي ته، حضرت اولياء صاحب راڳ ۽ سرود جو شائق آهي ۽ هي ٻئي راڳيندڙ موسيقي جي علم جا ماهر هئا. ان ڪري انهن ٻنهي راڳيندڙن کي حضرت اولياء صاحب جي خدمت ۾ موڪليائين.

ڪي چون ٿا ته، اهي راڳيندڙ ميان غلام شاه جي حڪومت کان اڳ ۽ ميان نورمحمد عباسي جي وفات کان بعد آيا هئا، پر اصل ۾ ميان نورمحمد جي دؤر ۾ آيا هئا. هن روايت ۾ اختلاف آهي. هن اختلاف جي تحقيق حڪايت نمبر ١٩ ۾ آيل آهي، مگر سندن اچڻ ۾ ڪو شڪ ۽ اختلاف ڪونهي.

انهن سندس تصنيف (رسالي) جي تقسيم ڪئي. علحده سرن کي ترتيب ڏنائون. رسالي ۾ جيڪي هندي بيت آهن، اهي انهن جا پڪڙيل آهن يا ٻين جا چيل آهن. جيئن اولياء صاحب جي مجلس ۾ اهي هندي بيت پڙهيا ويندا هئا؛ ان ڪري فقيرن رسالي ۾ درج ڪري ڇڏيا. (حضرت اولياء صاحب جي فرمان موجب) لطيف جي رسالي کي سرن ۾ ورهائي جدا جدا صورت ڏنائون. هر داستان جو نالو رکيائون ۽ تنبوري وڄائڻ جو دستور به اوليا صاحب جي فرمودي موجب ٿيو. جهڙي طرح اولياء صاحب هڪ هٿ جو ننهن ٻئي هٿ جي ننهن تي هڻي تنبوري جي سُر سان سُر ملائيندو هو.

حضرت اولياء صاحب پاڻ ڪڏهن به بيت راڳ جي نموني ڪونه ڳايا ۽ نه وري تنبورو وڄائڻ لاءِ هٿ ۾ کنيو. البت ان

وقت سرود ٻڌڻ ۾ مستغرق ٿي ويندا هئا ۽ ڪنهن وقت ته مجلس وارن فقيرن کي استغراق جهي حالت ۾ ماني ۽ پاڻي ياد نه رهندو هو. اولياء صاحب ته وصال به مراقبي ۾ ڪيو ۽ ڪنهن کي خبر به ڪانه پئي ته، اولياء صاحب هي جهان ڇڏي ويا. جيئن چند ڏينهن سرود راڳ پي ٿيو، اهل مجلس استغراق ۾ هئا. جڏهن استغراق واري حالت ختم ٿي ته، اولياء صاحب کي ساڳي، طرح مراقبي ۾ ڏٺائون. آخر معلوم ڪيائون تہ ، حضرت اولياء صاحب الله سان وڃي مليو ۽ سندس وصيت موجب عمل ڪيائون. جيئن هن ڪتاب جي آخر ۾ ايندو.

۽ ”لطيفي رسالو“ جو سنڌي ٻولي ۾ منظوم آهي. ان جي ڪهڙي تعريف ڪجي. چوڻ ۽ لکڻ کان مٿي آهي. رسالي ۾ هرشي آهي: مقامات، تجليات، رياضات، عبادات، مڪاشفات وغيره سان ڪا به شي ڇڏيل ڪانهي. حضرت مرشد سيد عبداللطيف شاه جي رياضت هي هئي: نفس ڪشي ، سيني کي ڪيني کان پاڪ ڪرڻ، حق سان هجڻ، خلق کي اخلاق جو درس ڏيڻ ۽ فقيرن وارا سادا ڪپڙا پهرڻ — پاڻ ڪامل مرشد جو نمونو هئا، اهي ڳالهيون جيڪي مرشدي سان تعلق رکن ٿيون (ان ۾ سڀ هيون).

حضرت اولياء صاحب جو دنياوي ڪم هي هو، جو بي‌هنر کي هنرمند ٿي ڪيائون (سندن ظاهري زندگي ۽ رهڻي ڪهڻي جي جهلڪ هن ريت آهي): نابودي، نيستي، ناداري، غربت سان گذارڻ، پاڪ ۽ صاف هجڻ، ٿوري تي اڪتفا ڪرڻ، خواهش کي ڇڏڻ، دنيا جون لذتون ترڪ ڪرڻ، رياضت ۾ مشغول ۽ عبادت ۾ مصروف، قضا تي قناعت، رضا تي راضي، باطن ۾ خدا سان هجڻ، ظاهر ۾ خلق کي خالق ڏانهن رهنمائي ڪرڻ، خودي کان پري ٿيڻ، هميشه ذات سان هڪ هجڻ ۽ صفات کي ذات سان هڪ ڪرڻ.

مطلب ته منجهس اهي سڀ خوبيون هيون، جي اسانجي فهم ۾ نٿيون اچي سگهن ۽ ڪنهن ڪان بــه ڪا شيء نه گهرندا هئا. وٽن سڀڪجهه پاڻهي ايندو هــو. ڪا به شيء پــاڻ وٽ توشو ڪري نه رکندا هئا. مطلب تہ، متوڪل علی‌الله هئا. هــن وقت به لطيفي درگاه جي پيرن ۽ فقيرن ۾، اولياء صاحب جي توڪل وارو سلسلو هلندو اچي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوی ٿو، هي روايتون جي مون جهونن فقيرن ڪان ٻڌيون آهن، اهي سچيون آهن، هرقسم جون شوق افزا حڪايتون آنديون اٿم. جيئن باغ ۾ قسم قسم جا رنگ برنگي گل لڙيل آهن. هنن جو اڪثر مضمون عام فهم ۽ سولو آندو اٿم ۽ هن تصنيف ۾ تجمل ڪان پاسو ڪيو اٿم. انشاءالله تعالیٰ ان ڏينهن الله جي فضل سان گناهن ڪان ڇوٽڪارو لهندس.

—✳—

تي اچڻ پسند نہ ڪندا هئا. جڏهن بي بي لعل (پاٿرن جي حملي واري) اها حالت ڏٺي تہ، دانهون ڪندي اندر آئي ۽ اولياء صاحب کي چوڻ لڳي تہ، آئون پوڙهي آهيان جيڪڏهن هن خاڪ پاڪ ۾ مري ويس تہ، شهادت جو شرف ملندو، تنهنجي قدمن جي مٿي تان قربان ٿيندس، مگر اوهان احتياط طور انهن کان بچاءُ ڪريو. حضرت اولياء صاحب حجري کان ٻاهر آيو ۽ ٻنهي حملہ آور سيدن کي ڏسي فرمايائون تہ، "اي بي بي لعل! تنهنجي پاٿرن جي شڪل مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهي چريا آهن". اولياء صاحب اڃا اِهو فرمايو تہ، انهن جي بي انتها غصي ۽ ڪاوڙ جو جوش ۽ بخار سندن دماغ تي چڙهي ويو ۽ چرين وانگر هڪ ٻئي پاٿر هڪ ٻئي کي مارڻ لڳا. قريب هو تہ بي بي لعل جا ٻئي پاٿر هڪ ٻئي کي ماري نہ وجهن. ان تي بي بي لعل ٻيهر عرض ڪيو تہ، منهنجا پاٿر پاڻ ۾ وڙهي مري نہ پون. ان تي اولياء صاحب ڪن فقيرن کي حڪم ڪيو تہ، انهن ٻنهي سيدن کي ڇڏائي، مٽياري پهچائي اچو. اهي سڄي حياتي چريا رهيا.

اڪثر مٽياري سادات مخدوم نوح رحمةالله‌عليه جي درگاه جا مريد هئا. ان ڪري شاه لطيف جي مخالفت ۾ ڪوشش ڪندا رهندا هئا. جيئن مٽياري سادات جو سيد اجن شاه، مخدوم نوح هالائي جو خليفو هو. ان جو مقبرو هالن ۽ ڀٽ شريف جي وچ تي آهي. هڪڙي ڏينهن مير پير پنج ڀڳئي جي چُرچ تي گهڻا ماڻهو وٺي گهران روانو ٿيو ۽ ڀٽ جي هيٺان اچي وارد ٿيو. حضرت اوليا صاحب کي گهٽ وڌ چوڻ ۽ مخالفت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. اولياء صاحب جي خدمت ۾ چوائي موڪليائين تہ، "تون سنهو نانگ ۽ توري زهر وارو سپ آهين. وڏي قوم (وڏن نانگن) سان اچايو تہ دم هڻين ۽ مقابلو ڪرين."

اولياء صاحب جواب ۾ فرمايو تہ:

سنهان پانہ م سپ، جي ويا واسينگن جا،
جنهين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان نہ چُري.

جنهن وقت (سيد اجن شاه) اهو بيت پڙهو ته، نانگ وانگر وٽ کائي، گهوڙي کان هيٺ اچي ڪريو ۽ پيٽ تي هٿ رکي سور ۽ درد کان دانهون ڪرڻ لڳو. سندس سائين ان کي کڻي وچي پنهنجي جاءِ تي پهچايو. انهي رات ئي گذاري ويو.

## نظم جو مطلب

سانگي، شراب عشق جي طالب کان پوءِ چوي ٿو ته، حضرت اولياء صاحب جو ڪلام يد بيضا وانگر بيحد روشن آهي. سندس فيض جي اڳيان درياء به هڪ ڦڙي مثل آهي. جڏهن اولياء صاحب جي فقيرن کان حڪايتون ٻڌم ته انهن جي وصف بيان ڪرڻ لڳس. ان جي ياد ۾ غزل چيم، جي مرده دلين جي لاءِ دم مسيحا جو اثر رکن ٿا. زماني جي مرشد جون جيڪي مهربانيون ۽ لطف آهن، انهن جو سچي دل سان طالب آهيان. عبدالحسين جو اهو مرشد ۽ رهبر آهي.

—✱—

# حڪايت ١٧

روايت آهي، اولياء صاحب پاڻ فرمائيندا هئا تہ، طالب جيستائين مطلوب سان واصل نہ ٿئي شادي نہ ڪري. آزادي، اڪيلائي ۾ ۽ ڇوٽڪارو بي فڪري ۾ آهي. هن ڳالھ تي پنهنجي وڏي ڏاڏي عبدالڪريم بلڙي واري جو قول دليل طور آڻيندا هئا. ان فرمايو تہ، ”جنهن وقت مون شادي تي ڪئي، ان وقت مونکي ڪنهن بہ نہ روڪيو، رهندو شوق ۽ ترغيب پئي ڏنائون. مون تہ انهن جو ڪو بہ قصور ڪونہ ڪيو هو، جو مون کي ڦاسائڻ انهن کي منظور هو — پر جڏهن مون شادي ڪري آزمايو. هينئر هر ماڻهو کي روڪيان ٿو، پر ڪو بہ منهنجي ڳالھ ڪونہ ٿو ٻڌي ۽ پاڻ کي ڪڏ ۾ آڇلي هلاڪ ٿا ڪن؛ جيتوڻيڪ شادي کان پوءِ پاڻ ڪٿي ڪيترو بہ پڇي ، پر ڪجھ بہ ڪونہ ٿيندو. جيڪڏهن ڪبيرو گناه ٿئي ۽ سچي دل سان توبھ ڪري، تہ الله تعاليٰ پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان ان کي بخشي ٿو، پر جيڪڏهن شادي ڪري پوءِ توبھ ڪري يا پنهنجو متو ڪٿي ڦاڙي، پر ان مان ڪجھ بہ نہ ورندو.

جيڪڏهن حڪايت جي شروعات شاه ڪريم جي قول سان ٿي آهي تہ، هڪ قصو ان جو بہ پيش خدمت آهي:

اڪثر متياري سادات زمينداري ۽ پوکي راهي کي پسند ڪندا هئا. ان ڪري هينئر بہ متياري سادات وڏا زميندار آهن. چون ٿا تہ ، سيد عبدالڪريم بلڙي واري ٻين سان گڏ ٻني پوکي ۽ هڪ ڏينهن نار پئي هڪليو، ڪن شرير ماڻهن پاڻ ۾ بحث ڪيو. هڪڙي چيو ٿي تہ، شاه ڪريم تمام بردبار ۽ سهپ وارو آهي. ڪنهن بہ حال ۾ ڪاوڙبو ڪونهي.

ٻي چيو ٿي تہ ، آخر انسان آهي (ضرور خفا ٿيندو).

وقت اوهان کي منهن تي هٿ سان ڌڪ هنيم ته، اوهان جي دل تي ڇا گذريو ؟ پاڻ فرمايائون ته، جيڪو ماڻهو ايترا قصور ڪري جو پنهنجي پوک ۽ لالچ جي ڪري الله تعاليٰ جو گاهه سڪائي ڇڏي ۽ ساهه واري مخلوق (ڍڳن) تي ظلم جائز رکي، اهو ته گهڻي سزا جو لائق آهي. تو ته ٿوري تي اڪتفا ڪئي، جو مون کي هٿ جو ڌڪ هنيو.

سبحان الله ! ڪهڙي اخلاق، طريقي ۽ فهم وارو هو.

حضرت مرشد زمان سيد عبداللطيف ڀٽائي به پنهنجي ڏاڏي جي انهي طريقي کي پسند ڪندا هئا. اولياء صاحب حاڪمن جي واقفيت تي اعتراض نه ڪندا هئا، انهن سان سٺو سلوڪ ڪندا هئا. هن سبب ڪري جو حاڪم سان واقفيت يا تعلق هوندو ته، انهن جي ظلم کان ڪنهن غريب کي ڇڏائي سگهبو ۽ ان مان غريبن کي فائدو ٿيندو.

جيڪڏهن طالب مرد آهي ته، ان کي خوف ناهي، ان کي پردو حجاب نه جڳائي. جيڪڏهن عورت آهي ته، ان تي پردو يا حجاب لازم آهي، جو بنا پردي ان کي خطرو آهي ۽ ڪي ته مردانه صورت به عورتن جهڙا آهن ۽ ڪي عورتون وري مردانه سيرت آهن.

## نظم جو مطلب

سانگي، بلبل جي ترنم ۽ گل جي خوشبوء کانپوء اولياء صاحب جي ساراهه ڪندي تشبيه ڏئي چوي ٿو ته، اهو حيدر جي گلشن جو گل آهي. ان جي خوشبوء به پيغمبر جي خوشبوء آهي. ان گل جو رنگ شهيد ڪربلا جهڙو آهي. انجو جلوو ۽ جمال مجتبائي آهي.

مون هي سچيون ڳالهيون بيان ڪيون آهن. جيڪو به منهنجي دل ۾ هو، اهو زبان تي آڻي بيان ڪيم. عبدالحسين وري سٺيون ڳالهيون بيان ڪر، جيڪي تو وٽ جهوني خزاني ۾ رکيل آهن.

# حڪايت ١٨

متواتر روايت آهي تہ، هڪڙي ڏينهن سيد عبداللطيف ڀٽائي جي مجلس ۾ امام حسين عليہ السلام جي شهادت جو ذڪر نڪتو. تنهن تي حضرت اولياء صاحب ۽ سندس حقاني جماعت گريو ڪيو ۽ روئي ڏنو. ٻئي ڏينهن اولياء صاحب پاڻ ۽ سندس حاضر خدمت فقير ڪربلا جي زيارت لاءِ سنبريا. ”ونگ. ولاسي“ جي طرف راهي ٿيا. جنهن منزل تي ڊاپو ٿي ڪيائون، آتي امامن سڳورن کي ياد ڪري گريہ ۽ زاري تي ڪياڻون. جڏهن ”ونگہ ولاسي“ پهتا تہ، جهنگل ۾ منزل ڪيائون.

اتفاق سان سيد جمال شاه، ڪريم ڏني شاهہ جو فرزند ۽ جمال شاه جو پوٽو بہ آتي آيو. اولياء صاحب سان ملاقي ٿيو. ڏاڍي خدمت ڪيائين. هڪ دنبو مهماني طور فقيرن جي حوالي ڪيائين تہ تيار ڪري کائن. (ياد رهي تہ دعوت ۽ خدمت ڪندڙ سيد جمال شاه، حقيقت ۾ شاه لطيف جي ڀاءُ سيد جمال شاه جي فرزند ڪريم ڏني شاه جو پٽ هو. يعني شاه لطيف جي ڀائٽي جو پٽ هو.) حضرت اولياء صاحب (سندس خدمت تي راضي ٿي) سيد جمال شاه کي پنهنجي پير ۾ سمهاريو. جڏهن پاڻ سجاڳ ٿيا، فقيرن کي فرمايائون تہ، سيد جمال شاه هڪ دنبو ڏئي پٽ شريف ۾ ڀائيوار ٿيو. ۽ جمال شاه کي بشارت ڏنائون تہ، مون کان پوءِ تون گادي نشين ٿيندين. آخر جڏهن هن ٻي بقا دنيا کان موڪلائي اصلي جهان ڏي ويندين تہ، تنهنجي قبر بہ منهنجي روضي ۾ گڏ ٿيندي. جيئن هينئر مون سان گڏ هڪ هنڌ تي آرام ڪيو اٿئي.

اتي رات گذاري صبح جو جڏهن اولياءَ صاحب شهر ۾ آيو تہ آسپاس جا فقير سندن ديدار جي زيارت لاءِ اچي گڏ ٿيا.

چون ٿا ته، انهي رستي ۾ اولياء صاحب جو هڪ ڪامل مريد به هو. ان جڏهن پنهنجي مرشد سيد عبداللطيف ڀٽائي جي اچڻ جي خبر ٻڌي ته، مرشد جي حضور پرنور ۾ اچي حاضر ٿيو. ڪين دعوت ڏئي پنهنجي غريباڻي گهر وٺي آيو ۽ سفر جي ارادي بابت احوال معلوم ڪيائين. حضرت اولياء صاحب پنهنجي (ڪربلا وڃڻ واري) سفر بابت ٻڌايو. تنهن تي مريد ڪامل سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته، هميشه اوهان ڪان ٻڌو اٿئون ته، منهنجي قبر ڀٽ شريف تي ٿيندي ۽ ان جاءِ ڪي نشان ڏئي مقرر به ڪري ڇڏيو اٿو. جيڪا جاءِ مسجد شريف جي ڀر ۾ پنهنجي والد سيد حبيب شاه جي روضي جي پيراندي ڪان آهي ۽ هينئر وري ان جي ابتڙ معاملو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

حضرت اولياء صاحب اِها ڳالهه ٻڌي پنهنجي فقيرن کي فرمايو ته، هن درويش مون ڪي واعدو ياد ڏياريو آهي، جيڪڏهن حياتي وفا ڪري ها ته، ڪربلا ۾ پهچي هرگز ڪونه موٽان ها ۽ قيامت تائين ان پاڪ مٽي ۾ آرام ڪريان ها؛ پر ڇا ڪيان جو ٿورڙي وقت ۾ اتي پهچي نه سگهندس. ان ڪري لاچار پوئتي موٽو پوي ٿو. پيرين پيادا جلدي موٽي اچي ڀٽ تي پهتا. ڀٽ شريف جي هينان جيڪو حجرو آهي ان ۾ ويهي عبادت ۽ مجاهدو ڪرڻ لڳا. ايڪيهه ڏينهن آتي رهيا. انهن ٢١ ڏينهن ۾ ٻن ڏينهن جيترو کاڌو کاڌائون. حجري ڪان ٻاهر اچي سو (١٠٠) دلن سان غسل ڪيائون ۽ اڳين دستور موجب سرود وڄائڻ ۽ ڪلام چوڻ جو حڪم ڏنائون. ٽي ڏينهن برابر مجلس وارن تي استغراق طاري ۽ جاري هو. جڏهن استغراق ڪان فارغ ٿيا، ڏنائون ته حضرت اولياء صاحب استغراق جي حالت ۾ مراقبي ۾ آهي. آخر معلوم ٿيو ته سندن روح وارو پکي هن بي بقا گلزار مان اڏري، خلد برين ۾ آرامي ٿيو آهي، يعني اولياء صاحب هن فاني جهان مان موڪلائي پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

# حڪايت ١٩

حضرت اولياء صاحب ڪنهن به شيء جا محتاج نه هئا. جيڪڏهن ڪو ڪپڙو هوندو هو ڏيکيندا هئا، مگر ڪنهن کان گهرندا ڪونه هئا، جو بنا گهرڻ ڪين ملندو هو. سون سندن جتي مبارڪ ڏٺي آهي، جيڪا چمڙي جي آهي ۽ سندن خاص ڪپڙن کي به ڏٺو اٿم. سندن قادري ٽوپي ڏٺي ۽ سندو ڪارو پٽڪو به پنجن هٿن ڪان ڏگهو ڪونهي. سندن ڪفني گيڙو رنگ جي سبيل ۽ گودڙي به آهي. سندن لٺ مبارڪ ڪاري ڪاٺ جي ان کي هيٺان لوهه لڳل آهي. ان کي سنڌي ۾ "ڪنڌري" چون ٿا. ان جي مٿان بيراڳڻ آهي، پر ڪاٺي سڄاڻ ۾ نٿي اچي. سندن وڏن مٽين واري تسبيح به آهي. ڪشتو ڪاٺ جو ۽ پيو اڇي پٿر جو شيشي وانگر آهي. حضرت اولياء صاحب جي انهن سڀني شين جي زيارت ڪئي اٿم.

هڪ حمائل شريف، هڪ مولانا رومي جي مثنوي ۽ هڪ شاه ڪريم جو رسالو به آهي. ان رسالي تي سيد محمد صلاح شاه جا هي هٿ اکر لکيل آهن: "حرره الفقير محمد صلاح بادشاهه حضرت قطب‌الوقت مرشدي مير صاحب حضرت عبداللطيف جيو سلمه‌الله تعاليٰ و ابقاه."

مطلب ته، زماني جي قطب منهنجي مرشد حضرت عبداللطيف، الله ان کي سلامت رکي، جي ارشاد موجب فقير محمد صلاح ان کي لکيو— هنن لفظن کي (شاه ڪريم جي رسالي تان) ڏسي نقل ڪيو اٿم.

حضرت اولياء صاحب جلال، جمال ۽ ڪمال جا صاحب هئا. نرمي سان ڳالهائيندا هئا ۽ پاڻي گهڙي مان پاڻ پيئندا هئا. پنهنجي وجود واسطي ٻي تي بار نه رکندا هئا ۽ جيڪي طعام

آواز آهن، اهي سڀ دلدار طرفان آهن.

آواز جي باري ۾ فرمائي ٿو:

پڙاڏو سو سڏ ، ور وائي جو جي لهين،
هٿا اکيين کڏ، پـر ٻڌڻ ۾ ٻـ ٿيا.

يعني، پڙاڏو آهو آواز آهي، جيڪو آواز سان کڏ پري گنبذ يـا جبلن کان ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، يعني سڏ تہ هڪڙو آهي، پر ان جو پڙلاءُ ٻيو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اهڙي طرح اصل آواز انجو آهي ۽ پڙاڏو اهو آهي، جيڪو مخلوق کان ٻڌڻ ۾ اچي.

خفي ۽ جلي ذکر جـو ارشاد ڪندي فرمايائون تـہ ، دل کـي يـار سان مخفي رک. زبان کي ورد ۾ ، ظاهر شريعت موجب رک. مدعا کي ڳول ۽ سمجهہ تہ ازخود ذات جـو جلوو صفات ۾ ظاهر ٿئي ۽ دل جـو آئينو گرد غبار کان صاف ٿئي. جيئن فرمايو اٿن :

جسم ۾ جبار جو ، خفي خيمو کوڙ ،
جلي تون زبان سين، چار ٽي پهر چور،
فڪر سين فرقـان ۾، اسم اعظم ووڙ،
ٻيا در وڃي م ڏور ، اي امل اوهائين سپجي.

يعني هر جاندار دم کڻي ٿو. اهو دم جڏهن اندر کڻي ٿو تہ، "الله" چوي ٿو ۽ جو دم ٻاهر نڪري ٿو تہ "هو" جو ٿئي ٿـو. پوءِ هر پساه ۾ الله هُو جو ذڪر تو ٿئي، مگـر سمجهڻ گهرجي تہ ، جيڪڏهن ان کان غافل ٿيو تہ پوءِ فائـدو نہ ٿيندو. مثال طـور، ڪنهن جي گهر ۾ خزانو پوريل هجي، پـر گهر ڌڻي کي ان جي ڪا بہ خبر نہ هجي. پوءِ گهر ۾ خزاني هجڻ جـي باوجود اهـو گهر ڌڻي مفلس ۽ مسڪين رهندو.

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو پنهنجي نفس کان واقف نہ آهي تہ ان کي ظاهري ذڪر ڪو فائـدو نہ رکي ۽ غـور فڪر سان قرآن ڪريم ۾ اسم اعظم ڳول يعني شريعت ۾ طريقت کي ڳول.

اِهو جيڪي پندرهين حڪايت ۾ لکيو اٿم تہ، دهلي جا ڳائڻا، اولياء صاحب جي خدمت ۾ آيا هئا. انهن جي اچڻ ۾ هي اختلاف آهي. ڪي چون ٿا تہ اهي ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي دور ۾ آيا هئا. ڪي چون ٿا تہ ان ڪان پوءِ آيا هئا. پر تحقيق هي آهي تہ، ميان نورمحمد جي دور ۾ آيا هئا. جيئن تہ اولياء صاحب جو وصال سن ١١٦٥ هجري ۾ ٿيو ۽ ميان نورمحمد عباسي سن ١١٦٧ هجري ۾ وفات ڪئي. سندس تاريخ وفات "لذالڪ الفوزالڪبير" مان نڪري ٿي. ان مان ظاهر ٿيو تہ انهن ڳائڻن جو اچڻ ميان غلام شاه جي وساطت سان سندس پيءُ جي حڪومت ۾ ٿيو هوندو.

حضرت اولياء صاحب اڪثر سير سفر ڪندا هئا. جيڪڏهن پٽ شريف تي رهندا هئا تہ، پٽ جي هيٺان ڏهيل حجري ۾ رهندا هئا. نماز جا پنج وقت جامع مسجد ۾ ادا ڪندا هئا. پاڻ نماز نہ پڙهائيندا هئا ۽ پنهنجي حويلي جا جيڪي بہ حجرا گڏ آهن، هينئر مسجد جي ويجهو اُتر طرف آهن، اُنهن ۾ گهٽ ويندا هئا. هينئر بہ ان حجري ۾ ڪاٺ جو صندل پيو آهي، جنهن تي اولياء صاحب ويهندا ۽ سمهندا هئا — چون ٿا تہ، هڪ فقير سندن حاضري ۾ هوندو هو، جيڪو ڪوُنرو ۽ ڏنڊڻ سندن خدمت ۾ حاضر ڪندو هو. جڏهن اولياء صاحب هن دنيا مان وصال فرمايو تہ، اهو فقير دستور موجب اِن صندل وٽ ڪوُنرو ۽ ڏنڊڻ رکندو هو. جڏهن ان فقير جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ، ماڻهن گادي نشين کي ان فقير جو حال ٻڌايو تہ، هينئر سندس پوءِ پوڻ وقت آهي تہ بہ ويٺو آهي ۽ پنهنجا پير ڊگها نٿو ڪري. اِها ڳالهہ واري خبر ٻڌي گادي نشين ان فقير وٽ پاڻ پڇڻ لاءِ آيو. ان فقير جي تڪليف واري حالت ڏسي عجب ۾ پيو تہ، هن حالت ۾ بہ هنڌ تي ليٽي ڊگهو نٿو ٿئي. آخر فقير وٽ ويجهو وڃي ان کي آهستگي سان چيائين تہ، ڪجهہ آرام ڪيو. فقير اهو ٻڌڻ

شرط روئي ڏنو ۽ چيو ته، مون کڏهن به لطيفي مجلس ۾ ڪمبخت (آرام) جو نالو زبان تي ڪونه ٻڌو. مگر مرڻ جي وقت اِن ڪي ٻڌو اٿم. يعني اسان فقيرن وٽ آرام ڪرڻ جو اصطلاح حرام هو. ان ڪان نفرت ڪندا هئاسين. ۽ هن وقت ته آئون دنيا جي صفتن ڪان آجو ٿي، پنهنجي مالڪ سان ملڻ ٿو وڃان.

## نظم جو مطلب

جيتوڻيڪ بهشت ۾ عيش عشرت گهڻو آهي ۽ ان ۾ گل به گهڻا آهن، اهي به دلبر جي ديدار جا مشتاق آهن، اهي بهشت ۾ به نظر گهرن ٿا. ذات جا گهورا، صفات ڏي مائـل نٿا ٿين. اهل دل واسطي بهشت ته رهگذر آهـي. عبدالحسين! انهن جـي وچ ۾ خيال ڪيم تـه منهنجي روبرو ان بهشت جي وسعت مختصر هئي.

—※—

پيو نقل هن طرح آيو آهي ته، هڪ شخص جي نظر گهٽ هئي. اهو شخص اولياء صاحب جي خدمت ۾ اکين جي روشنائي حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو. حضرت اولياء صاحب هٿ مبارڪ سندس اکين تي رکيو ته، انهي مهل لطيفي فيض ڪان سندس نور جي چٽائي ٿي وئي.

هن داستان جا مطالعي ڪندڙ چڱي طرح ڄاڻن ٿا ته، حق جو ڪلمون لڪي نه سگهندو آهي. ان سبب ڪري هي ٻئي نقل مخدوم هالائي جي ڪتاب تان ورتل آهن. جهڙي طرح مولانا جامي فرمايو آهي: مطلب ته سهڻو منهن پردي سان لڪي نه سگهندو. جڏهن در بند ڪندين ته به ظاهر ٿي پوندو. جبلن ۾ به لاله گل ڪي ڏس جو بهار جي فصل وانگر تر و تازه ۽ خوش خرم آهي.

۽ هينئر (مخدوم هالائي پنهنجي ڪتابه ۾ شاه لطيف جي) مرشدي جو انڪار ٿا ڪن ۽ (وري مٿين ٻنهي نقلن مان) سندس مرشدي جو پاڻ ثبوت ٿا ڏين. هي به لطيفي ڪرامت ڪان خالي نه آهي. جڏهن اهڙيون ڳالهيون مخالفن ڪان ٻڌم ته "لطائف لطيفي" ۾ درج ڪيم.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو، عارفن جو بادشاه عبداللطيف آهي. سالڪن جو رهنما عبداللطيف آهي. عالم ارواح ان جي پهرين منزل آهي. قدسين جو رازدار عبداللطيف آهي. لاهوت جي حد ۾ مڪين آهي. عبداللطيف لا مڪان ۾ به مڪان رکي ٿو. خاڪين کي طور تائين پهچائي ٿو. انسانن جو هادي عبداللطيف آهي. بيشڪ هميشه پوڙهن ۽ نوجوانن جو حامي عبداللطيف آهي. عجيب اسرارن جو واقف، وڏي مرتبي وارو سيد عبداللطيف آهي. جڏهن ان جي صفت ذات ۾ محو ٿي. مخلوق قالب آهي ۽ جان عبداللطيف آهي. اي عبدالحسين! تنهنجي مٿان عبداللطيف جو تمام گهڻو ڪرم آهي.

# حڪايت ٢١

روايت آهي تہ، هڪڙي ڏينهن مرشد عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي پيادل جماعت سان جيسلمير جي حدن ۾ پهتا. هڪ مريد حاضر ٿيو، کين دعوت ڏنائين. حضرت اولياء صاحب صبح جو واعدو ڪيو. ٻي ڏينهن برسات جي موسم ڪري گهڻو مينهن وسيو. حضرت اولياء صاحب کي پنهنجو واعدو ياد هو، سو پنهنجن ٻن ٽن فقيرن سان گڏجي ان مريد جي گهر پهتا. جڏهن اتي پهتا تہ اهو مريد پنهنجي گهر ۾ مرشد کي ڏسي پتنگ وانگر قربان ٿي پيو.

دعا سلام کان پوءِ دعوت ۾ کاڌو پيتو کارائڻ ضروري آهي ۽ اُن شخص وٽ پيسو پائي ۽ ان داڻو بہ ڪونہ هو. ان ڪري پنهنجي زال سان صلاح ڪيائين تہ، مرشد اسان غريبن جي گهر آيو آهي. پاڻ وٽ تہ خالي هٿن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي ان تي سندس زال ظاهر ڪيو تہ، ٻيو ڪجهہ بہ طريقو ڪونہ ٿو سجهي. منهنجي عزت ۽ عصمت کان مالڪ حقيقي واقف آهي، تہ آئون محفوظ آهيان، مگر هڪ هندو مون تي گهڻي وقت کان عاشق آهي، جيڪڏهن آئون ان وٽ وينديس تہ مون کي هرگز خالي هٿين نہ موٽائيندو.

مڙس هي ڳالهہ ٻڌي قبول ڪئي. جيئن مينهن وسيل هو. گهٽيون سڀ پاڻي هيون. ان ڪري مڙس پنهنجي زال کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي، هندو جي دڪان تي پهچايو. اها زال گهر ۾ داخل ٿي. هندو جڏهن ان عورت کي پاڻ وٽ ڏٺو تہ، خوشي کان ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي ۽ ان زال کي چيائين تہ، ”اي جان من! تون مون کان نفرت ڪندي هئين، هينئر مون وٽ ڪيئن آئي آهين؟ ٻيو تہ رات اونداهي آهي ۽ گهٽيون پاڻي گپ چڪ سان

پريل آهن، ان هوندي به آئون توکي صاف سڄو ڏسي رهيو آهيان، جڏهن ته سواري تي چڙهي آئي آهين*. ان زال ڇيو تہ ، تنهنجو هن ڳالھه ۾ ڇا وڃي، مون کان جلدي خبرون پڇ ۽ واندو ڪر. آخر ان هندو جي پڇڻ تي پورو احوال ٻڌايائين ته، اسان جو مرشد هينئر اسان جي گهر آيو آهي ۽ اسان خالي هٿين هئاسون. مڙس مون سان صلاح ڪئي ته، مرشد به مهرباني ڪري آيو آهي ۽ اسان وٽ به ڪنهن شيء جي واه ڪانہ آهي. ان جي خدمت ڪرڻ به اسان تي واجب آهي ۽ هينئر اسان وٽ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو ، ان ڪري پنهنجي مڙس سان تنهنجو احوال ڪيم ۽ منهنجي مڙس لاچار ڪان مون کي ڪلهي تي کڻي هتي پهچايو آهي، اها ئي حقيقت آهي.

ان وقت حضرت اولياء صاحب ڪنهن پاسي ۾ لڪي هن حالت کي پئي ڏٺو. جڏهن هندو سڄي ماجرا ٻڌي عجب ۾ پيو. ملڪ جي رواج موجب ان زال جي مٿي تي چمي ڏنائي، ان کي پنهنجي ڀيڻ ڪري سڏيائين. پيسا ۽ سامان ان کي ڏنائين ، ان جي مٿي تي ڪپڙو رکي موڪل ڏنائين. ان وقت اولياء صاحب فرمايو:

جيسلميرائن جس ، جي لِلّٰه ڪارڻ لنڍيون،
هِت به رهين رس، هُت به مليون هوت کي.

يعني جيسلمير جي زالن کي جس هجي جو خدا ڪارڻ پاڻ کي وڪيائون. دنيا ۾ به حقيقي نگهبان جي ڪري محفوظ رهيون ۽ آخرت ۾ به پنهنجي مراد حاصل ڪيائون ۽ هوت سان مليون.

هندو اهو احوال ڏسي، هي بيت ٻڌي، حضرت اولياء صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. خوش قسمتي سان توحيد جو ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيو. مال ملڪيت ۽ دڪان جو سامان ان جيسلميري فقير جي حوالي ڪيائين. پاڻ مٿو ڪوڙائي لطيفي فقير بنجي فيضياب ٿيو.

# نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو ته، ان جي حسن جهان ۾ احاطو ڪيو آهي، جيئن يوسف عليه‌السلام قافلي ۾ لڪل آهي. جيڪڏهن سچ چوان ته لا مڪان آهي، مگر ان ڪان هـر جاء آباد آهي. ان جي نور ڪان هر ذرو روشن آهي. صفات ان جي ذات مان ظاهر آهي. جيتوڻيڪ منهنجو قالب ڪمزور آهي، پر منهنجو روح طاقت وارو آهي جو پري تائين پهچي ٿو. جهانن جي بازار ۾ سيني‌جنسن ڪان صداقت يقين جي قيمت ٿهري آهي. سچن کي ديـدار ٿيو، مگر زاهد وهم ۽ گمان ۾ آهي. سيد عبداللطيف اهو بادشاهه آهي، جنهن‌جو عرش برين تـي آشيانو آهي. اي عبدالحسين! تـون خوش قسمت آهين، جو الحمد لله تنهنجو مرشد اعليٰ خاندان جو آهي.

# حڪايت ٢٢

## ( سهڻا سخن )

روايت آهي تہ، اولياءَ صاحب فرمائيندا هئا، جنهن جي شهوت ضايع ( يعني ڪلڙو) هجي، اهو ڪمال ڪي نہ پهچندو، ڇوتہ ان جو زوال آهي ۽ تعريف جي لائق اهو آهي، جنهن ڪي قوت مردانگي بہ هجي ۽ ان تي قبضو رکي، ان کي نابـود ڪري، جو اهو ڪم تعريف لائق آهي.

(٢) ٻي ڪنهن جو مخالف نہ ٿجي پر پنهنجي نفس جو دشمن بڻجي.

(٣) جيستائين ٻيو ڪير بہ توسان مخالفت نہ ڪري، عداوت نہ ڏيکاري، تہ ڪنهن سان بہ جهڳڙو نہ ڪجي.

(٤) اهي دوست بہ دشمن آهن، جيڪي اجايو وقت وڃائين ٿا. آهو ڏاريو بہ چڱو آهي جيڪو توسان ڪو بہ لاڳاپو نٿو رکي.

(٥) دنيا ۾ جيڪو بہ دم ڪڍجي ٿو، اهو دنيا جي عناصرن سان گڏيو پيو آهي. جڏهن هي ساهہ پنهنجي پيدا ڪندڙ جي حوالي ٿيندو، تڏهن پاڪ روح پنهنجي اصلي ذات کي وڃي ملندو ۽ ناچيز مان شيءِ ٿي پوندو.

(٦) جيڪو ماڻهو ”موتوا قبل“ يعني مرڻ کان اڳ مري چڪو آهي. اهو رهي ڪٿي ماڻهن ۾ ٿـو، پـر اصل ۾ مثل آهي. تعلقات، لاڳاپن ۽ تڪلفات کان ڇٽل آهي. مگر ان جو دنيا وارن سان هيترو لاڳاپو رهي ٿو تہ، هن جي جنازي کي ڪٿي قبرستان ۾ پهچائي ايندا پر ان وقت بہ سندس همراه ۽ ساٿي اهي هوندس، جن سان روحاني تعلق ۽ ذاتي رشتو رهيو هوندس.

ميت موٽي آئيو، ڪهي ڪانڌين لاءِ
ڪانڌي سو سهاءِ، جو ڪي جو جنب جو.

(٧) طالب کي طلب ۾ هڪ ڀيڙيءَ ۾ چڙهڻ گهرجي. انهن نہ

ڪري جو هڪ پير هڪ ٻيڙيءَ تي ۽ ٻيو پير ٻــي ٻيڙي تي رکي. جڏهن اهي ٻيڙيون جدا ٿين ته، پاڻ دريا ۾ اَچلي ٻوڙي ماريندو.

(٨) عقل ۽ معاش جو تعلق عـوام سان آهي، ان ڪري عقل ۽ معاش جـا دعويدار حق اليقين کـي ڪيئن پهچي سگهندا. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن ڪم جي ڄاڻ يا خبر ٻ ڪانهي ته هن کي ان ڪم جي تڪليف ڏيڻ سراسر بي انصافي آهي.

(٩) حضرت مسيح بن مريم کي ڪي ماڻهو الله جو پٽ چوندا آهن. معاذالله ۽ خطا ڪئي اٿن، مگر اها خطا انهن جي بزرگن کان صادر ٿي ۽ ٻين انهن جي پيروي ڪئي. جيئن ته انوقت ڪي طالب ان جي طلب ۾ فنا في الرسول جي درجي تي پهتل هئا. جيئن حضرت عيسيٰ عليه‌السلام ٻ روح الله هو، انڪري ان ۾ جسم جو شائبو گهٽ هو. جنهن ڪري حضرت عيسيٰ عليه‌السلام جي دم جي مشاهدي کان پوءِ انهن کي اهو وهم ويئو (۽ غلط دعويٰ ڪيائون).

(١٠) معجزا، ڪرامتون ۽ خرق عادات هي سڀ شيون هڪ قبيلي جون آهن، مگر جدا جدا شخصيتن وٽــان ظاهر ٿيڻ ڪري انهن جا نالا جدا آهن.

(١١) مريد کي پنهنجي مرشد تي ناز ۽ فخر نه ڪرڻ کپي، پر پاڻ ۾ عمدگي يا عمل پيدا ڪري ته، جيئن ڪامياب ٿئي.

## نظم جو مطلب

جيڪو طور تي ڏئل ۽ بدل ٿيو، اهـو لطيف آهي. اهو لطيف جو ڪلام غيرتِ طور "پٽ شريف" هو. لن تراني ڪلام شريف هو. جو دنيا جي روزگار يا لالچ جيِ واسطي طالب آهي، اهو ناقص عقل سان معرفت کي ڪيئن پهچندو. جيڪو ٻ عبدالحسين ٿيو، ان جي ڪنهن ٻ غليظ وٽ حاجت نه پهچندي.

—✻—

# حڪايت ٢٣

مخفي نہ رهي تہ حضرت اولياء صاحب سنڌو دريا جي اولهہ طرف جبلن جو سير پي ڪيو. جڏهن ڪيس مخدوم نـاري جي ملاقات جو خيال ٿيو تہ، ان لاءِ ننگر ٺٽي جي واٽ ورتائون رستي هلندي حضرت اولياء صاحب کي سوز ۽ گداز سان ڀريل آواز ڪن تي پيو. تنهن تي پاڻ آواز طرف ويا. ويجهو وڃي ڏٺائون تہ هڪ شخص سندن ٺهيل بيت جـي هڪ سٽ چئي رهيو آهـي. اها سٽ هي آهي :

هيڪليائي هيل، پورينديس پنهون ڏي،

پنهون نالو بلوچ جو مشهور آهي جو ڪيچ مڪران جـو هـو. مطلب تہ "هن سال اڪيلائي ۾ پنهون ڏي، ويندس".

جڏهـن حضرت اولياء صاحب ويجهو پهچي ڏٺو تـہ هڪ شخص غار ۾ ويٺل ڪنهن ڪنهن وقت هي دردناڪ آواز ٿو ڪري، حضرت اولياء صاحب ان کي سـلام ورائـي ڪانئس احـوال پڇيو. ان عرض حال ڪيو تہ، آئون جت آهيان. اسان اُٺن تـي واپار جو مال ڪنيو پي آياسين. جڏهن هالا ڪنڊي جي ويجهو پٽ شريف وٽ پهتس. اتان آواز ٻڌم، جنهن منهنجي جيءَ کي جهوري وڌو ۽ منهنجي جان جلائي ڇڏي. سامان کي پنهنجي سـاٿين جي حوالي ڪيم ۽ آئون فراق ۾ جهنگ منهن ڪري نڪتس. ڪٿي بہ قرار نہ ٿي آيو. هي مصرع روح جي راحت آهي، ان ڪري پيو پڪاريان. جڏهن طاقت گهٽي، هلڻ کان چور ٿيس تہ، هن غار ۾ اچي پيس. وري ٻاهر وک نہ وڌي اٿم. رزاق رزق تـو پهچائي . ٿوري تـي اڪتفا ڪري، آرام ۽ سڪون سان ٿو گذاريان. دنيا جي لذتن کان دل کي نفرت آهي ۽ دنيا جي تعلقات ميل جول کان ڇٽي پيو آهيان. ڪپڙن جي بہ پرواه ڪانهي. دنيا جي تڪليفن کان

ٻه ڏکارو ڪين آهيان. نڪو ڇاڻان ته ڇا ڪيم، ڇا ٿو ڪريان ۽ ڇا ڪرڻ کپي. مگر جڏهن بيخود ٿو ٿيان ۽ پريشان ٿو ٿيان، تڏهن هي مصرع جو منهنجي روح جي راحت آهي، ان کي پڙهي تسڪين حاصل ڪريان ٿو.

حضرت اولياء صاحب ان کي قرب ڪري فرمايو ته، جيڪڏهن گهرين ته هن بيت جي ٻي سٽ ٻه چوان. ان عرض ڪيو ته هن کان وڌيڪ ٻي خواهش نڪو رکان. اولياء صاحب فرمايو:

آڏا ڏونگر لڪيون، سوري سڄڻ سيل.

ان شخص چيو ته، اي شاه! خدا جي واسطي بيت کي جلد پورو ڪر، نه ته منهنجو ساهه ٿو وڃي. ان تي اولياء صاحب ٽين سٽ فرمائي:

نه ڪر پيلياڻي پيل، سور پريان جا ساڻ مون.

هي بيت ٻڌڻ شرط ان شخص جو روح پرواز ڪري ويو.

حضرت اولياء صاحب اهو احوال پنهنجن فقيرن کي ٻڌايو ته، سوز و گداز ۽ دل جو خيال اهڙو هجڻ گهرجي. جيئن هي شخص ڪنهن اهل دل جي صحبت کان سواء منزل تي پهتو. ان مولا جي محبت ۾ سڙيل سچي عاشق کي آفرين ٿي چياڻون ۽ سندس تعريف پي ڪياڻون. ان کانپوءِ سندس ڪفن دفن ۽ جنازي نماز بجا آڻي، ٺٽي شهر ۾ آيا ۽ جنهن به وقت اتان گذر ٿيندو هون ته ان جي قبر تي ايندا هئا ۽ سندن فقيرن جو اُتان گذر ٿيندو هو ته اهي به ان جي قبر تي ايندا هئا ۽ ختمو پڙهندا هئا.

## نظم جو مطلب

روح جي پکي کي بدن، پڃرو يا قيد آهي ۽ حياتي گهڻي ۾ ڳارو آهي. زماني ۾ ڪو به ڏاڙيل نه آهي، پنهنجي

نفس کي رهـزن ڄاڻ. دل جـو مقصد هرگز حاصل ڪري نـہ سگهندين، جيستائين توکي، مان مان يا وڏائي هوندي. هن ڪتاب کي ان لاءِ لکيو اٿم جو صاحب دلين تي روشن ٿئي. هي ڪتاب هر دور ۾ عبدالحسين جو يادگار رهي شال !

# حڪايت ٢٤

مخفي نہ رهي تہ، منهنجي پهاڙي شڪار جو خدمتگار "وڏيرو عبدالله شورو" جنهن جي عمر پنجونجاه سال هئي. ان پنهنجي نوي ساله پيءُ "وڏيري رستم شوري" کان ۽ ان پنهنجي پيءُ "وڏيري قلندر شوري" کان ٻڌو. ان بيان ڪيو تہ، قلندر شورو وري "صاحبڏني شوري" جو پٽ هو. ان چيو تہ، 'پٽ شريف' هڪ واريءَ جو دڙو هو، ان جي چئني طرف پاڻي ۽ گهاٽو جهنگ هو. آئون آتي ڏاچيون چاريندو هوس. ڏاچيون بين جون هيون، آئون پگهادار هوس، ۾ هڪ ڏاچي منهنجي اڌباري هئي. هڪڙي ڏينهن ڏٺم تہ، ڏاچيون هڪ وڻ کي ڏسي ٽاهر ڪائي پچڻ لڳيون. مون سمجهيو تہ شينهن کي ڏسي ٽاهہ ڪاڏو اٿن. آهستي لڪي وڃي ڏٺم تہ، هڪ شخص استغراق ۾ ويٺو آهي. ان جي حشمت مون کي اتي ويهڻ نہ ڏنو. جلدي آتان ڏاچيون ڪڍي ٻي جاءِ تي آيس. رات جو جڏهن گهر پهتس تہ پنهنجي پيءُ سان ڳالهہ ڪيم. منهنجو پيءُ "وڏيرو صاحبڏنو" مون سان گڏجي اتي آيو. وڻ خالي ڏٺوسين. منهنجي پيءُ چيو تہ، اهو سيد حبيب شاه جو فرزند"بيراڳ" جي حالت ۾ هتي آسپاس ايندو آهي. ٻي پيري ان کي ڏسين تہ ان کان دعا گهرائجان. ٻي ڏينهن جيئن تہ اهو خيال منهنجي دماغ ۾ هو اتي ويس. اهو وڻ منهنجي گهر کان ٽي ميل پري هو. آتي اولياء صاحب کي ويٺل ڏٺم. سندس پيشاني مان حسن جمال، اکين مان جوش جلال ۽ سندس طبيعت مان ڪمال ظاهر ٿي ٿيو. آئون تمام ادب ۽ احترام سان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس. نياز نوڙت سان عرض ڪيم تہ، جيڪڏهن مون مسڪين جي ڏاچين جو ڪجهہ کير پيئو تہ اوهانجي مهرباني ٿيندي. تنهن تي اولياء صاحب منهنجو ناٺو وٺي فرمايو تہ جيڪڏهن

ڪير ڪٺي ايندين ته قبول ڪندس، پر ان ڏاچي جو ڪير ڪٺي اچ،
جنهن ۾ تنهنجو اڌ حصو آهي يعني ڏاچي جي ڇهن ٿڻن مان
ٻه ٿڻ تنهنجي حصي جا آهن، مگر انهن ٻن ٿڻن مان ٻه هڪ ٿڻ
ڏاچي جي ڦر جو حصو آهي. باقي هڪ ٿڻ جو ڪير ڏهي ڪٺي
اچ. مون سندن حڪم تي عمل ڪري (هڪ ٿڻ جو) ڪير ڪٺي
حاضر ٿيس. ان مان ٻه اڌ ڪير مون کي ڏنائون ۽ اڌ پاڻ پيتائون ۽
دعا گهريائون. ان ڏينهن کان اسانجي رزق ۾ برڪت پئي. ٿوري
وقت ۾ وڪ وڌيو. مال ملڪيت جهجهو ٿيو ۽ اسين آسودا ٿياسين.

جنهن وقت حضرت اولياء صاحب، پٽ شريف کي هموار
ڪري آباد ڪرڻ ۾ مشغول ٿيا ته، قلندر شورو به پنهنجي ٻچي
سميت اتي وچي حاضر ٿيو. فقيرن سان گڏ ڪم ۾ مشغول ٿيو.

عباسي ڪلهوڙن جي حڪومت پوري ٿيڻ کانپوءِ ان
صوبي جا مير صاحب بادشاه بڻيا. مير فتح علي خان بن مير صوبدار
خان تخت بخت جو صاحب ٿيو. اهي شڪار جا شوقين هئا ۽
تختگاه حيدرآباد سنڌ هو. شورن جا ماڻهو هرڻن جي شڪار جا
چاڙهو هئا ۽ ملازمت ۾ به هئا. تنهن ڪري سنڌو درياءَ جي اولهه
طرف جبلن جي دامن ۾ وڃي ويٺا ۽ مير صاحبن جي شڪارگاهن
جي سار سنڀال تي ڪيائون، هينئر به اتي ويٺل آهن. انهن جي
شهر کي "ڏيون" چون ٿا. خود شورا به "انيه" آهن. (انيه
شورا ذات جي قبيلي مان هڪ قبيلي جو نالو آهي).

## نظم جو مطلب

سانگي، باغ ۽ بلبل جي نغمه خواني، ساقي شراب جي
مستي، ناز ادا ۽ جواني جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته، هميشه
حضرت اولياء صاحب جي در تي رهان جو ان ۾ لطف زندگاني آهي.

—✻—

# حڪايت ٢٥

مخفي نہ رهي تہ، تمر فقير مشهور لطيفي خليفو آهي، جنهن جو اجا تائين نالو ڀٽ شريف تي زنده آهي. ان جي قبر لطيف جي روضي جي ڏکڻ طرف ويجهو آهي. ان جي اوطاق بہ آهي. هينئر ان جو جانشين لائق ڏنو خليفو آهي. چون ٿا تہ، تمر فقير جا مائٽ سيد حبيب شاهہ جا مريد هئا. ان جي حياتي ۾ حرمين شريفين جي زيارت تي ويا هئا. جڏهن موٽي آيا تہ، اولياء صاحب وٽ سندس والد سيد حبيب شاهہ جي عذرخواهي ڪيائون. انهن وٽ هڪ ننڍو ڇوڪر هو، اهو اولياء صاحب جي حوالي ڪيائون. حضرت اولياء صاحب پيار سان ان ننڍڙي کان پڇيو تہ، تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو تہ، حاجي علي. حضرت اولياء صاحب فرمايو تہ، بابا! هي نالو مرشدن جي مرشد، عارفن جي اڳواڻ، شير يزدان حضرت علي رضي الله عنه جو آهي. تنهنجو نالو "تمر" آهي. ڇو تہ عرب ۾ تنهنجو جنم کجيءَ جي وڻ هيٺان ٿيو ۽ عرب جي زالن عربي ٻوليءَ ۾ خوشيءَ ۾ هيئن ٿي چيو، " ثمن البقر لحم الغنم تحت التمر فوق المطر آت الله آت ".

يعني، ڍڳيءَ جو کير، ٻڪريءَ جو گوشت، کجيءَ جي هيٺان، مٿان مينهن — آڻ الله آڻ!

تمير فقير جي مائٽن کي ڏندين آڱريون اچي ويون تہ حقيقت بہ اهڙي طرح هئي.

اجا خليفو (تمر فقير) نابالغ هو تہ، اولياء صاحب وصال فرمايو، مگر لطيفي راڳ ۽ سرود ۾ استاد هو. ڇو تہ، محڪم الدين سيلاني وجد جي حال جو صاحب ۽ بلند خيال هو، جيڪو اولياء صاحب جو دوست هو، تمر فقير کي ان جي حوالي ڪيائون. چون ٿا تہ، حضرت اولياء صاحب، محڪم الدين سيلاني کي چيو

هو ته، جڏهن خليفو تمر وڏو ٿيو ته، ان کي درويشي جا طريقا ۽ درد دل جون ضروري ڳالهيون سيکاريون. اهڙي ريت محڪم الدين سيلاني، خليفي تمر فقير کي ڪمال تي پهچايو.

تمر فقير ڇڙو رهيو، شادي ڪانه ڪيائين. هينئر به جيڪو ان جي مسند تي ويهي ٿو شادي نٿو ڪري. لطيفي سرود تمر فقير جي هن جماعت جي حوالي آهي. ان آزاد طبع جي ڪري سندن شيرازو نه ٽٽو آهي ۽ زماني هنن کي ڪا به تڪليف ڪانه ڏني آهي ۽ دنيا جي ڪنهن به شيءِ سان مائل نه ٿيا آهن.

## نظم جو مطلب

ڪعبي ۾ وڃي توکي چار ئي طرف سجدو ڪيم. تنهنجي تلاش ۾ سڄو جهان ڦريس. اي منهنجا سڄ! توکي ذري سان جستجو ڪيم. پنهنجي منهن تان پردو هٽاءِ، جو هن ڪانپوءِ سڄي عمر هن آرزو ۾ گذاريم. جيڪڏهن منهنجي هي روان طبيعت قاصر نه ٿي ته، تنهنجي انڪٽ حسن جي وصف ۾ گفتگو ڪيان. اي منهنجا دوست! پنهنجي بي فرمان نفس جي شڪايت تنهنجي خدمت ۾ پهچي سڀئي روبرو ڪيم.

# داستان ٢٦

## حڪايت جي بيان ۾

هي ڪجھ نقل استاد آخوند احمد، جنهن جي عمر اسي سال پراڻن هالن جو رهاڪو ۽ "سانوڻي ملن" سان آهي. ان کان تازو ٻڌا اٿم، ان ڪري انهن سيني کي هڪ حڪايت ۾ درج ڪيو اٿم.

١- روايت آهي ته، پراڻن هالن جي پٽي قوم جا بزرگ ظاهري علم ۽ فضل سان سينگاريل هئا. حضرت اولياء صاحب سان بدسلوڪي ٿي رکيائون ۽ هالن واري مخدوم جا موافق هئا. مخدوم نوح رحمة الله عليه جي گادي نشين "مير پير پنج پکيہ" جنهن جو ذڪر اڳ ۾ آيو آهي. ان جي صلاح سان مخدوم عبدالرؤف پٽي هڪ عبا (پهراڻ) حضرت اولياء صاحب ڏانهن سوکڙي طور موڪليو، جيڪو زهرآلود هو.

٢- منهنجي استاد جو پڙڏاڏو حاجي متين الدين هو. جنهن کي حضرت اولياء صاحب پنهنجي گودڙي ڏني هئي. انجو رنگ ميرانجهڙو خاڪ جهڙو آهي. اڃا تائين انهن وٽ تبرڪ طور رکيل آهي.

٣- مخدوم عبدالباسط، حضرت اولياء صاحب جو معتقد هو. ان کي پٽ ڄائو ته پاڻ شڪراني طور ٻه رڪعتون نفل ادا ڪيائين. ڏٺائين ته سندس پاسي ۾ حضرت اولياء صاحب به جلال ۽ بيخودي جي حالت ۾ ويٺو آهي. اولياء صاحب کي پنهنجي گهر وٺي آيو. جيئن ته مخدوم (عبدالباسط) مسڪين ماڻهو هو. ان وقت سندس گهر ۾ مانهه جي دال تيار هئي. حضرت اولياء صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. حضرت اولياء صاحب آها دال کائي موڪلايو ۽ فرمايو ته، فقيرن جي جماعت منهنجي پنيان پئي اچي. آئون اڪيلائي پسند آهيان.

ويجهڙائي ڪان پري وڃي. ان جي مرشدي جو اثر ختم ٿئي ۽ ان جون جايون ڏهن". فقير، مرشد جي امر موجب دعا گهرڻ لڳا. جڏهن پنهنجو ڪم پورو ڪيائون تہ انهن ڪي خبر نہ پئي جو حضرت اولياء صاحب بہ انهن جي جماعت ۾ مخفي طرح ويٺا هئا. اولياء صاحب ان وقت هي بيت زبان تي آندو:

ويندن تان ويڪ ٿي، هوندن ڪونهي هنڌ،
من لدالمولي فلدالڪل، اي پروڙج پنڌ.

مطلب تہ، جيڪو ويو ان تي زمين ڪشادي ٿي ۽ جيڪو رهيو ان تي تنگ ٿي. "جنهن جو رب، تنهنجو سڀ" انهي رمز کي پروڙج ۽ سمجهہ.

٦- حضرت اولياء صاحب "لاهوت" جي سير جو ارادو ڪيو. لاهوت، جبلن ۾ عارفن ۽ ڪاملن جي جاءِ آهي ۽ "لس‌ٻيلي" جي واٽ تي آهي. سندن والد سيد حبيب شاہ کين چيو تہ جبلن ۾ نانگ بلائون ۽ ٻيون خطرناڪ شيون گهڻيون آهن. تنهن تي حضرت اولياء صاحب فرمايو:

نڪو جن جهان ۾، نڪو سچي نانگ،
سڀئي ڇڏيو سانگ تہ ڇپر مڙيوئي چاڙڪي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو تہ، دوست دلنواز سان ڳالهہ ٿو ڪريان، عشق جو داستان دلنواز ٿو ڪريان. مرشد عبداللطيف جي مدح ٿي منظور آهي، مولي معني ۾ بہ فڪر تسي ڪيم. جيڪڏهن

بيپرواه دوست ناز تنو ڪري ٿو، آئنون وري نياز تنو ڪيان.
جيڪڏهن هڪ دفعو به مون ڏانهن توجه ڪري ٿو، رازدار ماڻ
دل جا راز اوريان. عبدالحسين! زماني جي تڪليفن ۽ مشڪلاتن
ڪان ڪارساز ۾ اميد تو ڪريان.

# حڪايت ٢٧

روايت آهي ته، حضرت اولياء صاحب وٽ هڪ عمدي ۽ نڪي گهوڙي هوندي هئي. حضرت اولياء صاحب پاڻ به ان تي ڪونه چڙهندا هئا ۽ نه وري ٻيو ڪو ان تي سوار ٿيندو هو. ان گهوڙيءَ جو نالو "چنڪل" هو. جڏهن اولياء صاحب هن ظاهري فاني جهان مان برقعو مٽايو ته، ان وفادار گهوڙي اولياء صاحب جي فراق ۾ روئڻ شروع ڪيو. جيستائين زنده هئي ته سندس اها حالت رهي، ان کي بيقراري ۽ اکين مان آب جاري رهيو.

جڏهن سيد جمال شاه کي آلسي مسند نشيني لاءِ پسند ڪيائون ته، ٻين ساداتن به دعويٰ ڪئي ۽ حقداري ڏيکاري. لطيفي فقيرن گهڻيئي اولياء صاحب جي وصيت (جمال شاه جي باري ۾) ياد ڏياري، پر صاحب غرض چريو ٿو ٿئي. هرڪنهن پاڻ کي صاحب سعادت پئي سمجهيو. آخر ڳالهه هت اچي بيٺي ۽ ڪن چيو ته لطيفي ارشاد به اهڙي طرح هو ته سندس وصال کان پوءِ لطيفي مسند نشين کي "چنڪل" گهوڙي سڃاڻندي يا چڙهڻ ڏيندي. ان ڪري چنڪل گهوڙي کي سنجي ان جماعت ۾ آنداڻون. هرهڪ کي شوخي ۽ شور سان ڏسندي لنگهي. جڏهن سيد جمال شاه وٽ پهتي ته جڻ اولياء صاحب وٽ پهتي. حضرت اولياء صاحب وانگر ڏسي هڻڪار ڪيائين، خوشي ظاهر ڪيائين ۽ اولياء صاحب جي خدمت وانگر ناز سان هلڻ لڳي. تنهن تي سيد سڳورو (جمال شاه) ان تي چڙهي چڪر ڏئي آيو ۽ گهوڙيءَ جي پيشاني تي چمي ڏنائين. ان کان پوءِ ٻيا به گهوڙيءَ تي چڙهڻ لڳا. چون ٿا ته ٻي ڪنهن کي ڏنائين ٿي ته، ان کان منهن ٿي موڙيائين ۽ جنهن زياده چڙهڻ جي ڪوشش تي ڪئي ته، ان کي ڪرڻ نصيب ٿي ٿيو.

۽ روايت ۾ اهو به آهي ته، جڏهن ميان غلام شاه عباسي اهو ٻڌو ته (مسند نشيني) جي دعويٰ ڏکهي تي وئي آهي. تڏهن ميني ساداتن کي پاڻ وٽ طلبهائين. جمال شاه کي ڏسي پسند ڪري حڪم ڏنائين ته، گادي نشين سيد جمال شاه ٿئي. ميان غلام شاه جو پيءُ ميان نورمحمد عباسي جيڪو ان وقت سنڌ جو حاڪم هو. آهو به هن فيصلي تي خوش ٿيو. سيدجمال‌شاه مرشدي جي مسند تي ويهي رشد و هدايت ڏيڻ لڳو ۽ اولياء صاحب جي روضي جي تعمير جو انتظام ڪرڻ لڳو. آخر ميان غلام شاه عباسي پنهنجي پيءُ جي وقت ۾ يا پنهنجي دور حڪومت ۾ پاڻ وٽ طلبيو ۽ ظاهر ڪيو ته، لطيفي روضي تي جيڪو به خرچ اچي، اهو هو پنهنجي گهران ادا ڪندو ۽ روضو مبارڪ تيار ٿيو. جنهن جو تفصيلي احوال حڪايت ١٢ ۾ لکيل آهي.

جڏهن عباسي خاندان کان سنڌ جي حڪومت منتقل ٿي مير صاحبان ٽالپورن وٽ آئي ته، ميرصاحبن جي سرڪار ۾ ”ڪريمي“ ۽ ”لطيفي“ درگاه جي گادي نشينن کي سنڌ جي ٻين سيني مشائخن کان وڌيڪ عزت ۽ اقتدار هو. منهنجي ڏاڏي مير محمدنصير خان پنهنجي دور ۾ روضي جي مرمت تي گهڻو خرچ ڪيو. پڪو ارادو ڪيائين ته، روضي جي چئني ڪنڊن تي چار منارا نهن. صحن ۾ اڳيان محراب وارو دروازو نهي. روضي ۾ اندر گلڪاري ۽ نقاشي ٿئي. جنهن جا نشان اڃا تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ مسجد جي سهڻي نموني سان مرمت تي هزارين روپيا رازن ۽ نقاشن ۽ مزدورن تي خرچ ڪيائين. مير نورمحمد خان سامهون اڱڻ ۾ وڏو کوه کوٽايو. ان جو پاڻي تمام گهڻو ۽ مٺو آهي. شريعت جي حڪم موجب چوڏاري ڏهه ڏهن ۾ آهي. جيڪو پليد نٿو ٿئي. ان تي به چرخ ٻڌل آهن. راقم سانگي اهڙو اونهو ۽ ويڪرو کوه ڪڏهن ڪونه ڏٺو آهي. مير صاحب مير محمد خان لطيفي درگاه جو مريد هو ۽ سچي اعتقاد وارو هو. روضي

مبارڪ ڪي چانديءَ جو دروازو انهي هڻايو. جيڪو اڃا تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻين مير صاحبن به جڙدار ڪلف، چانديءَ جون دستارون ۽ موتي ڏنا آهن، پر اها خبر نٿي پوي ته ڪهڙن مير صاحبن اهي شيون ڏنيون.

## نظم جو مطلب

سانگي نظم ۾ مير صاحبن جي سخاوت، شجاعت ۽ ڏاهپ ۽ لطيفي درگاه سان عقيدت بيان ڪئي آهي. چوي ٿو: جڏهن مير فتح علي خان سنڌ جو حاڪم ٿيو. بلوچ قوم جو ناميارو سخي هو. سخاوت ۾ سندس هٿ تيز برسات وانگر هلندو هو. ان ڪانپوءِ بادشاهي تخت تي مير غلام علي خان ويٺو. ان جي تيز تلوار ملڪ سنڌ ۾ وسعت آندي. ان ڪانپوءِ مير ڪرم علي خان تخت جو صاحب بنيو. حاتم کان وڌيڪ سخي هو. شاعرن جو قدردان هو. انهن تي گهڻا احسان ڪيائين. جڏهن اهو هن دنيا مان موڪلائي ويو ته، تخت تي مير مراد علي خان ويٺو. اهو وڏو بخت ۽ تخت جو صاحب هو. ڏاهپ ۽ دانائي ۾ چئجي ته افلاطون کان سبق ورتو هئائين. ان جي دور ۾ سنڌ، يونان جون سِڪون ٿي لاٿيون. خدا جي حڪم سان چئني پاٽرن هڪ ٻئي کان پويان فرمان ٿي لڌا. انهن کان پوءِ حڪومت چار حصا ٿي. هرهڪ پنهنجو حصو ورتو. هڪ مير صوبدار خان ولد مير فتح علي خان جو. ٻيو مير صاحب مير محمد خان جيڪو مير غلام علي خان جو نشان هو. مير نور محمد خان آباد حصو ورتو. چوٿون جيڪو گهٽ آباد حصو پر گهڻو ڪشادو هو مير نصير خان ورتو. مير نصير خان هرطرف واهه کوٽايا ۽ پنهنجو حصو آباد ڪيائين. پنهنجي سخاوت ۽ همت جي ڪري ايران ۽ توران ۾ مشهور ٿيو. خداداد بخت جي ڪري ميرن کان گوءِ کٽي ويو. نظم ۾ مختار نامو لکيائين. طبيعت جو سخي ۽ دل و جان سان اهلبيت تان قربان هو. هينئر به سندس پٽ حسن علي

خان جي ڪري، نالـو روشن اٿس. سخاوت ۽ شجاعت وڏن ڪان ملبل اٿس. جڏهن اهو ڪلڪتي ۾ هو ته گهڻن شينهن جو شڪار ڪيائين. ننڍن جانورن ۾ هـرڻ جـو شڪار پسند ڪندو هـو. پوني ۾ ٻه هرڻن ۽ هرڻين جو شڪار ڪندا هئا. سنـڌ ۾ شينهن جو شڪار ڪيائين، جـو ان کان اڳ ۾ ڪنهن بـه بادشاهه ائين نه ڪيو. اهو جوان بخت اقبال ۽ جلال سان سلامت رهي.

مطلب ته، اهي مسلمان حاڪم هئا، جن ساداتن تي گهڻا احسان ڪيا. ان سان گڏ لطيفي درگاه سان بـه سندن سچي دل هئي. اي عبدالحسين! زماني جي شڪايت ڪرڻ مناسب ڪانهي.

—✻—

پاڻ پاڻئي ۾ دنياوي تڪبر آهي. اولياء صاحب اهو بيت پڙهي اٿي روانا ٿيا.

تحفةالڪرام ڪتاب جيڪو مير علي شير قانع ٺٽوي جي تصنيف آهي ۽ ڪتاب جو نالو به تاريخي آهي، جو ان مان ڪتاب جي شروعات جو سال نڪري ٿو. مصنف علي شير قانع ، اولياء صاحب جي زماني جو هو، جيتوڻيڪ ان ٿورو احوال لکيو آهي، پر اهو عين‌اليقين ۽ حق‌اليقين جي حيثيت رکي ٿو. جيئن چوي ٿو، پٽ شاه جي زمين هاله ڪندي جي تابع ۽ ان کان هيٺاهين طرف ٻن ميلن تي آهي. شاه عبداللطيف رحمةالله عليه جي قبر ۽ مدفن اتي جي عجائبات مان آهي. اهو بزرگ ”تارڪ“ جي لقب سان مشهور، سيد حبيب شاه جو فرزند ۽ سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي اولاد ۾ پوئير مان آهي. سيد حبيب شاه به الله وارو مرد ڪامل هو. جڏهن سيد حبيب شاه جي وفات ٿي ته سندس تاريخ وفات (ٺٽي جي مخدوم محمد صادق نقشبندي) هيٺين عربي عبارت مان ڪڍي: ”الموت جسر يوصل الحبيب الي لقاء الحبيب“ (١١٥٥هه) مطلب ته، موت هڪ پل آهي، جتان هڪ دوست ٻي دوست جي ديدار لاءِ پهچي ٿو. شاه عبداللطيف سان ولايت ۾ ڪو به هن زماني ۾ برابر ڪونهي. سندس ڪرامتون سج وانگر روشن آهن. رباني علم سندس سيني جي ڦرهي تي چِٽيل آهي. چون ٿا ، مرزا بيگ ارغون جي نياڻي شاه لطيف جي گهر واري هئي. جيتوڻيڪ پهريان مرزا بيگ ارغون، اولياء صاحب جو سخت مخالف ٿـي پيو هـو. جڏهن مرزا بيگ جي وفات ٿي ته، اولياء صاحب جي مريدن مان ڪنهن مريد، شاه جي حضور ۾ ان مرزا بيگ جي تاريخ وفات هن مان ڪڍي: ”بود خبيث“ (١١٢٤) . تنهن تـي اولياء صاحب فرمايو هيئن چؤ: ”يک مغل به بوده“ (١١٢٤هه). مطلب تـه ، هڪ سٺو مغل هو. حساب ڪيائون ته ، سندس سال وفات جـي صحيح تاريخ نڪتي. حق هي آهي ته، آمي شخص جو في‌البديهه

اهڙو جملو چوڻ ڪرامت کان خالي ناهي. جنهن ڏينهن حضرت اولياء صاحب هن جهان مان وصال ڪيو ته، سندس جدائي جي غم ۾ گهڻن مريدن جا پساه پورا ٿيا. سندس مزار مبارڪ ان پٽ تي عجيب روحانيت ۽ پاڪيزگي جي جڳهه آهي. سندس مزار تي عاليشان قبو آهي. جيسلمير جي راجا صبح ۽ شام جي وجت لاء نقارا نذراني طور ڏنا آهن. سندس درگاه تي عجيب روحانيت، فرحت، صفائي ۽ حضوري حاصل ٿئي ٿي. هينئر به سندس گادي نشين سيد جمال شاه ڪشف ڪرامت جو صاحب آهي ۽ ان سلسلي جا ٻيا ڪيترا مشهور خليفا ۽ فقير آهن.

نقل : چون ٿا هالا قوم جي مائهن جا ڪجھ گهر شاهپور شهر جي ويجها هئا. اتي وڏيرو ڏهيسر پليجو هو. ان ڏهيسر، شاه عنايت سان بدسلوڪي ڪئي ۽ شاه عنايت ان کي بد دعا ڪئي. ڏهيسر کي ان پاراتي جو اچي ڊپ ٿيو. جڏهن اولياء صاحب پٿائي جي اچڻ جو ٻڌائين ته ان کي دعوت ڏنائين. سندس خواهش هئي ته اولياء صاحب خير جي دعا گهري ته، ان پاراتي کان بچاء ٿئي. اولياء صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيائين ته، شاهه عنايت ناراض ٿي مون کي پٽيو آهي ۽ اوهان دعا گهرو ته ان پٽ پاراتي جو اثر ختم ٿئي. تنهن تي اولياء صاحب فرمايو ته، ”شاه عنايت درويش آهي. ان سان مٺو سلوڪ ڪرڻ واجب هو.“ هن وقت ان شهر ۾ راهوجن جا هڪ ٻه گهر آهن، ٻيو سڄو شهر ويران پيو آهي.

اولياء صاحب راهوجن جي ڳوٺ ۾ رات جي وقت پهتا. جيئن ته ان ڳوٺ ۾ خرابي، بيحيائي بدڪرداري گهڻي هئي. ڳوٺ وارن نئي گهريو ته ٻاهريان ماڻهو اتي رات رهن. ڳوٺ جي زالن ۽ مردن، اولياء صاحب جي جماعت سان نه رهايو. جڏهن صبح ٿيو ته، اولياء صاحب هي بيت چئي روانا ٿيا:

راهوجن ۾ رات، قادر پوي نه ڪنهن جي،
رنون رب رلائيون، آهر اگلي ذات،
پليجن مان پاڻ، پرجي آئي پٽ جي.

# نظم جو مطلب

وڏي شان وارو عبداللطيف - پروردگار جـو خـاص ٻانهو عبداللطيف - زمين آسمان ۾ عبداللطيف جي درياء جو فيض جاري آهي. لاهوت کان ٻہ ان جو لطف وڏو آهي. ننڍي وڏي جو هادي عبداللطيف آهي. عبداللطيف اختيار وارو آهي جو ناسوت وارن کي نور تائين رسائي ٿو. خالق جي خيال ۾ جيلان جو سير عبداللطيف ڪيو. حـال ۽ قـال جو صاحب رازدار عبداللطيف آهـي. پنهنجو لا مڪان ۾ هيئر مڪان اٿس ۽ زمين تي عبداللطيف جي مـزار آهي. نفس کي عبدالحسين ماري سگهي ٿو، جڏهن عبداللطيف جو لطف مددگار ٿئي.

—※—

# حڪايت ٢٩

حضرت اولياء صاحب جي انهن فقيرن جو احوال جيڪي ناماارا درويش، سچا مريد، جانثار وفادار فقير آهن ۽ خوش قسمتي سان لطيفي حضور ۾ حاضري جو شرف حاصل ڪيو هئائون.

(١) ميان "نورمحمد وائـي وارو" - "وائي" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو "اڏيري" (لال) عـرف "شيخ طاهر" جي گنبذ جي ويجهو آهي. "اڏيري" جـي هندو پوڄا ڪندا آهـن. ميان (نورمحمد وائي وارو) حضرت اولياء صاحب جو استاد به هو. جنهن کان رکـو "الف" سکيو هئائون. ان جـو احوال حڪايت نمبرهين ۾ درج آهي. اهو بزرگ ذات جو "پٽي" هـو. هن وقت سندس پونير مان تي چڱا چڱي ڳڻ وارا آهن. هڪڙو ميان حسين سرود وڄائڻ ۽ لطيفي ڪلام جو مشهور حافظ آهـي. ٻيو ان جو پاڻ ميان محمد، هي ٻئي چڙا آهن. ليون طريقت جـي منزلن جو واقف ڪار، حقيقت جي مرحلن جو ڄاڻو، الله جو پيارو ميان احمد آهي. هن وقت قحط‌الرجال جـي دور ۾ به تصوف ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. تصوف ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي اٿس. بيشڪ ظاهـر ۽ باطني علم ۾ ڪماليت وارو آهـي. جواني جـي ڏينهن ۾ شادي ڪئي هئائين. سندس گهر واري وفات ڪري وئي. پاڻ مجرد آزاد ۽ بي ثمر آهي. ليٽي چڱا پٽ شريف تي فارغ‌البالي خوشحالي سان ڏينهن پيا گذارين. الله تعاليٰ سندن عمردراز ڪري، جو انهن کان پوءِ سندن ڪو به پونير ڪونه رهندو.

(٢) ميان محمد عالم ديانه، جيڪو حضرت اولياء صاحب جي والده جو پاٽيجو هو. سماع ۽ ذڪر جو ڪم ان جي حوالي هو. چون ٿا ته، اولياء صاحب کان پوءِ سيد جمال شاه جي لطيفي مسند جي پهرئين گادي نشين مقرر ٿيڻ تي ان جي برخلاف تـي

پيو ۽ ٻين سادائن جو طرفدار هو. وقت جي حاڪم، سيد جمال شاه جي اشاري سان ان کي قابو ڪيو ويو، پر سنت ٿي آزاد ٿيو. مشهور آهي ته، گاديءَنشين (سيد جمال شاه) سان سندس ايترو ته بغض پيدا ٿيو جو سندس وفات جي وقت جڏهن سيد جمال شاهه ان جي مٿان اچي بيٺو ته، آن مهل به پنهنجو منهن ان کان ڪٽي ڦيرايائين ۽ جڏهن وري (جمال شاه) آن پاسي کان آيو تـه، وري به ڪٽي منهن ٻي طرف موڙيائين ۽ ان حالت ۾ ئي وفـات ڪري ويـو. هينئر ان جو جانشين خليفو "چتو" نيڪ اخلاق وارو آهي.

(٣) ميان عبدالواسع سالارو. (٤) سڪر فقير ڏيرو. (٥) اسماعيل فقير سمو پٿي پور وارو. (٦) سيد نهال شاه (٧) اسماعيل فقير ڏيرو (٨) اڄن فقير (٩) ڪمال فقير سنهريـو (١٠) ورو فقير عـرف "وڳند". رسالي جي سر بلاول جي آخري داستان ۾ ڪجھ خوش‌طبعي جا بيت آن جي نالي فرمايا اٿن. هڪ بيت هي آهي:

اسور سندو آسرو، وڳند کي وڏو،
ڏـڻ ۾ جڏو، پر ڪاٺڻ تي ڪڙيا ڪٽي.

مطلب تـه، "وڳند" کي صبح جي مانـي ڪاٺڻ جو گهڻو آسرو آهـي. ڏـڻ ۾ ڏيرو آهي، پر ڪاٺڻ تي ڪڙيون تو ڪٽي.

(١١) نورمحمد ابڙو وينل ڪانري مڪان (١٢) سيد سائينڏنو متعلوي موسه پوٽو. هي سڀ حاضري ۾ مقرر رهندا هئا.

(١٣) احمد فقير سمو، اصل وينل کهلي. اولياء صاحب جي چنگل گهوڙيءَ جو خدمتگار هو. (١٤) محمد رحيم فقير خاص منشي هو. (١٥) عمر فقير سهتو، جنهن اولياء صاحب جي ننڍي هوندي پرورش ۽ خدمت ڪئي هئي. (١٦) عنايت وساڻ، اولياء صاحب جو جت هو، ڪجاوي کي ونندو هو. (١٧) عبدالجميل فقير آنڙ، تسبيح مصلو ان جي حوالي هـو. اولياء صاحب جي نماز جـو بندوبست ڪندو هو يعني ظاهري عبادت جـو سامان ان جي حوالـي هـو. (١٨) وهيو فقير، ڪتن جو نگهبان هـو. جيئن تـه ٻـه ڪتا هڪ

# نظم جو مطلب

وڏي مرتبي وارو عبداللطيف، رب جـو پيارو عبداللطيف آهي. هرشخص سندس فيض کان مراد وند ٿيو آهـي، ڪرم جـو درياء عبداللطيف آهي. لاهوت جو رهنما، بيشڪ عبداللطيف جـو فيض اتم آهي. مئل دلين کي عبداللطيف پنهنجي دم سان زنـده جاويد ٿو ڪري. خاڪين کـي هدايت جي واٽ تـي آندائين؛ شيطان تي به عبداللطيف سختي ڪئي آهـي. زماني جي پڙ تي باطل حرفن کي عبداللطيف جـي هڪ ئـي قلم ميٽي ڇڏيـو آهـي. نفس کي عبدالحسين شڪار ڪندو، جڏهن ته تي عبداللطيف ڪرم ڪري!

—※—

# حڪايت ٣٠

سيد حاجي غلام محمد شاهه "گدا" خراساني سيد ۽ اسانجي خاندان جو مدح گو شاعر آهي. ان کان روايت آهي ۽ ڪن فقيرن کان ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته، حضرت اولياء صاحب کي ٻه پينرون هيون. هڪ متيارين جي موسه پاڙي سيد جي نڪاح ۾ هئي، ان مان نياڻيون ٿيون ۽ هڪ پٽ سيد فقيرالله شاه ٿيو، جيڪو جواني کان اڳ ۾ گذاري ويو.

ٻي بي بي سگهوري منياري جي سماباڻي پاڙي سيد جي گهر ۾ هئي. چئي نٿو سگهجي ته، اهي پينرون اولياء صاحب جون سڳيون پينرون هيون يا اولياء صاحب جي ڏڪي پاڻ جمال شاه جون پينرون هيون ۽ انهن جي شادي سيد حبيب شاه جي حياتي ۾ ٿي هئي.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو ته، آئون تنهنجي رضا خدا کان طلبيان ٿو. ڏس ته آئون خدا کان توکي گهوليان ٿو. تون مونکي ڪرم جي وات کان گهول ته، آئون توکي وفا جي وات کان گهوليان. قيامت جي ڏينهن ڇوٽڪارو آئون علي رضي الله عنه جي اولاد کان ٿو گهوليان. عبداللطيف جو لطف ٿو گهران. ان مرشد ۽ اڳواڻ کان فيض جو طالب اهيان. آئون صدق ۽ يقين سان عبدالحسين آهيان. شاه ڪربلا جي مددگاري ٿو گهوليان.

ڏيندو هو.

جيڪو نذرانو ملندو هو، اهو اولياء صاحب جي سامهون محمد عالم ڪٺندو هو ۽ ان مان جماعت جو خرچو هلائيندو هو، جيڪڏهن محمد عالم حاضر نه هوندو هو ته، بي ڪنهن کي مجال نه هوندي هئي جو نذرانو کڻي. اولياء صاحب لٺ جي چوٽي سان پيسن کي زمين ۾ پوري ڇڏيندا هئا، جو هينئر به برسات جي مند ۾ ماڻهو پيسا لهندا آهن.

## نظم جو مطلب

ماڳي چوي تو ته، مون کي حڪايت سان مطلب آهي. مون کي شڪايت منظور نه آهي، پر جيڪي خبرون مونکي مليون، انهن کان گهٽ وڌ نه، ڪيم. اوجهڙ ۾ خطرو آهي. سچ ۾ ڪهڙو ڏپ آهي. اي عبدالحسين! تون صاف صاف چئو، جيڪو ڏاڙ ۽ ڀٽاڪ کان صاف هجي.

—*—

# حڪايت ٣٢

”واحد ڏنو“ فقير اسي سالن جو هو، ان کان ميان حسين ٻڌو، جنهن جي چوٿين پيڙهي ميان ”نورمحمد وائي واري“ سان ملي ٿي. ميان حسين پاڻ سٺ سال جو آهي. عجب شخص آهي. اولياء صاحب جو گهڻو ڪلام ياد اٿس. لطيفي سرود ۾ ٻيو ڪو به فقير سندس برابري نٿو ڪري سگهي. ان ٻڌو ته ”واحد ڏني“ فقير اولياء صاحب جي زيارت حاصل ڪانه ڪئي، مگر چيائين ته مون ”نوڙهي“ قوم جي هڪ ماڻهو کي ڏٺو هو، جيتوڻيڪ وڏي ڄمار جو هو، پر طاقت وارو، جوانن سان چنبي جي زورآزمائي ڪندو هو. نظر به سندس چٽي هئي . ان جا ڏنـد به سلامت هئا. مون کي جڏهن لطيفي لباس ۾ ڏٺائين تـه، تمام محبت سان پيش آيو ۽ ٻڌايائين تـه، مـون هنن گنهگار اکين سان حضرت اولياء صاحب کي ڏٺو هو. ديدار جي دولت حاصل ٿيم ۽ فيضياب ٿيس. اُن وقت منهنجي عمر پنجٽيهه سـال هئي. هن وقت جتي ”ٽنڊو قيصر خان نظاماڻي“ آبـاد آهي . اتـي اولياء صاحب جماعت سان آيا هئا. سندس اچڻ جي خبر آسپاس پکڙجي وئي . جيئن ته آئون مسڪين ماڻهو هوس، گهڻو قرضي به هوس، گهريم ته رزق جـي ڪشادگي واسطي دعا لاءِ عرض ڪيان . سندن خـدمت ۾ ويس. آداب بجا آڻي ويٺس. ڏٺم ته نوراني جسم آهي. فقير نيرن جـي ماني کائڻ ۾ مصروف هئا. پاڻ نظارو ٿي ڏٺائون . جڏهن فقير کائڻ پيئڻ کان واندا ٿيا. حضرت اولياء صاحب ڪمال ڪرم سان انهن کان پڇيو تہ، ماني جي ضرورت آهي يا بس . سڀني چيو تـہ ڍؤ آهي. ان کان پوءِ حضرت اولياء صاحب پنهنجي اڳيان ماني رکي. هٿ ڌوئي مون کي سڏيو ۽ پاڻ سان ماني کائڻ جو حڪم فرمايائون. ادب کان گهڻو انڪار ڪيم، پر قبول نہ ڪيائون ۽ فرمايائون:

بيگ ارغون جي نيالي جون اکيون اٿي پيون، اکين ۾ گهڻو سور هوس. مغل بيگ مرزا، سيد حبيب شاه جو معتقد هو، ان ڪري ادب احترام سان احوال ڪري تعويذ گهريائين. سيد حبيب شاه تعويذ لکي مغل بيگ مرزا کي هٿ ۾ ڏنو. ان وقت مغل بيگ تعويذ هٿ ۾ ورتو ته، اولياء صاحب جي هٿان ڪمان مان تير ڇٽي ويو. سڌو تعويذ جي وچ ۾ وڃي لڳو. مرزا جي هٿ کي ڪجهه به ڪونه ٿيو ۽ تعويذ جي وچ ۾ سوراخ ٿي پيو. پوءِ اولياء صاحب فرمايو ته، خدا جو حڪم خطا نه ٿو ٿئي. ان وقت ڪنهن کي گمان به ڪونه هو ته، هي ڪهڙي فال آهي ۽ ڇا ٿيندو، مگر گهڻي مدت ڪانپوءِ اها پاڪدامن بي بي اولياء صاحب جي نڪاح ۾ آئي. جيئن انهن ڳالهه ۾ ان جو احوال لکيل آهي.

نقل آهي ته، حضرت اولياء صاحب پنهنجن فقيرن کي تمام گهڻو تاڪيد سان فرمائيندا هئا ته، رات جو جاڳي عبادت ڪن ۽ ڏينهن جو روزا رکن. پوئين رات سجاڳ ٿيڻ ۾ لذت آهي ۽ اهو وقت برڪت پريو آهي.

بيت

جاڳڻ منجهان جس، الله آهي حن کي
لاهيجا لطيف چئي، متان قلب ڪس
ورنه ڪجا وس، صبح سان سيد چئي.

مطلب ته، انهن کي بيداري ۾ الله تعاليٰ طرفان آفرين ۽ جس آهي ۽ جاڳڻ سان قلب تان ڪس ۽ ڪٽ لهي ٿي. اي بهادرو! اوهان کي ڪوڙي صبح مهل (پوئين رات عبادت جي) همت جو داد ڏنو ويندو. متان ان وقت غفلت ۽ ننڊ ۾ رهو.

نقل آهي ته، اولياء صاحب سناسين ۽ جوڳين جي جماعت سان ساندهه ٽي سال گذاريا هئا ۽ جبلن جو سير سفر ڪيو هئائون.

نقل آهي ته، جڏهن اولياء صاحب پٽ شريف تي اچي ويٺا ۽ فيض جاري ڪيائون ته، گهڻو ڪري بهار جي مند ۾

نالي ڇڏي هئائون، باقي رهيل هئي ۽ ٻيا وار ان چوٽي جي پير ۽ پاڙي ۾ هئا، ان ڪري پاڙيسرين جي نگهباني ضروري هئي. اهو ڪلام اصل سنڌي ۾ لکجي ٿو ته، ”شاه صاحب! پاڙي جي پارت اٿو.“ جڳائي ته ٻيا وار به ختم نه ٿين گهرجن. جيڪو رومال ٻي فقير آندو هو، ڇوڪري جي مٿي تي مهٽي ٻڌي ڇڏيائون. تنهن تي ان رومال ڏيندڙ فقير عرض ڪيو ته، منهنجي دل جو ارادو هو ته، هي رومال ڪجهه ڏينهن اوهانجي هٿ ۾ هجي ها. حضرت اولياء صاحب ته ڇوڪري کي ڏئي ڇڏيو. حضرت اولياء صاحب فرمايو ته، تنهنجي رومال اسان کي آٿ ڏياريو، اچا به ناراض ٿو ٿين.

## نظم جو مطلب

سانگي ڇوي ٿو، خدا کان فنا بعد محبوبن جي گهٽي ٿو گهران. نفس جي لالچ پٺيان روضئه رضوان نٿو گهران. آئون ان گل جو عاشق بلبل آهيان، جنهن ۾ علي رضي الله عنه جي بوءِ آهي. آئون چپ نه آهيان جو بس ويران گهر کي گهران. جيڪڏهن يقين آهي ته ڪون مڪان ۾ ان جو مظهر آهي، بتخاني ۾ وڃي به ايمان جي دولت گهرندس. آئون عبدالحسين ان زماني جي بادشاه جي دروازي کان، سندس پيرن جي پاڪ مٽي کي هر درد لاءِ دوا گهران ٿو.

—*—

# حڪايت ٣٤

جڏهن اولياء صاحب ذات ڪان صفات ڏانهن موٽيا يعني وصال ڪيائون. سيد جمال شاه کي گهرائڻ لاءِ قاسم فقير "ونگ ولاسه" طرف ويو. سيد جمال شاه آيو. ميان نورمحمد ڪلهوڙو جو وقت جو حاڪم هو، تنهن ولايت جي دستار (جمال شاه) جي مٿي تي ٻڌائي. ميان غلام شاه طلائي تلوار نذر ڪئي ۽ سيد جمال شاه گادي نشين بڻيو ۽ لطيفي روضي جي تعمير ڪرڻ لڳو. (سيد جمال شاه) ١٢٠٤ هجري ۾ هن فاني جهان مان موڪلائي بقا واري جهان ۾ منزل انداز ٿيو. ان پنهنجي دؤر ۾ سهڻي نموني مرشدي جو فيض ڏنو ۽ فقيرن سان سٺو ورتاءُ ڪيو. جڏهن وقت جي حاڪم کان گادي نشيني جي سند حاصل ڪري پٽ شريف تي پهتو ته، لطيفي فقيرن ۾ ماتم جو غوغا ۽ جدائي پريشاني ۾ هئا.

جنهن وقت اولياء صاحب معلوم فرمايو ته، هن فاني جهان مان جلدي وڃڻو آهي. ان ڪري فقيرن سان اهو حال ڪيائون ته، جن ڪپڙن ۾ آئون محبوب (حقيقي) تي ساه قربان ڪيان، مون ڪانپوءِ اهو لباس جنهن جي بدن تي ڏسو ته، ان جو ادب ضروري ڄاڻجو. اهي (اولياء صاحب) جيا ڪپڙا محبت فقير کي مليا. محمد عالم ديهاني جي مرضي هئي ته، اولياء صاحب جو پائيجو هن (گادي نشيني ۽ ڪپڙن پهرڻ) جهڙي وڏي رتبي سان سرفراز ٿئي — ۽ محبت فقير وري سيد جمال شاه سان ٻڌل هو. ٻئي خليفا وڏي پهچ وارا هئا، پر محبت فقير اولياء صاحب جي اها پوشاڪ سيد جمال شاه کي پهرائي ۽ بلند آواز سان چيو ته، "اي فقيرو! هن ماڻهو کي سڃاڻو ته، جنهن لاءِ اولياء صاحب جي وصيت آهي ۽ ان اولياء صاحب واري پوشاڪ پهري آهي.

اوهان کي ان جو ادب ڪرڻ واجب آهي. اولياء صاحب جي لٺ مبارڪ کي ڏسو، جيڪا ان جي هٿ ۾ آهي"

لطيفي فقيرن جڏهن ان پڪي نشاني کي ڏٺو ته، پتنگ وانگر حق جي حسن تي جيڪا پاڪ نور کان شمع روشن هئي گهور ٿيا. اُن تي ڪِري پيا ۽ بيعت ڪيائون. هڪ سؤ ست جنگي ماڻهو "سالاره" قوم جا هٿيارن سميت وقت جي حاڪم طرفان سيد جمال شاه جي پهري لاءِ مقرر ٿيا. ڇو ته دشمني تمام گهٽي وڌي وئي هئي ۽ پيا سادات سيد جمال شاه جي مخالفت جو دم هڻڻ لڳا ۽ محمد عالم به انهن مخالفن سان گڏ هو، جيئن حڪايت ستاويهين ۾ لکيل آهي ـــ محبت فقير کان پوءِ "تمر فقير" جي مسند خلافت تي آزادي پسند ۽ سرود وارن جو سردار بڻيو ۽ درويشي لباس پهرڻ لڳو.

## نظم جو مطلب

اِتم فيض جو مصدر عبداللطيف آهي. لطف ۽ ڪرم جي کاڻ عبداللطيف آهي. جدا مڪان کان لا مڪان تائين سالڪن ۽ عارفن جو سرواڻ آهي. صورتن ۾ ان جي نور جو عڪس هو، ڇو ته ان جو مخفي به ظاهر هو. ان جي پاڪ ذات صفات کان معنوي هئي، پر ان کان ممڪنات جو ظهور ٿي رهيو هو. وري جڏهن ان جو نور نور سان روشن ٿيو ته، طور جبل جي مٿان ان جي تجلي پئي. ورِي ذوق ۾ پهچي ذوق کٽي ويو. ان جي شاهاڻي شرق لامڪان تي فوق ورتو، حلول ۽ اتحاد کان پاڪ آهي. جهان ۾ ارشاد ۽ هدايت تو ڏني. ان کانپوءِ اي عبدالحسين! ان دين جي بادشاه عين اليقين کان حق اليقين لڌو.

# حڪايت ۳۵

روايت آهي تہ، حضرت اولياء صاحب سنڌ جي جبلن ۾ سناسين سان گڏ سير سفر ڪري رهيا هئا. سناسي هڪ هندو قوم آهي: جيئن اڳ ۾ ستين حڪايت ۽ ٻيٽيهين حڪايت جي خلاصي ۾ نقل ٿيل آهي. چون ٿا تہ، هڪ ڏينهن اولياء صاحب سناسين جي جماعت سان سفر ۾ ڪيو، جو انهن مان هڪ سناسي بيمار ٿي پيو. جيئن سناسين جو شيوو هو تہ، جيڪڏهن ڪو سفر ۾ جماعت مان بيمار ٿي پيو ۽ هلڻ جي طاقت نہ رهيس تہ، ٻيا ان جو اوسيئڙو نہ ڪندا هئا. اتفاق سان انهن مان هڪ بيمار ٿي پيو تہ، ٻين رفيقن ان جو خيال نہ ڪيو. حضرت اولياء صاحب سنگت جي حق جو خيال رکي، ان جي سنڀال ڪرڻ لڳا. جيئن تہ ان رڻ پٽ ۾ آن ۽ پاڻي عنقا پکي وانگر (اڻ لڀ) هو. ان ڪري اولياء صاحب وٽ جيڪو سمر هو، ان مان پوراڻو ڪيائون. جڏهن اولياء صاحب جي نظر فيض اثر ان بيمار تي پئي تہ، جلدي اڳهو سگهو ٿي پيو.

ٻنهي گڏجي واٽ ورتي ۽ سناسين کان اڳ ۾ وڃي منزل مقصود تي پهتا، ۽ ٻيا سناسي پنجن ڏينهن کان بعد اتي رسيا. اهي حضرت اولياء صاحب ۽ پنهنجي سناسي ساٿي کي سلامت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. حضرت اولياء صاحب کي "گرو" جو لقب ڏنائون. يعني پنهنجو سرواڻ ڪري مڃيائون ۽ ان ڏينهن کان وٺي اهو طريقو اختيار ڪيائون تہ بيمار کي راه ۾ هرگز اڪيلو نہ ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن اتفاق سان منزل خطرناڪ هوندي هئي ۽ ٻيا ڪوچ ڪندا هئا، تہ بہ انهن جو اڳواڻ ان بيمار سان رهي پوندو هو.

نقل ۲- روايتن ۾ آيو آهي تہ، هڪ ڏينهن اولياء صاحب

۽ جسم جو نشان به ڏسڻ ۾ نٿي آيو ۽ فقيرن جيڪي رمز جا چاٿو هئا، انهن لطيفي سرود جنهن ۾ بقا ۽ اميد جو رنگين مضمون ڳائڻ شروع ڪيو ته، آهستي آهستي رب جي پياري جو وجود جيئن اڳ هو ائين ٿي ويو.

نقل ٦- چون ٿا تہ، پٽ شريف جي ويجهو ”جانـي“ نالي ذات جو ”ڏيرو“ زميندار رهندو هـو. جيڪو هرڊيرو اولياء صاحب سان دلي ڪدورت رکندو هو. هڪ ڏينهن اولياء صاحب ”بلال شاه“ شهر کان پنهنجي جماعت سان پٽ شريف ڏانهن اچي رهيا هئا. واٽ تي ڏٺائون تہ، سوٽا مينهون ڪوڇي ۾ چري رهيون آهن. هڪ ڇوڪري ويٺي انهن جي نظرداري ڪئي. پاڻ ان ڇوڪري کان نالو پڇيائون. تنهن تي ان ڇوڪري ادب ادا ڪرڻ کانپوءِ عرض ڪيو تہ، منهنجو نالـو ”عنايت فقير“ ۽ وڏيري ”جاني ڏيري“ جـو پٽ آهيان. هنن مينهن کي چاريندو آهيان. اولياء صاحب تہ آتان واٽ وٺيو هليا آيا، مگر عنايت کي لطيفي عنايت نہ ڇڏيو ۽ مينهن کي آتي ڇڏي لطيفي فقيرن جي صحبت ۾ ٿي پٽ شريف تي پهتو.

جڏهن جاني ڏيرو پٽ جي وڃڻ کان واقف ٿيو ۽ يقين ڪيائين تہ سندس پٽ اولياء صاحب جي خدمت ۾ وڃي رهيو آهي سو ڪاوڙ ۾ تپي باه ٿي ويو. گهڻي بڪ ڪرڻ کانپوءِ پنهنجن نوڪرن ۽ هٿيارن سان پٽ شريف تي پهتو ۽ فقيرن کان سندس پٽ جي اچڻ جو سبب پڇيائين. کيس جواب مليو تہ، ڪنهن بہ ان جا هٿ نہ ٻڌا آهن ۽ نہ ورني بند ۾ آهي. جيڪڏهن ان کي وٺي وڃو تہ، ڪنهن جي جهل ڪانهي. چون ٿا هـو ست ڀيرا پٽ کي وٺي ويو ، پر عنايت موٽي نـي آيو. جڏهن اٺين ڀيري ”جاني“ پٽ شريف تي پهتو تہ ان وقت عنايت، اولياء جي خدمت ۾ ويٺو هو. حضرت اولياء صاحب وڏيري جانـي کي فرمايو تـہ ، ”تون پٽ کي اسان وٽان ورتي، وري وٺي وڃڻ سولو تو سمجهين“

# نظم جو مطلب

سانگي ڇـوي ٿـو، منهنجي طبيعت مجازي عشق مـان حقيقي عشق تي ڪري، زماني جي عقل واري حد کان پير ڏگها ٿـي ڪري، اعليٰ شرافت ۽ منزل وارو مـرشد عبداللطيف آهـي. منهنجو قلم ان جي تعريف جا نقش ٿـو چٽي. اهـو اهڙو استاد آهي جو سندس ارشاد جي مڪتب جو طالب بي تڪلف لاهوت ۾ راند ٿو ڪري، بنا ڪنهن شڪ جي ان جي منزل هاهوت باهوت آهي، پر ناسوت بہ، غريب نوازي ٿـو ڪري، سندس تعين لا تعين آهي، ڪرم سان ناسوت جـي بہ ڪارسازي ٿـو ڪري، سالڪن واسطي اهو راهہ هدايت جو هـادي، ترقي ۽ تنزل ۾ بہ ڏڪ ڊوڙ ڪري ٿو، هميشه واري هستي ان نيستي جي واٽ کان ورتي آهي. نياز سان رهي آخر بي نيازي ٿو ڪري، ان جي در تي عبدالحسين اياڙي ٿو ڪري.

—※—

# حڪايت ٣٦

سچن راوين کان روايت آهي ته، لطيفي درگاه جو "ميان تماچي فقير" ڪيچ جو رهاڪو اولياء صاحب جو پيارو درويش هو. جنهن ڏينهن کان مريد ٿيو هو ته، ڪيس اولياء صاحب جو حڪم ٿيو ته، سنڌ ۾ نه اچي ۽ "ڀٽ شريف" جو ارادو نه ڪري. جڏهن اولياء صاحب جي وصال جا ڏينهن ويجها ٿيا تہ ان کي پاڻ وٽ گهرايائون ۽ پنهنجي خدمت ۾ رکيائون.

نڪتو ٢- هڪ ڏينهن اولياء صاحب ٻگهين جي شهر ۾ آيا. الياس فقير پنهنجي مينهن جو کير ڏهي رهيو هو. اولياء صاحب اهو تماشو پي ڏٺو ته، الياس فقير پهريان ڦرن کي مائرن ڏانهن ڇڏيو. جڏهن ٿڻن ۾ کير آيو ته، زور سان ڦرکي ڇڪي پري ٻڌي پاڻ کير ڏهڻ ۾ مصروف ٿي ويو. اولياء صاحب فرمايو ته، خدا جي واسطي اهڙو ظلم روا نه رک. ڇو ته کير خاص ڦرن جي پالڻ لاءِ آهي پنهنجي بخيلي لالچ کان انهن کي الله تعاليٰ جي ڏنل نعمت کان محروم نه ڪجي. پهريان انهن کي ڇڏيو ته، پنهنجي پورت ڪن. پوءِ جيڪي بچي سو پنهنجي لاءِ ڏهجي. ڇو ته اسان به انهن جي صدقي کير ٿا پيون. الياس فقير گهڻو چيو ته، مينهن يا ڦر هڪ ڦڙو کير جو نه ڇڏيندا، جو اوهان کي ڏيان ۽ حق پرست جماعت ۾ ورهايان. پاڻ فرمايائون ته، 'اڄ اسانجي چوڻ تي عمل ڪر.' جڏهن ڦر ڇڏيائين ته، سڀ کير پي ويا ۽ پوءِ به خالي ٿڻن کي چوسيندا رهيا ۽ کير جو ڦڙو به نه ڇڏيائون. اولياء صاحب فرمايو ته، طالب کي به ائين ڪرڻ جڳائي، جو طلب ۾ ڪنهن به طرح ڪوتاهي نه ڪري.

نڪتو ٣- چون ٿا ته، ڪنهن شخص سندن خدمت ۾

جو سير ڪري پٽ شريف تي موٽي آيا. تماچي فقير ان وقت اولياء صاحب جي مريدي جو شرف حاصل ڪيو هو.

## نظم جو مطلب

سانگي چوي ٿو، بيڪار ناهيان جو عشق سان منهنجو ناتو آهي. بي يار ناهيان جو جڏهن منهنجو يار منهنجو مددگار آهي. جڏهن ذرن کي پاڻ کان روشني هجي ته هي جهان به منهنجي محبوب جي نور جو مظهر آهي. هي بلبل سخن جي باغ جي مدح خوان ٿئي. بس تڙپيل گلن وانگر منهنجي بهار اچي. پير فلڪ جڏهن منهنجي اهڙي روان طبيعت ڏٺي ته لطف سان عقل ثريا مون تي قربان ڪيائين. مون غزل ۾ هرڻن جا مضمون ورتا آهن ته، جيئن شاعر منهنجو شڪار ڏسن. شاهه جي تعريف ۾ دلچسپ نسخو چيو اٿم ته، پڇاڙي واري ڏينهن کان فارغ ٿيس. سيد عبداللطيف شاه زماني جو قطب آهي. ان جي تعريف تي مون کي هزار ناز آهي. هي ڪتاب هينئر ختم ٿيڻ تي آهي. آئون پروردگار جا هزار شڪر چوان ٿو. عبدالحسين واعدي جو گل هٿ سان ڏنو. هينئر منهنجو ڪندو تسڪين پذير آهي.

—*—

# تاريخن جـــو ضميمو

## جناب فيض ماب سيد عبدالڪريم شاه بلڙي وارو

ولادت: مٽياري شريف، سن ٩٤٤هه مطابق سن ١٥٣٧ع ۾.
آخري آرامگاه: بلڙي شريف.
وفات جـو سال: سن ١٠٣٢هه مطابق سن ١٦٢٣ع.
تاريخ ولادت منظوم: سال تـولـيد جناب سيد عبدالڪريم
گفت روح‌القدس فخر دين بگو تاريخ او

٩٤٤

ترجمو: سيد عبدالڪريم جي ڄمڻ جـو سال، روح القدس چيو تہ 'فخر دين' ان جي تاريخ چئو.

تاريخ وفات: جناب سيد عبدالڪريم آنکہ
ولي حـــق نما الحق مڪـرم
چو در خلد برين آرام فرمود
بہ تاريخش بگو فياض عـالم

١٠٣٢

مطلب تہ، سيد عبدالڪريم ولي ڪامل حق ڏيکاريندڙ هو. جڏهن خلد برين ۾ آرام فرمايائين تہ، ان جي تاريخ 'فياض عالم' چئو.
(هن ٻئي تاريخون سيد غلام‌محمد شاه "گدا" جون چيل آهن).

## مرزا مغل بيگ ارغون

وفات جو سال: سن ١١٢٤هه مطابق ١٧١٢ع.
ان جي وفات جي تاريخ مرشد زمان سيد عبداللطيف شاه تارڪ جي چيل: "يڪ مغل بہ بوده" معني: هڪ سٺو مغل هو.

١١٢٤

## حضرت سيد حبيب شاه

آخري آرامگاه : ڀٽ شريف.
وفات جو سال : سنه ١١٥٥ھ مطابق ١٧٣١ع
تاريخ وفات : "الموت جسر يوصل الحبيب الى لقاء الحبيب"
١١٥٥

يعني : موت هڪ پُل آهي، جتان هڪ دوست ٻئي دوست جي ديدار لاءِ پهچي ٿو.

(از ميان محمد صادق نقشبندي ٺٽوي)

## جناب ڪرامت ماب مرشد سيد عبداللطيف ڀٽائي

ولادت جي جاءِ : ڪوٽ ڀٽي پور، سن ١١٠٢ھ مطابق ١٦٩٠ع.
تاريخ ولادت : گدا سال توليد سلطان بهٽ
شنيدم زهاتف 'عنايت شعار'
١١٠٢

مطلب ته، گدا، ڀٽ ڌڻي جي ڄمڻ جو سال، هاتف کان 'عنايت شعار' ٻڌم.

(از سيد غلام محمد شاه "گدا")

آخري آرامگاه : ڀٽ شريف.
وفات جو سال : سن ١١٦٥ھ مطابق ١٧٥١ع.
تاريخ وصال : زد نعره در فراق و دگر کرد سينه چاک
'شد محو در مراقبه جسم لطيف پاک'
١١٦٥

مطلب ته، فراق ۾ نعرو هنيو ۽ پيو سينو چاڪ ڪيو، لطيف جو پاڪ جسم مراقبي ۾ محو ٿيو.

تاريخ وصال : گفت اين رجا مريد سن ارتحال پير
گرديد محو عشق وجود لطيف مير
١١٦٥

مطلب ته، مرشد جي لاڏائي جو سن، هن مريد ”رجا“ هي ڇيو، لطيف بادشاه جو وجود عشق ۾ محو ٿيو.

( هي ٻئي وفات جون تاريخون محمد پناه ”رجا“ نقشبندي ٺٽوي جون چيل آهن.)

تاريخ وصال : شـــاه صاحب ذوالمناقب سيـد عبداللطيف
آن که قطب وقت خود بودست در مردان حق
چون ز جام ارجعي مخمور نوش وصل شـد
گفت ملهم غيب ر بي رحلتش 'رضوان حق'

١١٦٥

مطلب ته، شاه عبداللطيف وهبي فيض جو صاحب، وقت جو قطب ۽ مرد حق هو. جڏهن وفات جي ڪري خماريل وصال جو پيالو پيتائين ته، سندس رحلت جو سال غيب ڪان 'رضوان حق' چيو.

## ميان نورمحمد عباسي والي سنڌ

مدفــن : محمد آباد.

وفات جو سال: سن ١١٦٧ه مطابق ١٧٥٣ع.

سندس وفات جو سال هيٺين آيت سڳوري مان ورتل آهي:

”لذالڪ الفوز الڪبير“ يعني هي واسطي وڏي ڪاميابي آهي.

## ميان غلام شاه عباسي والي سنڌ

مدفــن : حيدرآباد.

وفات جو سال : سن ١١٨٦ه مطابق ١٧٧٣ع.

تاريخ وفــات : ”ميان خفته“

—✻—

# آخري گذارش

جيئن تہ، زماني جي دانائن بہ پنهنجا يادگار ڇڏيا آهن. اهڙي طرح مون بہ هي نسخو "لطائف لطيفي" لکيو آهي. جنهن ۾ حضرت علي رضي الله عنه جي اولاد (اولياء صاحب) جو احوال آسان عبارت ۾ لکيو اٿم. مرشد زمان سيد عبداللطيف ڀٽائي "ڏاڪ" بابت لکيل هي ڪتاب تاريخ ١٠ ذوالقعد ١٣٠٥ هجري مطابق ١٩ جولاء ١٨٨٨ع، جمعي جي ڏينهن شام جي وقت لکجي پورو ٿيو. جنهن مان پڙهندڙن کي گهڻو سرور حاصل ٿيندو. جيڪڏهن ڪا خطا ۽ سهو ڏسن تہ، اها مهرباني ۽ عنايت جي دامن سان ڍڪن ۽ مصنف کي خير جي دعا سان ياد ڪن تہ، رب العالمين هن بنده عبدالحسين ٽالپور ولد مير عباس علي خان شهدادائي کي بسا جماعت، نبي ﷺ ۽ ان جي آل جي صدقي پنهنجي معرفت نصيب ڪري.

## تاريخ تصنيف سن هجري

پئي تاريخ اين تصنيف امجد
چو عقل من شده باعقل كل جفت
همه تن محو گشتم در تفكر
دهد هاتف بگوش اين مژده مفت
بروي استشاره بي دل نقص
'تواريخ لطيفي بي بدل' گفت
درين نسخه عجب عبدالحسينا
بسفتي پنجتن درهائي ناسفت.

مطلب تہ، هن تصنيف سڳوريءَ جـي تاريخ ڳولڻ پٺيان منهنجو عقل ڳولائو ٿيو ۽ گهڻي تفڪر ۾ محو ٿيس تہ، هاتف منهنجي ڪن ۾ هي مبارڪ ڏني :

”تواريخ لطيفي بي بدل“ (۱۳۰۵ھ)

عبدالحسين هن عجيب نسخي ۾ پنجتن جا وڪربل موتي پوئا آهن.

## تاريخ تصنيف سن عيسوي

بباغ سخن چـون رسيده بهار
مفرح وزيـده هـوائي نسيم
بتاريخ ايـن نسخه دل نـواز
شدم ملتجي من ز يـار قـديم
چو خواهان سن عيسوي من شدم
نـدا داد از غيب هـاتف عليم
ڪہ عبدالحسين از سرو پای ڪسب
شگفتہ گل تـازه و پـر شميم.

مطلب تہ، جڏهن سخن جي باغ ۾ بهار پهتي تـہ، تڏڙي فرحت ڏيندڙ نسيم جي هير لڳي. هن دلنواز نسخي جـي تاريخ واسطي پنهنجي آڳاٽي يار کي عـرض گذاريم ۽ جڏهن سن عيسوي جو خواهان ٿيس تہ، غيب کان علم واري هاتف هي نـدا ڏني تـہ، عبدالحسين محنت جي سر و پا کان خوشبودار ۽ تازو گل ڏوڙيو.
( ٻئي تاريخون سانگي جون چيل آهن.)

اڄ تاريخ ۱۰ ماه آگسٽ ۱۸۹۱ع مطابق تاريخ ۴ محرم سن ۱۳۰۸ھ شام جي وقت هن پنهنجي تصنيف ”لطائف لطيفي“

جو نسخو ميان وڏل علوي القادري سعيدپوري تخلص "حيدري"
کي يادگيري طور ڏنم.

چو با حبيب نشيني و باده پيمائي
به يـاد آر حريفان بـــاده پيما را

مطلب ته جڏهن دوست سان ويهين ۽ شراب ورهائين ته هر پيشي
شراب ورهائيندڙ کي به ياد ڪر.

— الراقم عبدالحسين عفي عنه

علمي پرنٽرس الڪرم اسڪوائر ڪراچي ۾ ڇپيو -